
پرهہ کان پهرين
ماهتاب محبوب

# پره کان پهرين

(ڪهاڻيون)

## ماهتاب محبوب

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب: پرھ کان پھرين

ليکڪ: ماھتاب محبوب

تعداد: ٻارھن سئو

ڇاپو پھريون: 31 مارچ 1973ع

ناشر: محبوب علي شيخ

ڇاپيندڙ: سيد مظفر حسين

ڇپيو: پرفيڪٽ پرنٽرز، حيدرآباد

ٽائيٽل ۽ ڊزائين: صديقي

قيمت: سادو ڪاغذ. خوبصورت جُلد سان 3 روپيا

اوڇو ڪاغذ، پڪي جُلد ۽ ڊسٽ ڪور سان 6 روپيا

ملڻ جو هنڌ:

**ارم پبليڪيشن**

313 ڊي، يونٽ نمبر 6، شاھ لطيف آباد، حيدرآباد، سنڌ

۽ سنڌ جا جملي بوڪ اسٽور

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران نامياري ڪھاڻيڪار ماھتاب محبوب جي شاھڪار ڪھاڻين جو مجموعو ”پرھ کان پھرين“ اوھان اڳيان پيش آھي.

ھي ماھتاب محبوب جي ڪھاڻين جو ڇپيل ٻيو مجموعو آھي، جنھن ۾ ارڙھن شاھڪار ڪھاڻيون شامل آھن. ماھتاب سنڌي عورت ڪھاڻيڪارن ۾ ھڪ نرالي ڪھاڻيڪار آھي. ماھتاب جي ڪھاڻين جا ڪردار نج ۽ سچا، سماج جي ريتن، رسمن ۽ ڪار وھنوار مان ڪنيل آھن. ماھتاب جي ڪھاڻيءَ جي ٻولي ۽ أسلوب نرالا ھوندا آھن.

ھي ڪتاب 1973ع ۾ ارم پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. ڪتاب جي ڪمپوز ۽ پي ڊي ايف ڪاپي سنڌ سلامت پاران سنڌي ادبي بورڊ جي سھڪار سان شيئر ڪجي ٿي.

**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# انتساب:

پنهنجي محبوب شريڪ محبوب جي نالي

**- ماهتاب محبوب**

# فهرست


- مهاڳ: روايت جي ابتڙ — امر جليل — 07

1. مهٽي مونکي — 09
2. چخ چخ — 24
3. جيئڻ ڪارڻ جيڏيون — 26
4. گڏهہ جي لت — 37
5. لڙڪن جو راز — 38
6. ڏنا ڏنپ — 39
7. ڪامريڊ صوف — 40
8. ذهنيت — 41
9. ڪرفيو ۾ — 42
10. ڪارو اڇو — 44
11. منويت — 44
12. چارڙ چَرندي — 53
13. گيٽ آئوٽ — 63
14. ويهہ ڏينهن — 68
15. نئين مارئي — 73
16. پرهہ ڪان پهرين — 78
17. يون ڦِرندي — 85
18. موڪلاڻي — 90

# مهاڳ: روايت جي ابتڙ

هڪ همعصر جڏهن پنهنجي دور جي ٻئي همعصر کي قبول نہ ڪندو آهي، تڏهن سندس ڪتاب جو مهاڳ لکندو آهي. پر، مون ماهتاب جي ذات کي هميشہ قبول ڪيو آهي. ان وقت بہ مان سندس فني قابليت جو قائل هوس، جڏهن هوءَ ماهتاب منور عباسيءَ جي نالي سان لکندي هئي، ۽ اڄ پڻ آهيان، جڏهن هوءَ ماهتاب محبوب جي نالي سان لکي رهي آهي. تنهن ڪري، ماهتاب جي ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ ڪوبہ مناسب سبب منهنجي سمجهہ ۾ اچي نہ سگهيو آهي.

عام حالتن ۾ ڪوبہ هوشمند شخص پنهنجي همعصر جي ڪتاب جو مهاڳ نہ لکندو آهي. جيڪڏهن لکندو آهي، تہ ڪيس پنهنجي مٿي تي هڪ عدد چهرو وينل محسوس ٿيندو آهي، جيڪو ڪيس خوامخواهہ افلاطون هئڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا رکندو آهي. مون پنهنجي مٿي تي ڪنهن بہ قسم جي چهري کي ويهڻ نہ ڏنو آهي. منهنجو رشتو ڌرتي سان آهي، ڌرتيءَ جي ماڻهن سان آهي. مان ماهتاب جي ڪتاب جو مهاڳ ان ناتي لکي رهيو آهيان، جو هوءَ ڌرتيءَ جي ماڻهن جون ڪهاڻيون لکندي آهي. عام ماڻهن جون ڪهاڻيون لکندي آهي. سمجهہ ۾ ايندڙ، سادي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيون لکندي آهي.

مهاڳ، دستور موجب، ڪتاب جي مواد تي لکيو ويندو آهي. پر مان، ان دستور جي خلاف ورزي ڪندي ڪتاب جي مواد تي نہ لکندس. ماهتاب جون ڪهاڻيون ڇپجنديون رهيون آهن. ڪيس پڙهندڙن جو وڏو حلقو آهي. مان پنهنجو رايو پڙهندڙن تي مڙهڻ نہ ٿو چاهيان. مان هميشہ ان حقيقت جو قائل رهيو آهيان، تہ نقاد ۽ مهاڳ لکندڙ کان وڌيڪ عام پڙهندڙ اهم آهي، جنهن جي ڪري، ۽ جنهن جي وسيلي ليکڪ زنده رهي ٿو: اُڀري ۽ اُسري سگهي ٿو. مان، تنهن ڪري ڪتاب جي مواد تي ڪجهہ نہ لکندس.

ٻارهن - چوڏهن سال اڳ جي ڳالهہ آهي! تڏهن ماهتاب جون ڪهاڻيون "نئين زندگي" رسالي ۾ پابنديءَ سان ڇپجنديون هيون، ۽ مان پنهنجي ڪا ڪهاڻي نئين زندگي رسالي جي صفحن تي ڏسڻ لاءِ سڪندو هوس. مان رسالي جي ايڊيٽر کي پابنديءَ سان ڪهاڻيون موڪليندو هوس ۽ هو ڏاڍي پابنديءَ سان ڪهاڻيون موٽائي موڪليندو هو.

ماهتاب جون ڪهاڻيون "نئين زندگي" رسالي ۾ ڏسي مان خار کائيندو هوس. مون کان جڏهن برداشت ٿي نہ سگهيو، تڏهن مون هڪ هفتيوار اخبار ۾ ماهتاب جي ڪهاڻي، "نئين زندگي" رسالي جي ايڊيٽر ۽ رسالي جي پاليسيءَ خلاف نجم شيرين جي نالي سان تنقيدي خطن ۽ مضمونن جو سلسلو شروع ڪيو. مخفي نالي سان لکيل منهنجن خطن ۽ مضمونن پڙهندڙن ۽ ماهتاب جي صحت تي ڪو اثر ڇڏيو يا نہ، تنهن باري ۾ مون کي ڪابہ خبر ڪانهي. باقي ڪجهہ پڙهندڙن کي منهنجو مخفي نالو، نجم شيرين ڏاڍو وڻي ويو. هنن مون کي ايترا تہ عشقيہ خط لکيا، جو مجبور ٿي مون کي نجم شيرين جي نالي سان لکڻ جو تنقيدي سلسلو ختم ڪرڻو پيو.

مون پنهنجي اصلي نالي، امر جليل، سان جلاوطن تي لکڻ جو فيصلو ڪيو. ان عرصي ۾ مون محسوس ڪري ورتو هو، تہ ٻئي همعصر تي تنقيد ڪرڻ ۽ ساڻ ڪائڻ سان پنهنجي حصي ۾ ڪروڌ کان سواءِ ڪجھ نہ ٿو اچي. مون هندستان جي سنڌي رسالن ۾ پابنديءَ سان لکڻ شروع ڪيو ۽ سالن تائين منهنجي تحرير سنڌ لاءِ سڪندي رهي.

مقصد سان سچائيءَ جو درس مون ڪي ماهتاب وٽان مليو. عام عورت جي سجاڳي، وهمن، سنسن، ۽ دقيانوسي روايتن خلاف جنگ جوٽڻ ماهتاب جي ڪهاڻين جو مقصد آهي. سندس طنز جو زهر ڪنهن ڪنهن وقت ايڏو تہ ڪڙو هوندو آهي، جو پڙهندڙ ماهتاب جي تحرير جي تلخي پنهنجي روح ۾ محسوس ڪندو آهي.

1947ع کان پوءِ، سنڌي ادب جي تخليقي ادب ۾ فقط ماهتاب ئي آهي جنهن پابنديءَ سان مسلسل ۽ لاڳيتو لکيو آهي. مسلسل ۽ لاڳيتو لکڻ سنڌي ادب لاءِ بلڪل نئين روايت آهي. ان روايت گهٽڻ ئي نقادن کي چرڪائي ڇڏيو آهي. سنڌي تخليقي اديب جي ادبي عمر پنجن کان ڏهن سالن جي وچ ۾ هوندي آهي. دنيا جي ٻين ٻولين جي اديبن جي ادبي عمر پنجويهن کان پنجاهہ ۽ سمر سيٽ مهام جي معاملي ۾ ستر سال آهي. ان لحاظ کان ماهتاب سنڌي تخليقي ادب ۾ لاڳيتو ۽ مسلسل لکڻ جي پيڙهہ وڏي آهي.

ماهتاب ضدي، ۽ پنهنجن فيصلن جي پابند رهي آهي. مان سمجهان ٿو، هن جڏهن کو سنڌي ادب ۾ لاڳيتي ۽ مسلسل لکڻ جي پيڙهہ وڏي آهي، تڏهن ان کي پختو بہ ضرور ڪندي، ۽ لکندي رهندي. تمام گهٽ پڙهندڙن کي خبر هوندي تہ ماهتاب منهنجي ڀيڻ آهي. نہ فقط ايترو، هوءَ منهنجي پياري دوست محبوب شيخ جي گهرواري پڻ آهي. ٻئي زال مڙس زور آور آهن. منهنجي مٿي تي ڇپرو ويهاري ڇيائون تہ، ”هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لِکُ“. مون ڇپرو اُڏاري ڇڏيو، پر سندن حڪم ٽاري نہ سگهيس. تنهن ڪري، هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ جيڪي ڪجھ لکيو اٿم، سو مهاڳ ناهي.

■

# مِٺي مونکي

ائي صدوري ڏس تہ ڪير آيو آهي" ڏيڏيءَ جي ٻاهران بگيءَ جي بيهڻ گهوڙي جي سنبن جو آواز ۽ هڻڪار ٻڌي رئيسياڻي پنهنجي شيدڻ نوڪرياڻي کي پريان ئي هڪل ڪئي. شيدڻ وٺي ڏيڏيءَ طرف ڊوڙ پاتي. ايتري ۾ ٻانهن جي ڪڙين جو ڪڙڪو ۽ پازيب جو ڇمڪو ٿيو. خبر تان پئي جو وڏيري گامڻ جي زال وڏيري يمان نروار ٿي. وڏي نٿ ڪاري ڏاوڻ سوڊو، هڪ هڪ پنڙو ڪن ۾، ست سَري دهري ٻُڇيءَ ۾ پائي، ڳري زال 'دلدل وانگر جُهومندي اڳتي آئي.

"ادي يمل يلي آئين، جي آئين!" رئيسياڻي غلام فاطمہ بہ ٿي تيز وکون پريندي، وڏيري کي ياکر وجهندي ڏاڍي قرب سان ڪيڪار ڪئي.

"منهنجي دلبر ڀيڻ، تنهنجو منهن ڇو لٿو پيو آهي، ڳاڙهي انب جهڙي، صفا هيڊي ٿي وئي آهين. اصل هڏائين مٺ وجي بچي آهين. بنهہ ڳاري ڪنڊا ڪري ڇڏيو اٿئي پاڻ کي!" يمان رئيسياڻي ياکر ۾ نپوڙيندي چيو.

"ادي بس". رئيسياڻي کي ياکر مان آجي ٿيندي چيو، "صبر ڪان سواءِ پيو ڇا آهي."

"آءُ تنهنجون ڳالهيون ويني ٻڌان. اندر جلي ويو اٿم." يمان رئيسياڻي سان گڏ کٽ تي ويهي پڳهر اگهندي چيو. "تيون ڏينهن تہ زينب آئي هئي، ويچاري ويهي نٿي سگهي جو تازي موڪن جي آپريشن ڪرائي اٿس. تنهن تنهنجون خبرون ڪيون. سو دل چيم تہ وجي ٿو ڀيڻ کي ڏسي اچان. ڪيتري قدر ڳالهہ آهي."

"بس ادي، قسمت جو ڦٽي تہ اُٺ چڙهي وچون ڪائي ۽ جي ياڳ ٿو نهي تہ دال منجها سيروا. سو مُهاڻيءَ جو هينئر ياڳ آهي." رئيسياڻي پنهنجي پوٽيءَ سان ڳوڙها اگهندي چيو.

"منهنجي ڀيڻ تون ڇو ٿي روئين، جيئن تنهنجا ٻچا. ڪٿي شاهہ ڪٿي گدا!" ائين چوندي پنهنجي رئي سان رئيسياڻيءَ جا جهڙو پانيائين تہ ڳوڙها اگهان تہ ڇيچ اک ۾ هٽي ڪديائينس. رئيسياڻيءَ ڪان دانهن نڪري وئي.

"ائي ادي منهنجو تارو ڪڍي رکيئي!"

"ادي آءُ صدقو ٿي وجئين، الائي ڪيئن موئي آڱر جوش ۾ لڳي وئي، معاف ڪجئين."

"ادي الله معاف ڪندئي، جيڪو منهنجي مقدر ۾ هوندو اُهو تہ ملندو تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ." رئيسياڻي رئي جي ڪنڊ کي وات سان ٽوڪر ڏيئي اک تي رکندي شيدڻ کي سڏ ڪيو. "ائي صدوري ٿوري ماکي تہ آڻي اک ۾ وجهيم." صدوريءَ ٽپو ئي هڪڙو ڏنو ۽ ماکي آڻي اک ۾ وجهڻ واري هئي تہ يمان اوچتو رڙ ڪري چيس. "ائي متان! ڏس تہ ڇوري ڪيتريون ڳاڙهيون ڪئيليون شيشيءَ کي چهٽيون پيو آهن!" اهو ٻڌي رئيسياڻي ڊپ مان اکيون بند ڪري ڇڏيون. "رَن هاڻي انڌو بہ ڪنديم! ڪتان منهنجي ڪاڻ قهار ٻڌجي آئي آهين!" رئيسياڻي پويون جملو بظاهر تہ صدوريءَ کي چيو پر اشارو يمان ڏانهن هو.

”مون پچر چڏي ماڪيءَ جي- وچ ٽرا“ صدوريءَ کي دڙڪو ڏيندي چيائين. ”ائي جيجي الائي نِپٽيون ڪيئن چڙهيون.“ صدوريءَ پنهنجون اڇيون اکيون ڦرڙائي واڇن کي ڏسٽي ۽ آڱوٺي جي زور سان اگهندي چيو.

”چڱو هاٽي وڃ. گهٽو نہ ڳالهائي.“ رئيسياٽي ائين چوندي سولي ٿي ويٺي.

اَدي دُهري تہ ماشاءَالله ڏاڍي جُڙي جڙي پئي ٺهنئي!“ رئيسياٽي، ٻمل جي گهُگهيءَ جهڙي ٻچيءَ ۾ قاتل دُهري جي رسمي تعريف ڪندي چيو.

”ٻيڻ دُهري تہ گهٽي چڱي پر مٿان جا مُهري پئي لڳي تنهن ۾ مُرڳو هانوَ ٿو ٻڏي.“ سون ۾ ڳاڙهي ٻمان، تعريف ٻڌي خوشيءَ مان ڦوندجي رومال سان پگهر اُگهندي چرچي مان چيو.

”مُهري لڳئي دشمن کي. ڳالهين ۾ خيال ئي لهي ويم جو ڪٽي پکو چالو ڪريان ها.“ رئيسياٽي چيو.

”ائي صدوري اِهو پکي جو ٻٽڻ تي هيٺ ڪر.“ رئيسياٽي وڏي واکي سَڏ ڪيو. صدوري جيڪا اڳ ئي ڳالهين ٻڌڻ ڪاڻ در وٹ ڪن ڏيو بيٺي هئي، تنهن ڊوڙندي ڪوٺي ۾ اچي حڪم جي تعميل ڪئي.

اجا پکو چُريو ئي مس تہ ٻمان کي اچي نڇن جو دورو پيو. هڪ تہ دُهري ۽ پنڙن نپائي ڏنو هئس مٿان وري آڇون، آڇون ڪري زال هٿن مان ٿي وئي.

”ادي اهو وري ڇا؟ گرميءَ ۾ بہ زڪام!“

”ٻيڻ، آڇون... اهائي... آڇون... مُئي علوءَ جي (ايلرجي) اٿم. گرميءَ مان ٿڏ. ٿڏ مان گرميءَ ۾ ويندس تہ اجهو اهو حال ٿيو وڃيم.“ ٻمان نڇن دوران ڳالهائيندي چيو.

”آئي صدوري تون ڏسين ويٺي! جلدي ڪر پکو بند ڪر.“ رئيسياٽي ڪاوڙ مان چيو. ”اچي ٻيڻ هي وهاڻو، ٿورو ليٽي پئو تہ ڪجهہ آرام اچئي. گرمي ٿيئي تہ دُهري ڪٽي پرس ۾ رک.“ رئيسياٽي همدرديءَ ڪندي سهٽي صلاح ڏنس پر ’مرسان، مرسان دُهري نہ لهيسان‘ ٻمان ڄاٽي اها ڳالهہ اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. ليٽي ليٽي وچٽي هلائڻ لڳي. ڪجهہ آرام آيس. نڇون بہ بند ٿيس. نيٺ سُر ڪديائين.

”ٻيڻ رئيس کي کهڙي ٻک هئي، مولا جو ڏنو سيڪي اٿس. عزت، دولت نيڪ ۽ صالح اولاد ٻلا اها بہ ڪا عمر آهي شاديءَ جي!“ ٻمان سامت ۾ ايندي چيو.

”ادي اها ڳالهہ نہ آهي. ٻلي ست شاديون ڪري ها. پر ڪو خاندان تہ ڳولي ها. ائين وڃي گپ ۾ ڪريو. اهو بہ نہ سوچيائين تہ چندا ٻين تي بہ وڃي ڪرندا. ٻيڻ آءٌ تہ آئي وئي جي ٽوڪ ٽاٽي کان بيزار ٿي پئي آهيان.“رئيسياٽي ايتري هوندي بہ مڙس جي گلا يا پنهنجي ذاتي معاملي ۾ ٻمان جي دخل اندازي کي اگرو محسوس ڪندي لنوايو.

”چوين تہ سچ ٿي، ڪتو بہ ڪائجي ڪُک بہ نہ ٻرجي! ادي نبن کي اهو واجب ڪونہ هو.“ ٻمان هيٺئين واٺ وٺندي چيو.

”ائي ڏسين نٿي تہ ڪو مهمان آيو آهي. ڏند شيڪيو پئي قصا ٻڌين، وڃ وڃي پنهنجو ڪم ڪر.“ رئيسياٽيءَ صدوريءَ کي دٻ پٽائيندي چيو.

”ڏس تہ رن جو مٿو ڦريو آھي!“ اِھو پرايو ٿيلھو ڪيڏانھن پئي ڪنيو وڃين. اِھو ھتي ھندوري ۾ رک ۽ ادي يَمُلَ لاءِ سيگهہ ۾ چانهہ ٺھرائي ڪٽي اچ!“ رئيسياڻي صدوريءَ تي، ’سور سيدن جا، پنجن امام‘ جي چوٽي مطابق وسندي چيو.

”ادي منھنجي چانهہ ۾ کنڊ مٿان وجھرائين.“ يمان ائين رڙ ڪئي ڄڻ سندس چانهہ ۾ کنڊ نہ ڄڻ ڪو زھر وجھڻ ٿي ويو.

”آئي ادي چو؟“

”پيڻ منا پيشاب تي پيا اٿم. سو ڊاڪٽرن مناڻ واپرائڻ کان جھل ڪئي آھي.“ يمان ھمدردي حاصل ڪرڻ جھڙو منھن ٺاھيندي چيو.

”امان، منا پيشاب بابا ڪي بہ آھن نہ!“ رئيسياڻي جي پنجن ورھين جي پٽ معصوميت مان ماءُ کان پڇيو.

”جِتي نہ پوک اُتي اُپريو بيٺو آھين، وڃ وڃي ٻاھر کيڏ. تنھنجو وڏن ۾ ڪھڙو ڪم.“ رئيسياڻي پٽس کي تڙي ڏيندي چيو. يمان بہ نيئنگر جي اوچتي سوال تي ڪجھہ مڙئي شکي ٿي وئي.

”ائي ادي، اِنھن مين بيمارين جي تہ ڪا ڳَل ئي نتي پوي. نہ ٻڌيون نہ سٹيون، الائي ڪٿان ڦٽيون پون.“ رئيسياڻي ڪراھت مان چيو. ”اڳي تہ ھنيون ڪونہ ھيئئر اِھي سڙيا بناسپتي پيدا ٿيا آھن تن سڀ بيماريون پيدا ڪري ڇڏيون آھن.“

”ھا پيڻ، مڙئي پچاڙي آھي. چوٽي ناھي تہ ڏيري ڍور تي مچر گهٽا.“ يمان ھٿن کي ائين موڙو ڏنو ڄڻ سچ پچ، مٿانئس مچرن حملو ڪيو ھجي.

”ائي ادي خير گُھر، ھينئر ئي پوڙھي بہ اچي ٿئينءَ، اجان ڪالھوڪو ڏينھن آھي جو ’چيڪلي پايان، پير گسايان، پير ۾ ڪنڊو‘ انھيءَ ساڳئي ڳوٺ ۾ گڏجي ڳائي ڪڏنديون ھيوسين.“ رئيسياڻي، يمان جيڏي سرتي ھجڻ جي حيثيت سان، پوڙھپڻ جو اھو الزام پاڻ تي عائد ٿيڻ جو ڊپ کان يمان کي جوان ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي چيو.

”ادي غلام فاطم! چئين تہ سچ پئي پر پريشانين ھٽي جھوري ڇڏيو آھي. ڪيترن سالن کان فصل بہ چڱو نٿو ٿئي؛ ٻيو وري پاٺھين کي دل جي بيماريءَ سان گڏوگڏ بليڊ پريشر، سو تپڻ تپايو پيو آھي. آءُ پنھنجن سورن جي ڪريان کي سندس بليڊ پيشر جي. مون واريءَ بيماريءَ لاءِ تہ ڊاڪٽر ائين پئي چيو تہ اھو انساني جسم لاءِ ھڪ اڏوھيءَ مثل آھي. جنھن ۾ اندر ئي اندر ماٺھو کاڄيو وڃي!“ يمان پنھنجا سور پٽيندي ۽ سچ پچ پاڻ کي نندي محسوس ڪندي چيو.

”ائي ادي، اسين اڳئي ڏکويل ويتر اھي ڳالھيون تہ نہ ڪر. اصل ھاڻ ٿو ڪاڇي، ٻي ڪا خير خبر ڪر!“ رئيسياڻي نيڪ نيتيءَ سان چيو.

”ادي خبرون وري ڪھڙيون، مڙئي گاڏو پيو گھلجي جھان جو.“

”ٻڌم تہ اُدو گامڻ خان بہ رئيس جي نڪاح ۾ ويٺو هو.“ رئيسياڻي اصل موضوع تي آئي.
”ائي ادي قسم ڪٽاءِ جو ويچارو ويو هجي، باقي اهو سو آهي تہ ادي رئيس وڏا وس ڪيا تہ هلي، پر پاڻهين نابري واري بيٺو، چيئين، اسين ڪي بي غيرت آهيون جو پنهنجي پيڻ تي پهاج آڻيون.“ پمل مڙس جي وڪالت ڪندي چيو.
”ادي ماڻهن تہ ائين پئي چيو تہ ادو هُن مهاڻيءَ جي نڪاح ۾ شريڪ ٿيو هو؛ پر منهنجي دل بنهہ نہ مڃيو!“ رئيسياڻي مٺئين دل سان چيو.
”ادي، شادي کان پوءِ جڏهن مڙسم ۽ ادي رئيس جو پرچاءُ ٿيو تہ پاڻهين مونتي ڏاڍو زور ڏنو تہ سفوران وٽ اچان وڃان پئي، پر مون چيو، اَچو اَللہ ڳاڙهو رسول- آءٌ پنهنجي پيڻ جي دشمن ناهيان. توهين مرد آهيو جيئن وڻيوَ تيئن ڪريو، مونکان منافقي مُور نہ پڄندي جو پنهنجي پيڻ جهڙي سرتيءَ جي پهاج سان جيڏڙپو رکجي. منهنجو تہ آهي نور، جسين جيئري آهيان تہ پنهنجي پيڻ جي ٻانهي آهيان، مري ويس تہ چتا سيئي!“ پمان وڏي واڪ ڦوندجندي چيو.
”جيجي، اجهو چانهہ آندي اٿم.“ صدوري، چانهن هندوري جي پاسي ۾ رکيل ٽپائيءَ تي رکندي چيو.
”ادي چانهہ جي پتي تہ ڏاڍي سٺي آهي.“ پمان ڪوپ ۾ سيڪرين جون گوليون وجهندي چانهہ جي تعريف ڪندي چيو، ”اسان کي تہ نوڪر بيسوادي پتي آڻيو ڏين.“
”پيڻ تڏهن تہ اهي بيماريون بہ وڌن ٿيو. اڳ تہ ائين ڪونہ هو پر جڏهن کان اهي مُئا پينگ پيا، ملڪ ۾ آيا آهن تہ سڀ ڪائي پوئو ڪري ڇڏيو اٿن، ايڏي ڪا ازلي بک اٿن جو اجان تائين پِيٽ نہ ٿو پرجي.“
”چئين سچ ٿي، پَمل رئيسياڻي جي تائيد ڪندي چيو. ”آهن بہ تہ مئا ڪائڻ جا ڪڏ ۽ هنگڻ جا ڳوترا.“
”ائي ادي هاڻي نهيو، هانوَ تہ نہ ڦيرائي.“ رئيسياڻي ڪراهت مان منهن ٺاهي وراڻيو.
”ٻيو چا! سچ تہ چوان ٿي.“ پمل مرڪندي چيو.
”ادي ڪر خبر! هاڻي ادا جي طبيعت ڪيئن آهي؟“ رئيسياڻيءَ موضوع بدلائيندي چيو.
”ادي نہ ڪاڏي جو نہ پيتي جو! هر ڳالهہ ۾ رک ۽ پرهيز. گوريون بند ڪري تہ وريو بليڊ پيشر وڌيو وڃينس. هاڻي تہ سوچيو اٿئو تہ مرسل جي پار کان ٿي اچون تہ من ڪا سٽائي ٿئي. پاڻهين هن سال لاءِ منهنجو ۽ پنهنجو حج جو فارم ڀرائي آيو آهي، دعا ڪر تہ اِهو منو پار گهمي اچون تہ مديني جو مير سٽائي ڪري. پاسپورٽ ۽ ٻيا ٿيا سڀ تيار ٿي ويا آهن. اڌ کان گهڻو ڪم ٿي ويو آهي. روزن کان اڳ جيڪو پهريون جهاز پيو وڃي؛ جي ان ۾ ٽڪيٽ ملي وئي تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو، چو تہ دير سان وڃڻ ڪري دير سان موٽڻو پوي ٿو ۽ پوءِ گرمي زياده هجڻ جي ڪري پاڻهين کي وڏيڪ تڪليف هجڻ جو ڊپ آهي. اڄ توسان ملڻ بہ انهيءَ لاءِ آئي هئس تہ موڪلائي بہ اچان ۽ چيو چوايو پڻ بخشائي اچان. حياتيءَ جو ڪهڙو پروسو.“ پمان يڪ ساهي سڄو داستان ٻڌايو.
”ادي مولا مبارڪ ڪريوَ! ڪهڙوچيو چوايو ۽ چا جو بخشائڻ تون تہ پيٽن کان بہ وڌيڪ آهين. مون لاءِ بہ اُتي دعا گهرجانءِ تہ مولا مون تان بہ اِها آفت ٽاري.“ رئيسياڻيءَ پهاج ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”چڱو ادي! هاڻي موڪلائي. شل پنهنجي ٻچن سوڌو خوش هجين!“

”مولا مددگار ۽ حامي ٿيندئي. “ ائين چوندي رئيسياڻي، يمان کي در تائين ڇڏڻ وئي

جڏهن کان ڪرڙوڍو رئيس غلام نبي عرف نبن، مهراڻ جي ڪپ تي اڏيل پڪن مان چاليهن ورهين جي صفوران کي ’سول ميرج‘ ڪري حويليءَ ۾ وٺي آيو تڏهن کان صفوران سندس سڄي ڳوٺ ويڙهي ۽ وڳر جي اکين جو ڪنڊو بنجي وئي هئي. پنجن پٽن ۽ اٺن ڌيئن جي ماءُ تي پهاج پوڻ ڪا سولي ڳالهه ته نه هئي. گهر ۾ ويني ويني لوڪ جا طعنا تنڪا ۽ مهڻا ٻڌي سندس اندر جا پتا پيا سڙندا هئا. ڏينهن رات پئي جهرندي ۽ پڄرندي هئي، پر تڏهن به ٻڙڪ ٻاهر نٿي ڪيدائين. اصل مات... ڊنل ڊنل... هيسيل هيسيل، رئيس کان سواءِ ٻيو هو به ڪير جنهن کي هوءَ پنهنجو ڪري سمجهي ها. مِٽن مائٽن سان ته انهيءَ ڏينهن کان ئي لاڳاپا لٽس، جڏهن رئيس سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو هو.

ڳوٺ کان پري، صفوران کي رئيس، شهر ۾ وڏي عاليشان حويليءَ ۾ رهايو؛ جت سندس اڳيان پنيان نوڪرياڻيون ڦرموٽيون وانگر پيون ڦرنديون هيون پر ڪِڪيون ۽ ڪاربون ڪائڻ واري صفوران ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو. پل ست طعام پيا هجن پر تڏهن به هوءَ ڊوڊي ۽ بصر يا ڪڳي ۽ ڪُرڙي کي مٿن ترجيح ڏيندي هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ نوريءَ وارو نياز سندس نس نس ۾ سمايل هجي. رئيس سندس عاشق هو. پر ڪن عاشقن جي فطرت ئي پنهنجي هوندي آهي. جڏهن عورت محبوب هوندي آهي، تڏهن سندس مقام دل جي خاص گوشي ۾ هوندو آهي. عاشق سڳورو پنهنجي عشق کي دنيا جي سيني عشقن کان نرالو سمجهندو آهي ۽ ڪيس پڪو يقين هوندو آهي ته سندس جهڙو پيار ڪير به نٿو ڪري سگهي. مذحڪه خيزيءَ جون حدون لتاڙيندي هن کي ٽيليپيٿي ذريعي اها به خبر پوندي آهي ته سندس محبوبا کي هينئر ڪهڙا ۽ ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا پهريل آهن ۽ ڇا ڪري رهي آهي. پنهنجي انهيءَ خداداد صلاحيت جو اظهار هو هر ايندي ويندي آڏو ائين ڪندو آهي ڄڻ ڪو ڪيپ ڪٽيو هجيس. ۽ جڏهن محبوبا سان شادي ٿيندي آهيس. تڏهن اهو عشق دل مان لهي ڏائي گوڏي ۾ اچي واسو ڪندو آهي، سو رئيس جو به اهو حال اچي ٿيو. صفوران سندس لاءِ هاڻي صرف زال هئي... گهر جي گندي. عشق ڪرڻ سندس وس ۾ نه رهيو هو، پر رسم عشق نڀائڻ سندس لاءِ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي... سو انهيءَ ڪري ڪڏهن ڪڏهن سفوران کي چادريءَ ۾ سوگهو ڪري ٻين لفظن ۾ چوڪنيو ٻڌي پڪچر وغيره تي وٺي ويندو هو. روز مَڇيون ۽ چرڪا مارڻ واري آزاد گهراڻي جي سفوران کي قيد جهڙي حويليءَ ۾ سڄا سارا پنج سال گذري ويا، انهيءَ عرصي ۾ هوءَ هڪ ڌيءَ ۽ پٽ جي ماءُ به بڻجي وئي هئي.

جڏهن پاڙي جي ايڪڙ ٻيڪڙ زالن وٽس اچڻ شروع ڪيو تڏهن مس وڃي ڪجهه ساهه پٽيائين. زبيده کي ته پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندي هئي. وس نه هلندو هئس نه ته جيڪر ڪيس پل نه اکين کان پري ڪري. چڱي چڱي دير تائين هوءَ وٽس هوندي هئي ۽ اجان اٿڻ جي ڪندي هئي ته صفوران نماڻا نيڻ ڪٽي، وٺي واسطا وجهندي هئس، ”ائي واسطي الله جي تون وڃڻ وايون مَ ڪر. گهڙي ساعت ته ويهه؛

هينئر هينئر ته آئي آهين. اجان ته سڪ به ڪونه لٿي اٿم!“. ”ائي ادي ڏس ته ڪيتري نه دير ٿي وئي آهي.“ هوءَ ڪرائيءَ ۾ ٻڌل واچ ڏانهن ڏسندي چوندي هئي.
”ائي چڱو هاڻي ويهه“ صفوران حجت مان سندس ٻانهن جهلي ويهاريندي چوندي هئي، ”انسانن جي منهن ڪانڻ پئي سڪان. قياس به ته نٿو پوئي!“ هوءَ پنهنجي بيحد پوائتي شڪل واري نوڪرياڻي ڏميءَ کي ڏسندي چوندي هئي ۽ پوءِ ڪجهه دير تائين. زبيده وٽس ترسي پوندي هئي.
اڄ به زبيده وٽس آيل هئي. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪيس احساس ڏياريندي چيائين. ”پيڻ صفوران؟ ڪيترو وقت گذري ويو اٿئي شاديءَ کي، پر تون اها ئي ’گنگوءَ جي غار‘ ۾ پئي آهين! گمنام جي گمنام. تنهنجا ٻار اڄ ننڍا سياڻي وڏا. زماني ۾ اٿندءِ ويهندينءِ نه. ته ڪير توکي سڃاڻندو؟ آخر تنهنجو به اوتروئي حق آهي جيترو رئيسياڻيءَ جو آهي.“
”چئين سچ ٿي!“ سفوران ٿڌو ساهه کڻندي چيو.
”جڏهن اڃان تڏهن اهو ساڳيو روڳ جهڙو ناسي وڳو پايو فراسيءَ تي ويٺي پاڃي سوئين يا چانور چوندين!“ زبيده، سندس ڦتل ناسي وڳي ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”مردن تي ڪهڙو اعتبار جنهن پهرين هوندي ٻي ڪئي سو ٽيجهي ڪندي به دير ڪونه ڪندو. جيسين ٿي سادي ٻڇي پاڻ وٽائين، تيسين ٿي مورڳو مڙس وڃائين، تو چو پنهنجا بڇڙا حال ڪيا آهن.“
”چا ڪريان زبي!“ سفوران چانورن مان سُرو ڪنيندي عاجزيءَ مان چيو. ”پهاڄ جو لقب اڳئي سر تي، وري جو ٿهي جڙي ٻاهر نڪران ته دشمن الائي ڪهڙا ويل وهائين.“
”منهنجي پيڻ رڳو وڏي بلڊنگ ۾ رهي به چار نوڪرياڻيون چاڪرياڻيون ويهاري تون لوڪ ۾ پنهنجي ڪهڙي حيثيت برقرار رکي سگهين ٿي. گهر گرهستي پنهنجي جاءِ تي، راڄ ڀاڳ ۾ اٿڻ ويهڻ پنهنجي جاءِ تي.“
”آئي پوءِ چا ڪريان؟“
”ڪجهه گهر ڏي به ڏيان ڏي.“ زبيده معتبرائيءَ مان چيو، ”اهڙي عاليشان گهر ۾ به فرنيچر ڊنگ جو نه ڪو طريقو. اسين وچولي طبقي جا سادا سودا آهيو تڏهن به پنهنجو مان مرتبو رکيو اچون. ڪرائي گهر ۾ ڪو ميلاد دعوت ڏي سڄي شهر جي معزز زالن کي ائين ته جاڻ سڃاڻ ٿيندي.“
”ائي تون جو منهنجي پيڻ آهين. پوءِ مونکي ٻين جي ڪهڙي گهرج.“ صفوران وڏي پنهنجائپ مان چيو.
”ادي اها ته تنهنجي مهرباني آهي، پر مان به آخر پنهنجي گهر گهاٽ واري آهيان. ڪيترو تو وٽ ويهندس.“ زبيده ڪيس احساس ڏياريندي چيو، ”پل ته ٻيون به پينرون ٿاهي.“
”ائي ٻيون ته تنهنجي جتي جهڙيون به نه پانيان.“ صفوران سمورو پيار پنهنجن ننڍين پر انتهائي پرڪشش اکين ۾ اوتي ڏانهنس ڏٺو. منجهس ٻيو هو ئي ڇا. اهي اکيون ئي ته هيون جن کي ڏسي رئيس جهڙو مڙس به پوڙهي پوئنر وانگر ٻولاٽيون پائڻ لڳو هو.. زبيده ته وري به سندس سرتي هئي. موٽ ۾ مشڪي

ڏنائين. ڇا ڇا نہ هو انهيءَ مرڪ ۾ جڻ ڇئي رهي هجي ”تون ڪيتري نہ سادي آهين صفوران!“ ۽ انهي ڏينهن هو تصور ئي تصور ۾ صفوران کي اعليٰ سوسائٽي جي بيگم جي روپ ۾ ڏسندي پنهنجي گهر روانو ٿي هئي.

اڄ ٻيو ڏينهن ٿيو هو جو پاڙس آچر جي مرڻ جي خبر ٻڌي صفوران رڙي رڙي سڄي حويلي مٿي تي کڻي ڏني هئي. رئيس نبن، جيڪو سندس پير ۾ ڏڪارو ٿيو بيٺو هو، تنهن اڄي اکين کي ورتو. مهٽي مهٽي اکيون رت ڪري وڌائين پر مجال آهي جو ڪو ڳوڙهو نڪريس. لاچار ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيائين.

”رئيس!... مون تنهنجي ڪاڻ ڇا ڇا نہ ڪيو. گهر ٽڙ ڇڏيم... مٽ مائٽ ڇڏيم، وڳر کان وڇڙجي هڪ ڪونج مثل تو وٽ اچي رهيس... رڳو تنهنجي سر ڪاڻ!“ صفوران سڏڪا ڀريندي چيو.

”هائو سفو! آءُ ڄاڻان ٿو..“ رئيس سندس پير ۾ ويهندي ٿڌو ساهه کڻي چيو.

”آءُ ڪا تنهجن مائٽن کي سڃاڻان.“ هن ڳوڙها ۽ نڪ اُگهندي چيو، ”تنهنجي پنيان ائي آهيان.“

”آءُ سڀ ڄاڻان تو صفو!“ رئيس ساڳيءَ طرح ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهر ٿڌو ساهه کڻندي وراڻيو.

”هيڏو سارو ڏنڊڪ جواڻ، پاڻم آچر هليو ويو، تنهنجن مائٽن مان ڪنهن جهاتي بہ نہ وڌي! ٻيو ڪير نہ. تہ من تنهنجي زال ئي اچي ها. تڏهن بہ مونکي نڪ پوي ها!“ صفوران جو احساس جاڳي رهيو هو.

”دلجاءِ ڪر صفو!“ رئيس سندس پٺي ٺپيندي پيار مان چيو. ”سيئي ايندا، ڪين ڄاڻ نہ تي آهي؛ آءُ ٿو ٻڌائي اچان!!“ رئيس ائين چوندي، حال جند ڇڏائي وٺي ڀڳو.

ٻئي ڏينهن ٺونٺون ٺوڪي جڏهن وڏي حويليءَ ۾ پهتو تڏهن نرتڪيءَ وانگر نئين چال هليائين. آخر بہ تہ زماني جو گنل پينل هو.

”ٻيلي ڳالهہ ٻڌي ائتئي!“ رئيس زال آڏو آرام ڪرسيءَ تي ويهي اکيون چنجهيون ڪري سگريٽ جو سوٽو هڻندي چيو. ”منهنجي عزت تنهنجي هٿ ۾ آهي... تون منهنجو رت جگر آهين.. غلطي ٿي سا ٿي... پنهنجي وديءَ جو ويچ نہ طبيب... هوءَ وري بہ پرائي آهي؛ هلي پاءُ آچر جو افسوس ڪري اچينس.“

رئيس سگريٽ جو ٺوٺو چلمچيءَ ۾ اُڇليندي زال کي ايڪٽنگ پريل التجا وارا نماڻا نيڻ ڪري ڏنو.

”اسانجو آچر سان ڪو ’ڏول ڪو چمٽو‘ جو هلي روئون!“ رئيسياڻيءَ موڙو ڏيندي چيو. ”اسين ڇو روئون آچر ڪاڻ!“ رئيسياڻي امالڪ کڻي نڙيءَ ڪان ورتس.

”ٻيلي منهنجي لڄ کي ڏس!“ رئيس، هيئين واٽ وٺندي ليلايو.

”چڱو، توهان زور ٿا ڪيو تہ وڃي بہ پير پري ايندس.“

رئيسياڻي وري بہ ڏاڍي پوتي هئي. مڙس کي مايوس نہ ڪري سگهي ۽ رئيس سان گڏجي پهريون ڀيرو صفوران وٽ آئي. جيترو پڳس تڏا ساهہ کڻي ڏک جو اظهار ڪيائين، بہ چار ڪلاڪ ويهي واپس هلي آئي. هوءَ تہ هلي وئي پر صفوران کي واقعي نڪ پئجي ويو.

”مارا هيڏي وڏي شان مان واري رئيسياڻي بہ آخري اچي پيش پيس!“ هر ڪنهن جي زبان تي اِهيئي اکر هئا. خود صفوران کي بہ اهو احساس هو ۽ انهي احساس، سندس اهميت سندس ئي نظرن ۾ وڌائي

چڏي. جهڙيءَ طرح پڪن ۽ سخت هٿن تي مينديءَ جو رنگ نرم ۽ نازڪ هٿن کان، وڌيڪ تکو ۽ پائدار چڙهندو آهي، ساڳيءَ طرح دنيا جو رنگ به ڏاڍي تيزيءَ ۽ جتا سان مٿس چڙهڻ لڳو. ۽ اهڙو چڙهيو جو نوريءَ واري نياز جو نشان به منجهس نظر نه آيو. نوري ته نياز هئي- سراپا نياز- صفوران ته پنهنجي خوف ۽ حراس کي نياز جي چادر ۾ ويڙهيو هو؛ جيڪا هاڻي ليڙون ليڙون ٿي وئي هئي. خوف ۽ حراس منجهس باقي نه رهيا هئا. سندس گهر، جنهن ۾ اڳ پراڻا موڙا ۽ فراسيون رکيل هيون انهن جي جاءِ نئين طرز جي فرنيچر ۽ قيمتي غاليچن ورتي، جلد ئي سندس شمار شهر جي معزز بيگمات ۾ ٿيڻ لڳو. رئيس به سندس نئين روپ کان گهڻو مرعوب ٿي ڏنو. جڏهن ڪا 'نافرماني' ٿيندي هئس ته صفوران جي طرفان 'هيرو' ڳڙڪائي 'آپگهات' ڪرڻ جي ڌمڪي ملندي هئس ۽ مڙس 'ميلن ۾ گيسيون' ڪري ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي ڪانئس معافي گهرندو هو. ڏنائين ته هاڻي ڦاٿس ته ڦٿڪڻ کهڙو. جهڙا ڏينهن ڏسڻا پيس اُهي پيو گهاريندو هو.

چڙهندڙ سج کي سلام- پيو ته ٿهيو وڏيري پَمان، جنهن جي حج جي جهاز چڙهڻ ۾ ڪي ڏينهن وڃي بچيا هئا، سا به ننهن، ڌيئن، ڏهتين ۽ پوٽن سوڌو، پاڻ ڪٺائي اچي پُڳي. چيئين: "اسانجي وڏي بزرگ ياءُ جي زال آهين ته اسان جي به وڏي آهين!" ائين چوندي ادب مان پيرن تي ڪريس 'الله ميڏيان سيئي پڄايان' وانگر صفوران اِهو مان ڏسي ٺڙي پئي.

"ادي توکي ڪير چوي مهاڻي! توهان ته پاڻيءَ جا مير آهيو! بحر جا ميرا! توهان جهڙي ته ڪا ذات هجي. هڪڙي راڻي به ته توهان جي مائٽياڻي هئي نه؟ ڪهڙي نه نوڙت هئس جو باچا کي به موهي ڇڏيائين. ڪير توکي چوندو مهاڻي! اسان ته رئيسياڻيءَ ڏانهن وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو- وج ڪٽي ته رڳو تنهنجي گلا. ادي مري جهان ڇڏبو پرائي پچر به ته ڏوهه آهي؛ چوي ٿي ته ڏاڍي ڪا زال آندي آهيس! يَمل چيو.

"ادي مونکي ته بس خدا ٺاهيو آهي. انهيءَ کي ته وڻان ٿي جيڪو وٺي آيو هيم."

"ادي آءٌ ته ٻچن سوڌو تنهنجي غلام آهيان، چيم ته توکان به موڪلائي اَچان- چڱي چونٺ چمڻ ٿي وڃان."

"ڀلي آئينءِ!"

"چڱو هاڻي موڪلاڻي."

رئيسياڻي ته وري صفوران وٽ نه آئي پر ٻين لاءِ چڻ واٽ کلي پئي. ڏيرياڻيس حليمان، جڏهن پنهنجي ماسات (رئيسياڻيءَ) سان رُٺي تڏهن لڪندي ڇپندي پنهنجين ڌيئن سوڌو صفوران وٽ اچي لٿي. گلائو غيبتون ڪري چوٽ چڙهي ويون. سفوران به خوش ٿي پنهنجا ريشمي وڳا پهرائي ڌيئن سوڌو پلنگن تي چاڙهي ويهارين. ڦوندائي ڦوندائي سفوران کي عرش تي چاڙهي ڇڏيائون- "تون اصل خاندانڻ، تنهنجو مٽ ڪير ٿئي؟ تون غريب نواز، دل جي سچي"- صفوران کي ساڻن جيتوڻيڪ ڪو دلي لڳاءُ نه هو، پر رڳو پنهنجي ڦوندبُ جو پيرم رکڻ ڪاڻ، پيئي ڪين منهن ڏيندي هئي.

اڄ جيئن ئي سفوران ڊريسنگ ٽيبل اڳيان ويهي ڪيس پٽي ڪيو تہ زبيده ۽ عاشيءَ اچي ڪيس چرڪائي ڇڏيو. زبيده جو تہ نہ. باقي عاشيءَ جو اوچتو بيڊروم ۾ اچڻ ڪيس سٺو نہ لڳو، ڇو تہ اها وارن جي حقيقت کان بيخبر هئي.

”ائي ادي ڪيس پٽي ڪرين؟“ عاشيءَ ايندي ئي حيرانيءَ مان پڇيو.

”نہ پيڻ! ’هيئر ڪلر‘ تي ڪريان.“ صفوران لفظ ’ڪيس‘ جي تلخيءَ کي ٻڍاپي سان منسوب سمجهندي، انگريزي لفظ استعمال ڪيو.

”هان!“ عاشي شوخيءَ مان چيو.

”پيڻ تون وٽ مهمان آيل آهن ڇا؟“ زبيده ٽپائيءَ تان صوف ڪٽندي چيو.

”هائو پيڻ، ڊيرياٽي ۽ سندس ڊيئر آيل آهن.“

”اڳ تہ ڪڏهن ڪونہ آيون هيون؟“ عاشي چيو.

”بس پيڻ! پونءِ ڦرنديءَ جا ڀاڳ آهن.“ صفوران جواب ڏي تنهن کان اڳ زبيده مشڪندي چيو.

”ادي پر ويچاريون ڏاڍيون همدرد ۽ هڏڏوکي آهن... خبر اٿو تہ پر سال جيڪو سخت بيمار ٿي هئس سو ڇو؟“

”ڇو؟“ ٻنهي گڏجي سوال ڪيو.

”ڊيرياٽي ٻڌايم تہ رئيسياٽيءَ ڪارو علم ۽ جادو ڪرايا هئا... نہ رڳو ايترو پر بوتا ناهي زمين ۾ پوريا هئائين!“

”ها... ا... نا!... پوءِ؟“ عاشيءَ جو وات پٽجي ويو.

”الله ڊيرياٽيم جي من ۾ وڌي، جو مون ٻچڙيوال تي قياس ڪري اُهي سڀ علم لڪي لڪي ضايع ڪرائي ڇڏيائون!“ صفوران شڪر گذاريءَ واري لهجي ۾ ڳالهايو.

”ڇئبو تہ سرخرو ٿيڻ ڪاڻ ڪوڙ بدوڙو هٽي سچو ڏينهن ٿيون تنهنجو رت ولوڙين“ زبيده ٽوڪيس.

”نہ ادي ويچاريون اهڙيون ناهن.“ صفوران ڪيس وارا هٿ ڌوئي رومال سان نڪ اُگهندي چيو.

”نہ وري ڇا، ڳٽتيون ڪري ڪري آچا پئجي ويا اٿئي.“ زبيده چيو.

”ائي ادي اِهي آچا مُئا تہ ائين ئي اچي خوار ٿيا آهن.“ صفوران اڇن وارن جي تصديق ڪندي وراڻيو.

”منهنجي عمر بہ تہ ڪا وڏي ناهي ويهن ٻاويهن ۾ تہ پرٽي هئس رئيس سان!“

”ها... ٺوا!“ زبيده ڄاڻي ٻجهي پاڻ تي عجب جي ڪيفيت طاري ڪئي.

”يلا ڪٿي آهن تنهنجا مهمان؟ ملاءِ تہ سهي.“ عاشيءَ چيو.

”ادي ويون آهن سرڪاري باغيچو گهمڻ، ڄاڻ آيون.“

”بلي! همدرديءَ جي همدردي، گهمڻ جو گهمڻ. ڳوٺ تہ ويچاريون سٽن پردن ۾ بند پيون هونديون.“ زبيده کان رهيو نہ ٿيو.

”خير نہ اٿئي، اڄڪلھہ جو پردو ٿيندو بہ تہ رڳو پاءُ، پيءُ، پٽ يا مڙس کان آهي.“ عاشيءَ پنهنجو مشاهدو بيان ڪيو. ”رستي پنڌ، جت انهن تي نظر پئي، ڊپ کان جهٽ نقاب هيٺ.“

”چپ ڪر تہ سفوران نہ ڪاوڙجي پوئي!“ زبيده ڪيس تنبيهہ ڪندي چيو.

”چو ادي؟“ عاشيءَ صفوران کان پڇيو. ”مان سچ نٿي چوان!“... پر حقيقتن جو جواب خاموشيءَ سان ئي ڏنو آهي. سفوران ڏانهنس رڳو مرڪي ڏٺو.

ايتري ۾ ڊراڪولا جي گائون جهڙي اچي برقعي ۾ ڪارين چادرين سوڌو، پوڙهي ڏيرياڻي حليمان ۽ سندس ڌيئون بہ اچي پهتيون. زبيده ۽ عاشيءَ سان ڪيڪر ڪري اچا پانيائون تہ ويهون تہ صفوران حجت مان کين برقعن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”وجو! وجي بوجها لاهيو، هانوَ تو ٻڏي... ماني تيار پئي آهي.“

”بس اِجهو ٿيون اچون هٿ منهن ڌوئي.“ ٻانهياريءَ جو بجو بہ سونو جي چوٽيءَ موجب، ماءُ ڌيئرن يڪدم حڪم جي تعميل ڪئي.

چڱو پيڻ صفوران! هاڻي اسان کي بہ اجازت ڏي.“ عاشيءَ اُٿندي چيو.

”ويهو تہ سهي!“

”اسين تہ رڳو توکي چوڻ آيونسين تہ پريهن تيار رهجئين تہ ادي پمان کي حج جي مبارڪ ڏيئي اچون.“ زبيده چيو.

”اچي وئي خير سان!“ صفوران ٿڙندي چيو.

”اڄ ٻيو ڏينهن اٿس.“ زبيده وراڻيو.

”اول خير پريهن هلنداسين.“ صفوران چيو.

”سائڻ!“ ڏميءَ ٻڪريءَ جهڙي آواز ۾ اوچتو پٺيان اچي صفوران کي سڏ ڪيو.

”ڏائڻ! ڏڪائي ڇڏيئي، ڇا اهي؟“ صفوران جي پهاڙ جهڙي جسم ۾ ڄڻ زلزلو اچي ويو.

”ماني رکي آهي ٽيبل تي.“ ڏميءَ کلي ڏند ڏيکاريا... سندس ستن پيڙهين، ڏندن صفا ڪرڻ جو ’فيشن‘ ئي ڇڏي ڏنو هو.

”هلي مهمانن کي تہ ويهار، اسين اچون ٿيون.“ صفوران، ڏميءَ کي دڙڪي مان چيو.

”اُتو ادي توهان بہ هلي بسم الله ڪيو.“ صفوران چيو.

”نہ پيڻ، اسين ٻئي گڏجي کايو پيو اچون، تون وڃي بسم الله ڪر.“ زبيده چيو.

”ائي ادي خبر ڪونہ اٿوَ تہ آءٌ رئيس ڪانسواءِ کائيندي ڪونہ آهيان.“

”تہ پوءِ هلو تہ اٿيئي تا هلي ويهون. تنهنجي ڏيرياڻي اڪيلي ڌيئن سوڌو ويٺي هوندي.“ عاشيءَ چيو. ٽئي ڄڻيون ڊرائينگ ڪم ڊائننگ روم ۾ اچي ويٺيون. حليمان، جنهن ڌيئن سميت ميز ۾ اکيون وجهي سندن انتظار پئي ڪيو، کين ايندو ڏسي بي تابيءَ مان چيو، ”ادي اچو! ماني پئي ٺري!“

”ائي توهين ماٺ ڪري ويهي ڪائو، اسان جي اون نہ ڪريو!“ صفوران سهيلين سميت صوفن تي ويهندي چيو.

حليمان ۽ ڏيئن، فرمانبرداريءَ سان ڪائڻ شروع ڪري ڏنو هڏڙن جي مٺ پوڙهي ڏيرياڻيءَ جا هٿ پئي ڏڪيا، پر ڊپ کان تہ متان ڪسر گهٽ ٿئيس، چمچو ڪيئن ڇڏي. اجان ڪو چانور ذرو ڪري تہ ڏيئن جون انئي اکيون ڪوڪلي جهڙي ماءُ ۾ ڪپيو وڃن. انن ئي اکين منجهان مختلف اشارا ٿيڻ لڳن. ويچاري حليمان جون اکيون اڳيئي نديون ويتر جوڏيئن کي ائين ڪندو ڏنائين تہ ماڳهين اندر گهري ويس. ڪاڏو رت پونءِ تي ويس، پر تڏهن بہ پنهنجي ’عروج‘ کي ڏسيو ئي پئي نري، زبيده اهو نظارو ڏسي صفوران کي هوريان چيو.

”ائي صفوران، تو هنن سان ڪهڙا ويل ڪيا آهن. ڀهراڙيءَ جون زالون ڇا ڄاڻن چمچن ڪانٽن مان!“

”ائي ادي! منهنجي گهر جو سجو رعب ڏسي وڃي رئيسياڻي کي ٻڌائينديون!“ صفوران ڦوندجي وراڻيو.

”مئو ڪڏس اهڙي رعب جو!“ زبيده چيو.

حليمان ۽ ڏيئون ماني ڪائي هٿ ڌوئي صوفي تي ويٺيون ئي مس تہ يڪدم صفوران چين.

”ادي ٻاهر موٽر بيٺي اٿوَ، وڃي ڄامشورو گهمي اچو!“

”چاچي تون بہ تہ هل نہ، هيڪلو وري ڪيئن مزو ايندو!“ حليمان جي وڏي ڌيءَ، شرم کان وٽجي سٽجي لانئڊ ۾ ڳالهايو.

”وڃو، وڃو! ڌمي ڳڌجي تي هليوَ، رئيس جي اچڻ جي مهل تي آهي: آءٌ ڪيئن هلنديس.“ صفوران کين ڪوڙي پيار پريل حجت مان جڻ چنبيندي چيو. اوچتو سندس نظر حليمان تي پئي.

”ائي ادي، اهو چمچل تي پايو وڃين! منهنجو ڪڙيءَ وارو سئنڊل پائي وڃ!“ ائين چوندي صفوران ڌيءَ کي ڪٻٽ هيٺان رکيل سئنڊل ڪڍي آڻڻ لاءِ چيو.

”نہ، نہ ادي، مونکي هيءَ چڱي آهي.“ حليمان ڪُڙيءَ جو ٻڌي ڏڪندڙ آواز ۾ چيو.

”ماٺهو ڪير؟ اسان جي عزت کي بہ تہ ڏس!... هي سُکل پلي جهڙا پادر پائي ويندينءِ!؟“ صفوران جي حجت پريل ڪاوڙ ۾ حڪم هلائڻ واري انداز حليمان کي ڪنبائي ڇڏيو.

”چڱو يلا ڏي...!“ حليمان جڻ پادرن جي پيهن مان ڳالهايو ۽ مجبوريءَ مان ڌميءَ کان سئنڊل وٺي پاتو. ڏيئون خوش تہ اسان جي ماءُ کي ايڏي اهميت ۽ مان پيو ملي... ماءُ کي سر جي لڳي پئي هجي پر ڪيئن ڪچي، مٺي بہ ماٺ تہ مُٺي بہ ماٺ.

”ائي مارين تي پرائي هڏڙن جي مٺ کي، گوڏا پيچي چٺ تي ڪرائينس.“ زبيده، حليمان کي در ڏانهن ٿاٻڙندي ويندو ڏسي صفوران کي چيو.

”ادي چٺ ٿينس تہ پيا ٿينس هتان تہ نڪري.“ صفوران جي بيزاري ڏسي زبيده کي کل اچي وئي.

”چئبو تہ هاڻي اچي ڪڪ تي آهين!“ عاشيءَ بہ کلندي چيو.

”بس ادي، دنياداري جو ڪرٽي تي... ڇڻ تلوار جي ڌار تي هلڻو ٿيو.“ صفوران معتبري ڏيکاريندي رعب مان چيو.
”مان تہ ادي دل ۾ نفرت ۽ زبان تي محبت رکڻ واري دنيا داريءَ جي قائل ناهيان.“ زبيده چيو. ”سخيءَ ڪان شوم ڀلو جو ترت ڏي جواب.“
”پنهنجو پنهنجو خيال آهي.“ صفوران ٿورو رڪائيءَ مان جواب ڏنس.
معاملو سنجيده ٿيندو ڏسي، گفتگوءَ جو موضوع بدلي ٿوري دير ۾ عاشي ۽ زبيده بہ موڪلائي پنهنجي گهر روانو ٿيون.

صفوران جي مرضيءَ خلاف ڪا ڳالهہ ٿيندي هئي تہ سندس موڊ سخت خراب ٿي ويندو هو. تنهن ڪري ڪنهنجي بہ مجال نہ ٿيندي هئي جو سندس مرضيءَ خلاف ٿئي يا حڪم جي پوئواري نہ ڪري... البتہ زبيده مٿائنس ڪڏهن ڪڏهن چوٽون ڪري وجهندي هئي. جيڪي کيس ناگوار تہ لڳنديون هيون پر خبر ناهي تہ ڪيئن سهندي پئي آهي.
صبح سان جو حليمان کي اجل کنيو سا حڪم هلائي وجي بورچياڻيءَ گلان سان وڙهي تہ قيمي ۾ لوڻ جهجهو وڌو اٿئي. گلا بہ ميس ميس ڪري روئيندي صفوران وٽ آئي.
”ائي چو؟“ صفوران نڇڪٽي سان پروڻءَ پٽيندي چيو.
”آون...آون آنهہ آونهہ. اِهين اِهين!“
”ائي توکي وري ڇا ٿيو؟“ صفوران نڇڪٽو رکي مچن لاءِ ’ٽريڊنگ‘جا سانباها ڪندي پڇيو.
”سائڻ! توهان جي هوندي حليمان مون تي حڪومت ٿي ڪري... مون سان وڙهي آهي... توهان لاءِ بہ لفظ ڳالهايا اٿس.“ گلان ساڙ ۾ اُهي ڳالهيون ٻڌائڻ چاهيون جن جو جهيڙي سان تعلق نہ هو پر جيڪي شروع ۾ حليمان ۽ هن سنمڪ ٿي ’ناني ڳونڙو‘ ڪري گڏجي ڪيون هيون.
”ڇا آهي آخر؟“ صفوران ڪڪ ٿي پڇيو.
”سائڻ! حليمان چوي ٿي تہ منهنجو بہ حق آهي هن گهر ۾... رئيس سان ننڍي لاڪر راندون ڪڍيون هئم... ۽... ۽...“
”۽ ڇا؟“ صفوران ڊريسنگ ٽيبل اڳيان اٿندي پلنگ تي ويهندي پڇيو.
”چئي ٿي تہ پنهنجي ڪونج جهڙي، موتين جي داڻي مثل ڌاڏي پوٽي پنجن پٽن جي ماءُ ويٺي آهيس- پر ڦاٽو آهي تہ اشراف کي نياڻي پئي.“ گلان پنهنجو هانوَ هلڪو ڪيو.
”تون بس ڪر، آءُ پاڻهي ٿي ڏسان!“ صفوران ڇڙ ۾ ٻنهہ ٻاهہ ٿي ويٺي. اکين مان ڄڻ اُلا نڪرڻ لڳس، ۽ منهن تي هيبت طاري ٿي ويس. انهيءَ مهل ئي وڃي حليمان تي ڪڙڪي.
”مائي! هينئر جو هينئر وڃو پنهنجي گهر. گهٽوئي رهيون، توهان ڇا ڄاڻو مانَ مان.“
”ادي اسان کان تہ ڪا غلطي ٿي ڪونهي، تون چو ٿي ڪاوڙجين- مون ٻيو تہ ڪجهہ نہ رڳو نياڻيءَ کي چڱائي چئي- هاڻي اسين کهڙو منهن کڻ مائٽين ويندياسين جو انهن کي ڇڏي تو وٽ....“

”ائي ٺهيو ٺهيو. پنهنجيءَ جون ڪونه ٽيون سو منهنجون ڇا لاءِ ٽيندين؟“

اوچتو مٿان رئيس آيو. حليمان کي ڇڻ ساهه پئجي ويو ۽ شڪايت واري لهجي ۾ چيائين.

”ادا، پاڇائيءَ کي ڏسين ٿو...!“

رئيس حليمان جي ڳالهه ٻڌي اٽڪڻي ڪري ٻئي ڪمري ڏانهن ڇُپڙي ڪري هليو ويو.

”ائي ادي پلا ٽانگو ته گهرائي ڏي.“ ڪا واهه نه ڏسي حليمان، صفوران کي چيو.

”نوڪر واندا ڪونه آهن، پاڻهي وڃي ڪريو“ صفوران بنهه اکيون ڀڪي چڙيون- ۽ انهيءَ مهل ئي هو برقعا پائي رمنديون رهيون. اڳيان حليمان پاڻ، پنيان چار ڏيئون ٽانگو به ڪونه لڌن، الائي ڪيئن وڃي ڳوٺ پيڙيون ٿيون.

حاجياڻي پمل جي گهر مبارڪ ڏيڻ وارن جي ڇهل پهل لڳل هئي تنهن سان گڏ گلن هارن ۽ مِٺاين جا هبڪار پي آيا. پمان سيني سان ڪلي ڪيڪرون ڪري دين ايمان جون مبارڪون وصول پئي ڪيون ۽ هر ڪنهن وٽ ٿوري ٿوري دير پئي ويني. گرمي به دوزخ جي هئي نوڪر ٿڌي پاڻي جا گلاس پري پري زالن کي ٽي ڏنا- زبيده، عاشي ۽ صفوران به پنهنجو گروپ ٺاهيون ڪچهري لايو ويٺيون هيون.

”زُبي، گرميءَ ۾ اُڄ کان ساهه ٿو ماندو ٿئيم!“ صفوران ڇپن تي زبان ڦيريندي چيو. ”پاڻيءَ لاءِ ته نوڪر کي چئينس.“

”ابا هيڏانهن پاڻي ڏجانءِ“ زبيده نوڪر کي صفوران ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”هائو ادي!“ ائين چوندي نوڪر پاڻيءَ جي جو گلاس ادب سان ڪٽي صفوران ڏانهن وڌيو.

”ماسي پاڻي...!“

صفوران سڙي پُڇي گلاس ورتو. منهن جو پنون ئي لهي ويس.

”ادي، توکي اُڄ به لڳي، پاڻي به ڪونه پيتئي!؟“ زبيده صفوران کان حيرانيءَ مان پڇيو.

”اَئي ادي ڏنئي؟“ صفوران ڇڻ شڪايت ڪئي. ”موئي هيڏي ساري ڏاڙهيءَ واري پاڏي، مونکي سڏيو ماسي!“

”ادي عمر جو ته ننڍو هو، ڳوناٽا ماڻهو اهڙا ٽيندا آهن، ويهن ٻاويهن جو هوندو. چيائين ته ڇا ٿيو؟“ زبيده وراڻيو.

”پر ڏس ته هاڻي توکي ٿو ننڍو سمجهي جو ادي ڪري سڏيائين ۽ مونکي وري وڏوا- پلا اسان جو بدن آهي ٿلهو تنهن مان سمجهيائين ته ڪا وڏي آهي.“ صفوران چيو.

”بس ادي، نه پاڻي گهُرين ها نه اهي سور ڏسين ها- تنهنجا ته ڪاڏا پيتا زهر تي ويا!“ زبيده ٿوڪ پريل همدرديءَ مان چيو.

”چئين ڇاتي! زهر ٿين منهنجي دشمن جا- ڳالهائڻ جو ڍنگ ته سکي آ.“ صفوران چڙ مان چيو.

”ادي ڍنگ ته توکي آهي جو پاڻي ڦُڙيءَ ڪري هيڏا طائفا ڪيا اٿئي!“ زبيده به ٺهه پهه وراڻيو.

”ڇا ٿي پيو صفوران!“ عاشيءَ صلح ڪرائيندي چيو.

”مونکي تہ نوڪر چاڪر امان ڪري سڏين تہ بہ آءٌ ڪونہ چڙان. هڪ سال پاڻ تون وڏي ٿيندينءِ.. تنهنجو تہ مڙس بہ وڏو آهي. منهنجو مڙس تہ وري بہ تنهنجي مڙس جي پٽ جيڏو آهي، سٺ سال جو آهي مڙسهين!“

”چري ٿي آهين. دماغ ڦري ويو اٿئي. اُٺهٺ جو آهي. سٺ ۾ اجان بہ مهينا پيا اٿس. هينئر ئي تو سٺ جو ڪيس. آئي زبيده ٻڌين پيئي!“ صفوران دادرسيءَ جي اُميد ڪندي چيو. ”توکي تہ رئيس صاحب جي سڀ خبر هوندي تہ ڪيڏو هو؟“

”ادي مون تہ جڏهن ڏٺو هو مانس تہ پنيان چولو ٻڌو پيو هئس. بانبڙا پئي پاتائين!“ زبيده وراڻيو.

”تنهنجا بہ انصاف آهن.“ صفوران چيو. ”وقت تي مسخري ٿهندي آهي. هينئر مسخريءَ جو ٽيم ڪونهي.“

”ادي پڇيو بہ تو. مونکي ڪهڙي خبر. ڪٽي جي جهار ڪٽي جي جهرڪي. رهي راهو جا. ٻهي باهوجا. تڏهن بہ ڪُتي ڪنؤري جن جي. مونکان ٿي پڇين. مونکي ڪهڙي خبر مڙسهين ابوالقوڙاٽ جي عمر جي! آءٌ ڪا ڪُراڙ تہ ڪونہ آهيان. ننڍپڻ ۾ شادي ٿي تہ ٻار بہ پاڻ جيڏا اٿم. توهين مڙهہ تي ڪراڙ ٿي، پڙٿيون تہ ننڍا ٻار ڏسيو پاڻ کي ڪِڪيون پيون سمجهو.“ زبيده ٿورو تڪائيءَ مان چيو.

”ادي هروپرو گرم ٿي وئي آهين.“ صفوران اٿندي چيو. ”آءٌ مرڳوئي هِتان وڃان ٿي.“

صفوران ڪجهہ پريان وڃي فون جو نمبر ملائڻ لڳي. عاشيءَ ڪيس ويندو ڏسي مشڪي ڏنو.

”ادي مريم ڏٺئي!“ زبيده پر ۾ ويٺل هڪ زال سان ڳالهايو. ”مُڙس جي هڪ سال وڏي عمر ڪرڻ سان ڦتجي پيو آهن. هاڻي اٺهٺ جو ٿئي تو؛ سٺ جو ٿيندي ڪهڙي ڪس تي لڳيس.“

”سڀ تنهنجون ڳالهيون ٻڌم ويٺي.“

مريم دلچسپي سان وراڻيو. ”ڪل ڪان ساهہ تي نڪتو.“

”هاڻي ڏس تہ. ادو يوسف بہ اسان جيڏو آهي. ان لاءِ ڪڏهن تو چيو آهي تہ ڪو ننڍو آهي.“ زبيده اعتماد ۾ آٽيندي چيس.

”تنهنجي تہ سچي ڳالهہ آهي منهنجي عمر بہ تہ ٽيهہ سال آهي.“

”چو اچي بچڙي ٿي آهين. ٻين جي اڳيان تون پنجويهن جي وڃي ٿيءُ- منهنجي اڳيان نہ چئو- سڄا پندرهن سال ڳڙڪائي ويئين! پاڻ سال اڏ مونکا وڏي هوندينءَ!“

”ائي هاڻي ٺهيو. آهستي ڳالهاءِ ٻيون نہ ٻڌن.“ مريم هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو. ”هوندو پلا ڪٿي آءُ بحث ڪونہ ٿي ڪريان.“ موٽ ۾ زبيده ڏانهنس مشڪي ڏٺو.

”پيڻ ڪهڙيون ڳالهيون ڪري پيون ڪلو مونکي بہ تہ شريڪ ڪيو. هڪ ڪلمڪ عورت ساڻن گڏجي ويهندي چيو.

”ادي ڳالهيون وري ڪهڙيون. اٺهٺ جو ٿيو آهي سٺ تان مونکي وڙهي ڦتي رکيو اٿن.“ زبيده وراڻيو.

”ادي شال سٺ جو نہ ٿئي، اُٿهڻ ۾ ئي پنڌ پوي. کهڙي نہ ماٺهن جي ننڊڙي ٽيڻ جي عادت آهي- مائي آءُ تہ پنجاهہ جي آهيان.“ ڪلمڪ زال، خوش طبعيءَ مان وراڻيو- ايتري ۾ ساڳئي نوڪر پريان ئي وڏي آواز ۾ صفوران کي مخاطب ٿيندي چيو.

”ماسي توهان جي موٽر آئي آهي!“

صفوران جنهن يڪو نمبر ڊائل پئي ڪيو تنهن ور وڪڙ ڪائيندي نوڪر ڏانهن ڏٺو. ويٺل زالون چپن ئي چپن ۾ مرڪڻ لڳيون.

# چخ چخ

”مين اکيا ڪيڏي پي ويندي هئين، ڏاڍي وٺو سينگار ڪيتي هي! هي تہ خير؟“

”خير ڪيون نهين! مين تہ جڏان ستر- ڪپڙي پيندي هان، جلدا ويندا هئين، اهو پي ڪوئي مڙسين دا شان اي؟ اهين ڏينهن بہ ڳيس متو دي چني تي دک ڳيو ئي طول ڪنون تہ وچ وهاٽي ڪون لڳوائي. “

”تون تہ ڪائي پري بيني هئين! مئن پچندا آخر ان لاءِ تهہ جڙ وڃڻ دي ڪيهي ضرورت هي؟“

”ڪيون نهين هي!“

”اِهوئي تہ پچندا، ڪيا هي جو اِتلي گل ڦل وار ڪدئي هئي!“

”اهو پي نہ سهہ سگهيوئي، اپٹي پي تہ ڪر، صبح نال آئيني دي اڳون ڪڙدا هئين لپ سرمي دي گهت، اُنون اکيندا هئين ”آ رانجهن دي ما، تيل ذرا تہ مارم متي ڪون! ميڏا تہ هي چوتا، تنهن ڪون ڦٽيان ڏي گل ڦل ڪيان چا ڳتان ڪران، پر تيڏي ڏون گنج تي وال هن، انهان ڪون ڦيري ڏتي پيا ڦٽيان ڏيندا هئين. مَين تيئن ڪٹون پي ڳيس ڪيا-؟ مين سدا سهاڳڻ، ويندي پئي هان اپٹي امڙي ڪٹي، ڪيون نہ تهہ جڙ ويسان-“

”وات نہ ڪر مئين نال- زالان گهر دي سونهن هونديان هن. تيڪون تہ جڏان ڏيک تڏان برقي پئي هي. “

”مئين ڪائي“ ”گهر دي گندي“ نهين ها. آخر انسان بهسان- زماني وچ جو رهٹا هي. تين سچا ڏينهن کهڙي ڪرکر لاتي هي ميڏي پچون! ”ڪرڪٹي ڪانڌ ڪنون پينگ پلي“ اهين ڪنون تہ مئين ڪنواري چڳي هس، تيڏي نال تہ نہ پرٹيجان ها-!“

”پچي ڪيون پرٹي هين؟ مين پهين ڏي ڪائي ميڙ چاتي هامين ڪيا؟“

”تين نہ چاتي هئي تہ ڪائي مين پي چاتي ها مين ڪا؟ درين دي اڳون تون لنگهندا هئين؛ ڪاغذين تي ڏهہ ڏهہ لک تون منجيندا هئين ۽ هڪ دفعا ماهين دي هٿون جليبيان پي متيان هئي. اهين مهل ماهين لور لور ڪر آئي ها وئي تہ سوٹ جليبيان متيان هنين. اهو ڏينهن وسر ڳيا هئي، جو هڻ ميڏي ڪاڻ مڙس تي پيا هئين-!“

”متا ڦيهہ ماهين دا، جا سچا ڏينهن ڳچي وچ سير دا هس گهتي ڪنگهندي بيني هي. مردي پئي هي، تڏان پي سنيگار نهين چڙيندي!“

”ميڏي ماءُ دا نان نہ گهن، اپٹي ماءُ دي ڪر جيڪا پنج مٹي سمٹ دي ڳوٹي وانگڻ بيني ڪانوان ڪانوان ڪريندي هي. چاچي ربو ڪون ڪان چوڙيا هس هڏڙئين دي مٹ ٿيا واہ تلڪندا هي-“

”ميڏي ماءُ دا وڏا ويلا هئي! اپٹا پئي ڪوئدي هي، تين ڪَٹون ڪونہ آپنيا هس-“

”ڪاوي! ڪاوي! اجا ججها ڪاوي! پنجين وچون ويهين مٹين دي ٿيوي-“

”الله دان نان هئي چوڙ گهپي، تيرهين تيزئين وچ ميڏي پچون-“

”مين پيا گهہ پي ڪريندا هان؟ ڳالهہ ڪيتي هم تہ نڙي ڪنون چا پڪڙيا هئي.“

”مئين نال نہ الا! مئين تپي پيئي هان. خدا دي سنهن! تين ميڪون تنگ ڪيتا تہ مين رڙان ڪر روسان!“

”بسم الله! شروع تي ڪنهن جهليا هئي“

”اڙي... ڙي... ڙي...! تون تہ سچي پچي روندي هئين. ڪجل تہ سجا وهہ ڳيائي، ايڏي آ... ہي ڪاني گهتئين.“

”هائي! هائي! ميڏي ڪهڙي ياڳ ڦٽي جو اهين“ گهر وچ پرڻيج آيس.“

”چوڙ چوڙ رانجهن دي ما! چري تہ نهين تي هئين اي ڪيا پئي ڪريندي هئين! منهن متا پٽ آپڪون اڏمويا ڪر چوڙيا هئي.“

”اُٿ، هٽي اٿ. مين تيڪون چوڙ آوان چاچي ڪني.“

”مين ڪونہ ويسان.“

”ڪيون نہ ويسين؟

”ميڏي مرضي!“

”اتلي ڪاوڙ! منهن اتي ڪر ڏيکان. خدا دي سنهن! سينگار ڦٽ ڳيئي تہ ڪهڙي نہ سهڻي پئي لڳندي هئين اهين حال وچ.“

”تون تر تون خوش تي.“

”مين يلا تيڏي نال ڪڏان سڙيا هان؟“

”نہ الا مئين نال.“

”سڻ تہ سهي...“

”مين واندي نهين هان... مائي جيوي! چاڙهہ توَا تہ ماني پڪاوان ڪونهي پئي ويندي هان. سپ تر پهو.“

# جيئڻ ڪارڻ جيڏيون

پيچ موليٰ پيچ! پلي کي واٽ الله جي مليل، نيت جي ماني کٽي ايندو ڏسي گانگٽ پريان ئي هٿ مٿي ڪري پنهنجي بلغمي آواز ۾ نعرو هنيو.
”يار وارو ڪر! ڏاڍي بک لڳي آهي.“ ڪڳي پنهنجي گرانٺ کن ڊگهي سڪل ڪاڏي، جا ڳالهائڻ مهل اجان به انچ کن اڳتي کسڪي ايندي هئس؛ سا ڪڙڪائي ۽ تاش جا پتا ڪٽ تي اُڇلي، روڳ جهڙي پگهر ۾ پسيل گوڏ ڪي، ٺورو ڇڪي ٻڌو. الائي سندس گوڏ ۾ کهڙو خلل هو، جو هلڻ مهل مکين جو وڏو جلوس به پنيان اُٿي هلندو هئس ۽ فضا ۾ ککيءَ ڊپ جا پيڪا محسوس ٿيڻ لڳندا هئا.
”آخ ٿو...!“ پلي پنهنجي ناس گڏيل هيڊي ڪانگهاري سان پٽ تي رکيل گگهيءَ جي پاڙ لِمبي چڙيو ۽ ماني کٽي کٽ تي رکيائين.
ڏاڍي دير ڪيئي يرا“ گانگٽ کوهه جهڙي کٽ جي هڪ پاسي کسڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي، پلي کي جاءِ ڏيندي چيو.
بش ير“ رنن جو راج پيلا، جڏهن ماني ڏين مار پوين قلندر جي، ڪاڙهي ۾ بيهي بيهي لاهه نڪري آيا، گرميءَ کان آشل ”مگز تڙکو ڏيئي ٻاهر تي نڪتو.“ پلي پٽلي هٽندي چيو. ڪڳو جيڪو ترڪي اڃي ساٽس لڳو هو تنهن کي دڙکو ڏيندي چيائين.
”اڙي! پري ڪر پنهنجا اُيا گوڏا، پاسراٽيون پچي وڏيون اٿئي.“
ڪڳي، جنهن جا ڊڪٽين سوڌو سُڪل گوڏا گوڏ مان ظاهر پيي ٿيا سو ڦڪائيءَ مان ڪلندي اوڪڙو ٿي وينو.
”مار پوئي شولو ٿي ويهه، ڏشين نٿو ماني رکي آهي، انشان خطا جو گهر آهي.“ پلي ٻيهر حملو ڪيس پر تڏهن به جهڙو نرجو، لاچار هڪ گوڏي کي ليٽائي ٻيو گوڏو اپو ڪري وينو رهيو.
ٽئي ڄڻا ڳجهن ۽ سرڻن وانگر جهپٽا هڻي ماني کائڻ لڳا.
”واه مرڻ وارا واه! جنت ۾ جايون هونديئي، موج ڪرائي ڇڏيئي!“ گانگٽ کي نري چوسيندي ڏاڍو مزو آيو.
”پر يار پيٽ نه پريوا“ ڏاٽ مان ٻوٽيءَ جو ڦاٽل ذرو ڪڍي وري چباڙيندي ڪڳي چيو. ڦاٽل گنجيءَ مان سندس چاتيءَ جا وار برباد آکيرن جي تيلين وانگر پکڙيل نظر اچي رهيا هئا.
”مار پويئي، شجي ماني نه کائي وٺين، ڪا تولاءِ نه ڪونه ملي هئي، پنهنجي گهر نٽي ڪاڏئي“
”ڳمَر نه ڪر دلبر! جهونا سلامت نه مانيو کوڙ، جاڻ آيا رهيا!“ ڪڳي، پلي جي پني ٽپيندي ٻه دفعا چپٽي وڄائي. ”پاڻ واري چاچي ربوءَ جوبه چاڙهو ڪونه اٿئي، بنهه هڏڙن جي مٺ وڃي بچيو آهي رڳو اٿس زبان، سا به ڪڙيون ڪساريون دوائون گوريون کائي کائي جڻ جتي جو ترو ٻڃي وئي آهيس، چڱي مٺي ڳالهائڻ جي ڪا خبر ئي نٽي پويس... ڪالهه پاٽنس قبر لاءِ جاءِ به جاچي ويو اٿس... واٽ الله جي ماني

جي ماني کائڻ واري پاڙي ۾ اسان جهڙا مسڪين ۽ بي روزگار وري ڪي پيا هوندا ڇا؟ ڪيئن تو پائيئن ڙي! ڪڳي، گانگٽ ڏانهن پنهنجي ٻاڏيءَ اک جو تير اڇليو.
”بابا، موليٰ مڙئي پيو سڻائي ڪري اسين ته دعاڳو آهيون سيني جا.“ گانگٽ جڻ پنهنجي قبر ۾ نهاريندي چيو.
اوڳرائيءَ سان گڏوگڏ، ’آفيمي اسٽائيل،‘ جو نعرو بلند ڪري ڪڳي ٻوڙ وارا هٿ پنهنجي گوڏ سان اگهيا.
گانگٽ اهو ڪم پنهنجي مڇن کان ورتو ۽ پلي منگهٽن سان پريل ڪڙي تيل واري رليءَ سان هٿ اُگهندي، تاش جا پڪڙيل پتا ميڙيا.
حسن علي، اسانجي پاڙي جو چڱو مڙس ته نه، باقي بزرگ ضرور آهي. ستر ورهين جي عمر ۾ به ڪنوارو رهڻ جي ڪري نانا يا ڏاڏا ته نهيو، پر مجال جو ڪيس ڪو چاچو يا مامون چئي سگهي، البت ادا يا اَبا سڏائڻ ۾ ڪيس ڪو اعتراض نه هو، پر تنهن هوندي به ڪي سر ڦريا پرپٺ ڪيس گانگٽ جي خطاب سان ياد ڪندا آهن. ڇو ته سندس مڇون، گانگٽ جي مڇن کان به گوءِ کڻي ويون آهن. سندس ڊرڪيل چپ اُت جي چپ ڪي به شهہ ڏيئي ويو آهي. گويا اُت سندس سهڻي چپ اڳيان شرمسار آهي. اها چوڻي ته: ’اچئي ٿو ڪانگ ڪارو هٽنئي ٿو ڇهنب چپن ۾‘ ساڻس بلڪل نهڪيو اچي. دنيا ۾ اهڙو ڪو مرض ناهي جيڪو ڪيس نه هجي. هڪ گهمنڊڙ ڦرنڊڙ لاش... پر ’لک لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.‘ هڪ سيٽ آهي جا هنجو جياپو آهي!
جڏهن پٽيواليءَ تان رٽائر ٿيو ته اچي حيدرآباد ۾ پنهنجي اباڻي ڪوٺڙي وسايائين.
معمولي پينشن، مهانگائيءَ جو دور، نه ڪو پچڻ وارو ۽ نه ئي ڪو ڏيڻ وارو. همراهہ جا تاڪ لڳي ويا.
جڏهن نوڪريءَ ۾ هو ته روز ٻه ٽي رپيا مٿين آمدني به هوندي هئس پر هاڻ ته بنهہ پينگ هئي.
اڳ ئي پاڙي ۾ ٻن مستقل بي روزگارن پلي ۽ ڪڳي ٽپڻ ٽپائي ڏنا هئا، ويتر جو هي ٽيون به اچي سهڙيو ته جڻ سندن الله ڪٽي جوڙ جوڙي. اڳ ئي نينگر نچڻي ويتر پيس گهنگهرو ٽورن ئي ڏينهن اندر هن به پنهنجي ٻن ساٿين جيان پاڙي ۾ ڏاک ويهاري ڇڏيو.
پلو اڌ وهيءَ جي ويجهو هوندي به اجا ڇڙو ڇانگ هو ائين به نه هو ته ڪو نڌڻڪو ۽ غيباٽو هو. پنهنجي وڏي وڳر ۽ ويڙهي وارو هو پر مهذب نموني سان پنڻ سندس پيشو ۽ عادت هئي. هنجي نڪمي؛ بداعمال ۽ بيڪار هئڻ ڪري سندس مائٽن به ڪائنس پاڻ پلي ۽ آسرو لاهي ڇڏيو هو. راتين جون راتيون اوتارن ۾ موالين شوالين سان گڏ ڪوندا گهوٽي پيو ڪچهريون ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن رات جي پوئين پهر گهر جي پٽ ٽپي يا ڪڙا ڪندا ڪولي اچي ڍهندو هو، پر جڏهن گانگٽ سان ياري ٿيس تڏهن کان ساڻس گڏجي رهڻ لڳو.
مٿس پلو نالو پوڻ به هڪ عجيب اتفاق هو بلڪ نهايت ئي معمولي واقعو. پاڙي ۾ جهيڙا جهٽا ٿيندا ئي رهندا آهن. اهڙي ئي هڪ جهيڙي ۾ وات ويندي پورل ماءُ جي طرفداري ڪندي ٽپي پيو تڏهن پورل ماءُ گهر جي پاتين ڪي ڪلندي چيو هو ته اهو پلو پيو وڙهي، يعني سندس مراد اها هئي، جيئن ته هن

کي تازو پلي جو پلاهه ڪارايو ويو هو تنهن ڪري سندس پاران وڙهڻ لڳو. اُنهي ڏينهن کان پوءِ سندس نالو ئي پلو پئجي ويو.
انهي واقعي کي ڪئي سال گذري ويا آهن پر اهو نالو متس اڄ ڏينهن تائين قائم آهي، پل انهيءَ حقيقت جي ڪٿي ڪنهن کي سُڌ نه هجي.
طبيعت جو جيترو نرم ۽ مسڪين ايترو ئي وري تيز ۽ بي لحاظ. هڪ دفعي پاڙي جي ڪنهن شرير نينگر ڪيس چغلي هنئين ته پورل ماءُ توکي 'پلو' ڪري سڏيندي آهي، تنهن تي ڏاڍو ڪاوڙجي پيو ۽ پنگ پي اکيون ڳاڙهيو ڪري مقابلي جي خيال کان در وٽ اچي بيٺس.
"ماشي! توکي اشان پنهنجي ماءُ شمجهندا آهيو ۽ تو اشان کي پلو تي شڏين!"
"نه منهنجا ٻچا، توکي الله رکي! آءٌ چو توکي چونديس. مون ته پاڻ تنهنجي ساراهه ڪندي زماني جي ڳالهه پي ڪئي ته ويچارو پلي وانگر ڏڏو مَنو ٿيو پنهنجو پاسڙو ونيو وينو آهي نه ڪنهن جي تيريءَ ۾ نه ميريءَ ۾!" پورل ماءُ هُنجي اکين ۾ شور ڏسي صاف پلٽو کائي وئي.
"هان! هان! شو نه... شونه... آخر اسان جي ماءُ آهين نه! پلو ائين چوندي ٿڙندي تاٻڙندو اڳتي وڌي ويو.
"ٻيو نه ته ابا!" پلي کي ويندو ڏسي پورل ماءُ کي پيٽ ۾ ساهه پيو.
"متان وري اِنهن ڪوڙن چورن جي چوڻ تي لڳو آهين."
ڪڳي کي انهيءَ سان نوازڻ ۾ سندس ڊگهي وڏيل ڪاڏي، ڏرا ڏنل مُنهن ۾ تند جهڙي ڳچي جو وڏو هٿ آهي. ظاهر آهي ته اهڙو ماٺهو صرف ڪڳوئي تي سگهي ٿو.
ڪڳو هو ته ٻارن ٻچن وارو، غريباڻي حال پنهنجي ابي جو اجهو به هيس، پر سندس هڏ به حرام تي هريل هئا. زندگيءَ جا ڪجهه سال پورل جي گهر بورچيءَ جي حيثيت ۾ گذريا هئس، پر جڏهن کان ٻوڙ ۾ چچي، مانيءَ ۾ مکيو ۽ آمليٽ ۾ پنهنجي ممڙي جهڙي تنگن ۽ گهوڙي جهڙي ناسن جا چٽيل وار وجهڻ لڳو ته لاچار ڪيس رٽائر ٿيڻو پيو. ان کان پوءِ ڪڳو لائي چائي ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ڪم جو نه رهيو. لائي چائي جو پيشو به 'خاشو' ٿيندو آهي، سدائين پئي ٻن ڌرين ۾ چخ چخ هلندي. جيڪڏهن 'مخالف ڪيمپ' ۾ هوشياريءَ سان 'خبر' پهچائبي ته خاطرداري به ڏاڍي زورن تي ٿيندي آهي. پر اهو پيشو به گهٽا ڏينهن ڪونه هليس، ۽ ڪڳو چغل خور سڏجڻ لڳو. وس هلندو نه ڏسي آخري ۽ سڀ کان فائدي وارو پيشو، مهذب طرح سان پنڻ شروع ڪيائين. 'پارٽ ٽائيم' ۾ ڪڏهن ڪڏهن پاڙي جي گهرن جو خرچي وٺي ننڍو سنڊو ڪم به ڪري ڏيندو هو. سندس گهر جون شريف ۽ ساديون زائفائون ويچاريون سڄو ڏينهن اڳٽ اُٽي رليون سبي چڪي تاڻي پيون پورت ڪنديون هيون پر ڪيس ڪا ڳڻتي ئي ڪانه هئي اُٽلندو ڪانئن ماري پئسا وٺي وڃي نشو پاڻي ڪندو هو.
گانگٽ جي ڪونڙيءَ ۾ پلي جڻ ننڍي پيماني تي ساقي خانو کوليو. جتي پاڙي جا سڀ ڇوڪرا پنگ تي هيريائين. گانگٽ وڏي عمر جي ڪري جيتوڻيڪ پاڻ پنگ پيئڻ جي لائق نه رهيو هو، ڇو ته سندس چوڻ آهي ته: 'هنجو مغز هينئر خالي تي چڪو آهي. نه نه مائٽ، اسان اُهي پنگون پيتيون، جو اڄڪلهه

جي جوانن جي طاقت ئي ناهي‘- سو اڄلڪهہ صرف نمائشي ٻوٽيءَ جي ساراهہ ڪندو آهي ۽ اِنهيءَ جي تعريف ڪندي پاڙي جا الهڙ ڇوڪرا پنهنجي چار ۾ ڦاسائي پلي ڏانهن Pass on ڪندو آهي ۽ پنگ جي ڪمائي تئي جٽا پاڻ ۾ ونڊي ورهائي کٽندا آهن. وري جو خدا انهن جي ٻڌي ۽ پورل جهڙو نوجوان جو پاڙي ۾ سيني ڪان وڌيڪ پئسي وارو هو، سو سندن ور چڙهي ويو تہ موليٰ هنن جا ٻيڙا ئي پار ڪري ڇڏيا. پلي پنگ سان گڏ شراب شروع ڪيو. پراڻي پيچش جو مريض گانگٽ، جنهن جا چوويهہ مان چوڏهن ڪلاڪ ڪاڪوس ۾ گذرندا هئا تنهن پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي پير ۾ هڪ ’اٽيچ ڪاڪوس‘ ٺهرايو نہ تہ آڏيءَ مانجهي سرديءَ گرميءَ ٺڪر جو ڪونئرو کڻي پير واري مسجد جي ’بيت الخلا‘ ۾ ڪاهي پوندو هو. هاڻي ڇڻ سُک تي پيس. بنا اوني ٽيو وينو هوندو هو. ڪڳي جون ڏيئرون پٽ ۽ زال بک ۾ پاهہ پيا ٽيندا هئا تن بہ پيٽ پري ڪائڻ شروع ڪيو. پاڙي ۾ شال نہ ڪنهنجو نوڪر پڇي وڃي تنهن گهر جو ٻوڙ ٻاڙي وٺي اچڻ جو بار بہ هنن مان ڪنهن هڪ تي رحم جي صورت ۾ نازل ٿيندو هو، ٻاهران ٻوت ٻچڙو هوندن ۽ دل ۾ دهل پيا وڄندن. گانگٽ پريان ئي رڙ ڪندو ۽ ان سان گڏ وڏو ڪلمو ۽ چار وڏا قسم ٺڪاءُ جي صورت ۾ ظاهر ڪري چوندو. ”ملڪ ۾ مهانگ وڌي ويو. بنگال جو ڏڪر پئجي ويو! ماسي خدا جو قسم بصر ٽين ريئي سيرا“ ماسي ويچاري بہ گهُرجائو ۽ مجبور، ٻچن کي ماني جو ڪارائڻي ٽيس سو ڪيڏانهن وڃي. يڪدم معصوم صورت ڪري چوندي: ”ابا مونکي سچر خبر آهي. تون ڪلما نہ پڙهہ. گناهگار نہ ٿي- تون سَون ۾ سرهو. توکي الله رکي. جيڪو تون چئين ٿو سو سچ اڄان بہ سادي ٽين ريئي هوندو اهو توکي ڏسي ٽا ٽين ريئي ڏين“ اتي گانگٽ جون مڇون خوشيءَ ۾ لغڙ ٻڌجي ڦڙڪڻ لڳنديون هيون. ”ماسي، اٽم تہ ڪم گهٽا، پر تون ماءُ ويني آهين، توکي ناراض نٿو ڪري سگهان.“

ان بعد ٻوڙ جي پئسن ڪانسواءِ اٺ آنا پنڊاڻي ۽ سير مان پاءُ گوشت پنهنجي لاءِ تڳائي وٺندو هو. رهيو سوال وڌيل اگهہ جو، سي پئسا تہ هئا ئي سندس ڪيسي ۾، جيڪڏهن ڪنهنجو نوڪر نہ پڇندو هو ۽ ڪجهہ وقت جتاءُ ڪندو هو تہ گانگٽ پنهنجا سپ گُر هلائيندو هو. جن ۾ پهريون گُر تہ ان گهر جي گِلا سان شروع ڪندو هو، ۽ نوڪر کي چوندو هو تہ: ”آءٌ انهن جو رت آهيان پر هي اهڙا خنوص (خنذير) آهن جو منهنجي ڏاڏيءَ جا جهومڪ ۽ دُهري بہ کائي ويا! ابا توڪان پهرين بہ هت گهٽئي آيا پر هڪڙو تہ مائي گاريال، سجوڏينهن پئي وڙهسون ڪري ڪم تہ ابا ڪنهنجو وٽيس ئي ڪونہ.“ ان بعد جلد گانگٽ پنهنجو مٽيون چپ سڄائي ۽ منهن ڇبو ڪري چوندو هو ”ابا جيڪو بدنصيب مهنو رهي نوڪري ڪري تہ پگهارڪان آگوٺو! هڪ نہ ٻيو بهانو ڪري مائي چوندي تہ: منهنجا ٽانوَ چوري تي ويا اٿين ڪري غريبان مار تي هري ويا آهن“- نتيجي ۾ سنئون سڌو نوڪر ٻئي ڏينهن غائب ٿي ويندو هو ۽ وري بار کڻن باري. اِهي ڳنڍڻ وٺڻ جا بار سپ گانگٽ ۽ سندس ساٿين مٿان. هتن جون ٻُڪيون ڏيئي ٻئي ڏينهن ساڌ تي چوندو هو: ”ماسي اِهي نوڪر وڏا خُنوص اٿو هينئر وري جو پُٽي صاحب مزور پاءُ، مزرو پاءُ ڪري مٽي تي چاڙهيو اٿن تہ مالڪياڻيءَ کي ٽُک ئي ڪونہ هڻن!“

”ٽُڪون هڻن پاڻ ڪي ڳالهائين ڇا تو!!“

”ماسي مون توکي ٽورئي ڇيو. ڳالهہ ڪئي زماني جي. هڪڙو توهانجو ڪم ڪريون. وري مٿان سيٺ! وچي ٻئي ڪنهن کان گهرايو سودو.“ گانگٽ جو منهن وساٽيل ڦوڪٽي وانگر ڍرڪي پيو ۽ چپ ذري گهٽ اچي گوڏن تي پيس.

”ابا مون توکي ٽوروئي ڇيو.“ اتي ماسي سُسي وئي.

”ڇڳو ڀلا ڏينم پئسا تہ وڃي اچان.“

پلي جڏهن پنگ سان گڏ شراب شروع ڪيو هو تڏهن کان سچ پچ تہ پاڙي لاءِ آزار پيدا ڪري ڇڏيو هئائين. سڄو ڏينهن رڪشا تي گهمي، واپسيءَ مهل پاڙي ۾ مائٽن جي هڪڙي گهر مان لنگهي ۽ سندس گهر جي ٻئي در يا دري مان ٽپي وڃي پنهنجي اباڻي گهر نشي ۾ چور تي ڪونگهرن ۾ پئجي ويندو هو ۽ رڪشا وارو ويچارو تنگ ٿي جڏهن هارن وڄائڻ شروع ڪندو هو تہ ڪڳو ۽ گانگٽ اچي رڪشا واري جي نڙيءَ کان وٺندا هئا. ”اڙي شريفن جي پاڙي ۾ ڇوٽو هارن وڄائين. اهل بيتن جي گهر جي اڳيان! بي شرم آل رسول جو بہ خيال ڪونہ ٿو پئيوَ. پنج تن پاڪ جي اولاد. تنهنجي گهر جي اڳيان گستاخي، تون تہ ڪو يزيد جو اولاد آهين!!“ اڙي سائين مون ڪهڙو گناهہ ڪيو! چار ڪلاڪ ماڻهو کي رڪشا تي گهمايو اٿم. ڪلاڪ هتي بيٺو آهيان. هينئر اجهو هن گهر ۾ گهڙي ويو آهي.“

”بي شرم! شريفن جي گهر ۾ ڪير گهڙي ويو؟ ڪتا. تنهنجي ايڏي همت. ڪلاڪ ٿيو آهي شريفن جي پاڙي ۾ بيٺو آهين! هي تہ ڪو گڏهہ ٿو ڏسجي!“ گانگٽ رڪشا واري کي گاريون ڏيندي آخر ۾ ڪڳي ڏي تڪيندي ڇيو.

”اڙي مردار تنهنجي اها مجال!“ ڪڳو بہ سِنگهہ ڪڍي ساڄو ٿيو. ٻنهي ڄڻن گارين جو ڏوڙيو لائي ڏنو. رڪشا وارو وڃي پڳو. ان بعد ٻنهي وڏو ٿهڪ ڏيئي ڇيو: ”يار، پلو آهي تہ پنهنجو. پر ائين واجب ڪونہ هئس.“

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن لال اکيون ڪري پلو ننڊ مان اٿندو هو تہ ڪيس ڄڻ يادگيري بہ ڪانہ هوندي هئي تہ هن ڪنهن سان ويل وهايو هو.

ٽرن... ٽرن.. ٽن! ڪنهن يڪو ڊور بيل تي آڱر رکي ڇڏي.

”ائي گلان! ڇوري اُٺ ڏس ڪير پيو ٽرڙائي ڪري.“ پورل ماءُ ڪنن ۾ آڱريون ڏيئي بيزاريءَ مان ڇيو.

”اِهو مئا ڪڳا هوسي!“ گلان ٽانو ڏوئڻ اڌ ۾ ڇڏي اتي در ڏانهن وئي.

”جيجي، مائين اڳهين آکيا تہ اِهو نپتا ڪڳا هي. اتا منگڻ آيا هي اُڌارا.“ گلان واپس اچي ڇيو.

”ٻڏڻ ويو وسري لُڏڻ آيو ياد! شرم ئي ڪونهي ماڻهن کي.“ پورل ماءُ چڙندي ڇيو. ”سوَ دفعا اُڌي ڪُٺي ورتي اٿن. آءُ تہ واپسيءَ جو نالو ئي ڪونہ وٺان ڪهڙو مسڪينن کان وٺبو. پر تڏهن بہ سيٺ ٿا ڇڏين جو اُڌار جو ٽپو لڳو اچي. وڄ ڏيئي اچينس ڪٽڪ داٽا.“

”جيجي مائين ڦڪي پيئي ٿيندي هان. ڪون ويسان. اڄ ول مُڇان بہ ڪاليان ڪر ڪڙا هي، ڪيس وٺو ڪِتا هِس، مئيڪون ڏيک ڪنگهڪار بہ ڪِتائين.“ گلان هبڪندي چيو.

”اهڙو مڙس ٿي پيو آهي؛ آءُ هڏ هڏ تي پيجرايانس. رڳو سائين اڇي. جيڪو جيو سو جيو.“ پورل ماءُ گلان کي خوش ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ڪٽڪ جي هڙ ڪٽي در ڏانهن وئي. ڪڳي کي ڏسندي ئي عجب مان چيائين:

”اڙي اَبا، ڇا ٿي ويو. تون معصوم ڪالهوڪو. جهڙو ڪوپ تي ويو اٿئي وات! شيخون ڏندن جون نڪتيون پيون اٿئي تنهن ۾ وري ڳاڙهو پان ڪاڏو اٿئي سو واڇن مان پيو وهيئي! سڙيا شڪل تہ ڏس. ڇڻ نور پيو لڳين.“

ڪڳي ڦڪي ڪل ڪلندي پنهنجون مير پريل ٽن مندين واريون آڱريون يڪدم ڏاڙن ۾ وجهندي وڏو وات ڦاڙي وراڻيو: ”رڳو هي اڳو پوءِ نڪرن تہ نوان ڏند وجهرائيندس. نزلو ڇڏيئي ڪونہ ٿو ان ڪري پڄي پيا.“ ڪڳي عمر جو الزام نزلي تي وڌو.

”پر ابا ڪو پڪو پوڙهو هجين تہ بہ ٺهيو مس پاونجاهہ ٽيونجاهہ جو هوندين. مونکان ڪو ٻہ ٽي سال ننڍو هوندين. پر تڏهن بہ منهنجو اولاد. ڇو تہ منهنجا رشتا وڏا- آءُ اڃا ٻٽيهي ڪنيو ويٺي آهيان. تون سرمي جي لپ پائي ڪِنا ڦسا ڏند ڪنيو بيٺو آهين. وڃي سين سان ڏند ڪيرائي.“

”جيجي هاڻي وڃي ٿو وجهرايان.“ ڏندن کي لوڏو ڏيندي چيائين. ”غلام آهيون توهان جي در جا. بس اسان جي پارت هجيئي.“ ڪڳي ٻئي هٿ جوڙيندي ڳالهہ ڪئي ۽ ڪٽڪ وٺي دعائون ڪندو اڳتي وڌي ويو.

”توبهن روح ڦيرائي ڇڏيو موئي.“ پورل ماءُ ٽُڪ اڇلائيندي چيو. ”تڪريور تازو ڪاڏم. اهو بہ زهر ٿي ويو!“

”جيجي تائين بہ ڪونہ گهتايا. ڪڪر وڇ وٺو ڪڙا ماريئي. ڏندين دا حال ٻِنينس پڇڻ!“ گلان مشڪندي چيو.

”امان مون تہ مارئي کي هيسائڻ لاءِ ائين ڪيو مونکي ڪهڙي خبر تہ مئو انڌي ڪوهہ وانگر اونهو ۽ ڪارو وات کولي پنهنجا پڳل ڪٽيل ڏند ڏيکاريندو.“

پورل ماءُ هڪ دفعو وري پٽ تي ٽڪ اڇلائيندي ڪٻٽ مان ڦوتا ڪڍڻ ڇٻاڙڻ لڳي.

گانگٽ جي بواسير جي پراڻي شڪايت اهڙو تہ زور ورتو جو رهيل سهيل رت بہ نچوڙجي ويس. اجان انهيءَ نامراد ’ڪشني‘ جو اثر باقي هئس جيڪو شاهہ صاحب کي زورن ڏيڻ مهل وجهہ وٺي معجون سمجهندي هنجي پلنگ جي سيرانديءَ کان ٽڳائي ورتو هئائين. جنهن کي گذريل سياري ۾ شاهہ صاحب سيوهڻ جي نامي گرامي حڪيم کان سوين رپيا خرچ ڪري ٺهرايو هو. ڪشتو وري اهڙو هو جو هوند مردو ڪائي تہ هڪدم ڪڙو ٿي وڃي، پر گانگٽ جاٽيءَ وانگر فرڙين سان پرجي ويو. سڄو شهر جاچين. هيلٿ سينٽر ۽ جرمن هيلٿ سينٽر رلي رلي اڳيون سوجهرو بہ وڃائي ويٺو.

ڪم ڪار ڪان ته اڳئي لاچار هو هن بيماري ته مرڳو ڪٽ داخل ڪري وڌس. ليٽي ليٽي هيراڦيريءَ لاءِ نيون اٽڪلون پيو سوچيندو هو: نه ته يادن جي ڄار ۾ پيو تڙپندو ۽ ڦٿڪندو هو.

ڪڏهن اُهي به ڏينهن هئا جڏهن اوڙي پاڙي ۽ برادريءَ جي سيني نياڻين سياڻين کي سندس منهن نه پوڻ ڏبو هو. جڻ هو ڪين ڪائي ٽي وبو. اتفاق سان جي ڪٿي ڪڏهن گانگٽ جي مٿن نظر پئجي ويندي هئي ته شرم کان وتجي ستجي ڳاڙهيون ٿي وينديون هيون. ساهه تڪو ڪجڻ لڳندو هئن. هٿ پير ٺري جڻ برف ٿي ويندا هئن. پلا ايترن ساريون جو ڪائنس شرمائينديون هيون ته ويچارو ڪو فيصلو به نٿي ڪري سگهيو. ڪڏهن شاهوءَ تي ساهه ڇڏيندو هو ڪڏهن ڪاشي سندس دل جو ٽڪر ٻٽجي ويندي هئي ۽ ڪڏهن ڇڏيندو هو ڪڏهن ڪاشي سندس دل جو ٽڪر ٻٽجي ويندي هئي ۽ ڪڏهن پنيئيءَ جو پڃاري ٻٽجي ويندو هو. پر هاڻي ته سال گذري ويا. دنيا ڪيس خطري جي حدن کان ٻاهر سمجهڻ لڳي هئي. سيني ڪائنس شرمائڻ ڇڏي ڏنو هو. پيو ته ٺهيو پنگياڻي لڇميءَ جي ڇُڇي سَس جيڪا صبح شام سندس اتيج ، ڪاڪوس مان بالٽيون پري ڪٽي ويندي هئي. سا به اکين ۾ اکيون وجهي ساڻس ايئن ڳالهائيندي هئي جڻ هو ڪو اڳڙيءَ جو گُڏو هجي. سندس مگ حوا، جنهن کي سندس اڇڻ جي خبر ٻڌي هسٽيريا جو دورو پئجي ويندو هو ۽ ڏندڏجي ويندي هئي: سا به سندس آڏو پنهنجي پوٽي کي پيرن تي ويهاري ڦِس ڦِس ڪندي هئي، سندس حيثيت حوا جي اڳيان جڻ هڪ ڦِس، بنجي رهجي وئي هئي.

اها حوائي ته هئي جنهن کي هن ٺڪرائيندي ماڻس کي چيو هو "مان دوريءَ واريءَ سان شادي نه ڪندس. جڏهن ٻڌ تڏهن ڏند شيڪيو پئي آهي!" ڪيترو نه غرور هئس پنهنجو پاڻ تي. مگٽو توڙي جڏهن عاشيءَ سان نڪاح ڪرڻ جو خيال ماڻس اڳيان ظاهر ڪيائين تڏهن ماڻس اُمالڪ پنهنجو ڪندو وات ڪولي ڪنوڻ وانگر مٿانئس ڪڙڪو ڪيو "مئا چتو ٿيو آهين، پيڻ سان پرڻين! خبر نه اٿئي ته عاشي تنهنجي ٽج شريڪ پيڻ آهي!" انهي اوچتي انڪشاف سندس اُميدن کي ڪفن پارائي ڇڏيو. هن ڪان ٽڏو اونهو ساهه ڪجي ويو. ڪيس اڳئين زماني جي ڪراڙين تي ڪاوڙ اچڻ لڳي جيڪي هروپرو ٽج پياري رومينٽڪ رشتن جو ستياناس ڪنديون هيون. حوا سان مگٽو توڙڻ ڪان پوءِ ڪنهن به ڪيس سگ نه ڏنو جيڪا ٿوري گهٽي گهوٽ ٿيڻ جي اميد هئس سا به ماءُ جي مرڻ بعد ختم ٿي ويس ۽ اهو شهر ئي ڇڏي هليو ويو هو.

اهو ته قسمت جو لکيو هو جو ورهين ڪان پوءِ وري پنهنجي اباڻي شهر موٽي آيو. هڪ بيماري ٻيو بڪ، بيماريءَ کي ته گانگٽ ليڪيندو ئي نه هو، پر بک سندس برداشت ڪان ٻاهر هئي، جنهن کي وندرائڻ لاءِ هو ڏاڍي ڳوڙهي ويچار سان سوچي رهيو هو. پنڻ جي معبتر ڌنڌي ۾ اجڪلهه چاڙهو ئي ڪونه هو. مهانگائي ايتري ته وڌي وئي هئي جو خيرات ڏيندڙ سڪيا ستابا ماڻهو به سوچي رهيا هئا ته پنڻ شروع ڪري ڏجي پر ڪي اٽڪر مجبوريون هيون جو هو ڪليو ڪلايو پلي ۽ گانگٽ وانگر پني نٿي سگهيا باقي ذهني طرح ته هتي هر ماڻهو پينو آهي. اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ نالو تري آيو... شاهو...! ماسي شاهو!

”اڙي مار پوئي، ماسي ڪين؟“ هن کي پنهنجي ئي سوچ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، هن کي پلي ته به ڪاوڙ اچڻ لڳي ته هو سندس معذوريءَ جو ناجائز فائدو وٺي ڪيس نه فقط بي وقتي ماني پهچائي ٿو پر تازا ۽ سوادي ڪاڌا واٽ تي ئي هضم ڪيو ڇڏي.

شاهو، جا ڪڏهن سندس منظور نظر هئي ۽ هاڻ عاروءَ جي ماءُ تي ويئي هئي تنهنجي باري ۾ هو رکي رکي سوچي رهيو هو.. پر ڇا؟ تنهن لاءِ کيس پلي جو انتظار هو.

عاروءَ ماءُ هئي ته اصل ۾ دائي پر دنيا جو ڪوبه اهڙو پيشو نه هو جو هن اختيار نه ڪيو هجي. شروع کان ئي اوڙي پاڙي جي ڪم ڪار ۾ پاڻ کي هيري ڇڏيو هئائين، ڪنهن گهر جا ٿانوَ، ڪنهنجي ٻهاري، ته ڪنهنجا ڪپڙا، ڪتان ڪاڌو مليو ڪتان ڪپڙو، کيس مستقل نوڪرياڻي جي ڇاپ لڳائي ڪنهن گهر جو پابند ٿيڻ نه وڻندو هو. جڏهن کان عارو پرڻايو هئائين تڏهن کان سڀ ڏنڌا ڇڏي رڳو ڏڳين ۽ مينهن پويان تغاري ڪنيون انتظار پريون اکيون ڄمايو پئي ڦرندي هئي ته من ڪو ڇيڻو لهي، عام طرح سان ڇيڻو تغاريءَ ۾ ئي لهندو هو پر اتفاق سان جي اچي پٽ پيو ته جهٽ هٽي ورائي تغاريءَ ۾ ڦهڪو ڪرائيندي هئي. هڪ ڀيري پورل ماءُ جو اتان اچي لنگهي تنهن چادريءَ جو نقاب هٽائيندي چيس: ”ڇو اچي بڇڙي ٿي آهين عاروءَ جي ماءُ ڪيترا ڀيرا چيو اٿماءِ ته اچي مون وٽ فضيلت سان ڪم ڪر، ڪپڙو لٽو، ماني ٽڪر پيو ملندئي عزت سان.“

”جي...! ڇا؟“ عارو ماءُ ڪن اڳتي ڪري پاڻ کي جڻ ٻوڙو ظاهر ڪيو.

پورل ماءُ ساڳي ڳالهه ورجائي.

”اٺي امان، ڇاڪ ئي ڪونه ٿي رهان، عارب ڇورو سڄو سارو زال جو ٿي پيو- مون کي ته بنهه ليکي ئي ڪونه، خرچ به ڪونه ڏينم، تڏهن ٿي اهي ڪم ڪريان، من چار پئسا ٿي پون.“ هوءَ پنهنجا سور روئيندي اڻ پورو جواب ڏيئي عادت مطابق گُڪي تي چنگهڻ لڳي.

”رن تڏهن ته چوانءِ ٿي ته اچي مون وٽ ويهه.“

”اٺي امان ڇا ڪريان، لاچار ٿي پئي آهيان.“

”هونءَ سڄا شهر پئي لتاڙين، مونکي ڏسي سيئي ڇتا لڳيو وڃنئي. ٻوڙي به ٿين ۽ جڏي به ٿيو پوين.“ پورل ماءُ طعنو هنيس.

”اٺي نه منهنجي مٺي! اها ڳالهه ئي ڪونهي، سنڌن جو سور ڇڏيم ته ٿانيڪي ٿي ڪم ڪريان، هلڻ کان هلاخ ٿي پئي آهيان، گوڏن جي سور وڃائي ڇڏيو اٿم.“ عاروءَ ماءُ چنگهندي ۽ موڙا ڏيندي چيو.

”خدا جو تغاري مٿي تي ڪٽائي اٿئي ته پئي ڇائي پاءِ!“ پورل ماءُ ڇڙ مان چادري هيٺ ڪري ٻڙ ٻڙ ڪندي اڳتي وڌي وئي.

ڳالهين ئي ڳالهين ۾ مينهن گهڻو اڳتي نڪري وئي ۽ عاروءَ جي ماءُ واٽڙي تي وي ڊوڙپاتي.

پنهنجي انهي پيشي ۾ هوءَ ايتري ته ماهر ليکي ويندي هئي جو ڪنهن به مينهن يا ڳئون کي ڏسي اندازو لڳائي وٺندي هئي ته ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪهڙي گهٽيءَ ۾ رستي ۾ ڇيڻو ٿيون ڏين!

مانيءَ جي مهل ناسون هٽي سُنگهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته ڪنهنجي گهر ۾ ڇا رڌو آهي ۽ چڱي چوکي سوادي ٻوڙ جي خوشبوءَ جو ڏور جهلي هو ان گهر ۾ گهڙي پوندي هئي.
”ائي امان ڪنوار, ڇا ويئي ڪرين؟“ ڪنوار ڪي چُلهه وٽ ويٺل ڏسي به اجايو سوال ڪڙو ڪندي هئي ۽ وري پاڻ مرادو ئي چوندي هئي: ”گوشت جو ٻوڙ چاڙهيو اٿئي! ائي امان بيهه وڌا اٿئي ٻوڙ ۾؟“ آهستي آهستي رڙهي رڌڻي جي چونٺ وٽ اچي لاپرواهي مان ٻهندي هئي.
نه ماسي عارو جي ماءُ ڪٽي ٽا ملن اجڪلهه بيهه. پٽاٽا پيا هئا سي ڪٽي وڌم-“ ڪنوار ديڳڙي تي ڍڪ ڏيندي وراڻيو.
”صدقي رب تان! ڪهڙي نه سٺي خشبون آهي. الله مرحيات عارب جو پيءُ, پٽاٽن ۽ واڱڻن تي اصل ساهه ڏيندو هو. سدائين چوندو هئم ته ڪڏهن تي پٽاٽن وارو ٻوڙ ڪارائين!“ عارو ماءُ ٿڌو ساهه ڀريندي چيو. ”ويچارو مئو به انهن پٽاٽن جي وڳهي! اها نياڻي مُني ريح جي تڪليف- ريح مُنجهي پئي جنهن وجي هانءُ ورتس!“
هاڻي ته مهينا گذريو وجن جو پٽاٽن وارو ٻوڙ اکين به نٿو ڏسجي.“ عاروءَ ماءُ ٻيهر ٿڌو ساهه کڻندي چڻ ڪن ڪٽايو. ظاهر آهي ته ايترو ڪجهه ٻڌڻ بعد ڪيس اک ڏنياڻي ئي سهي ٻوڙ ڪيئن نه ملندو.
سجي پاڙي کي خبر هئي ته جوانيءَ ۾ گانگٽ مٿس ساهه ڇڏيندو هو. گانگٽ جي ٻيهر واپس اچڻ ڪري سندس هم عمر ڪراڙيون ته ٺهيو ننديون به ڪيس سٽائڻ لڳنديون هيون.
”ائي عارو ماءُ, نڪاح چو نه ٿي ڪرين!“ شريفان ڪيس چيو:
”ڪنهن سان ڪريان! مڙسهين سان ڪٽي ڪرائيم!“ هو ڪاوڙجي پئي. ”گانگٽ سان ڇو نٿي ڪرين ويچارو اجا به صدقي صدقي به پيو ٿيندئي, پيريءَ ۾ لٽ ملي پوندس.“ ۽ جواب ۾ عارو ماءُ, گارين جو وسڪارو لاهي ڏيندي هئي, اهڙيون گاريون, جو ماڻهو جون وايون ٻتال ٿي ويندڙيون هيون.
”ملي ته سهي... مڇون ته پٽيانس نه ڇٽجانءِ!“ پر گانگٽ جڏهن ٺڪر جي ڪونڊري سوڌو رستي پنڌ ملي ويندو هئس ته مانڙي ڪري پاسو وٺي لنگهي ويندي هئي.
گانگٽ کي پور پچائيندي پچائيندي ننڊ اچي وئي, ننڊ وري ڪهڙي بلغم سندس ڇاتيءَ ۾ رستا ڪٽڻ واري انجڻ وانگر پي هليو. گلي جون رڳون دم جي دوري جي ڪارڻ ڏونڪٽي وانگر ڪڏهن ڦنڊيون ٿي, ڪڏهن سسي ٿي ويون. مکين به وجهه ڏسي ڪونڙيءَ ۾ پيل گند ڪچري مان هانوَ پلي زبان جو ذائقو بدلائڻ لاءِ مٿانس سرڙاٽ ڪري هلڻ شروع ڪيو. ڪن سندس واڇن ۾ گڏ ٿيل پڪ تي مارو ڪيو. ته ڪي وري سندس ڏرا ڏنل اکين جي ڪوپن ۾ گهڙڻ لڳيون. آخر ڪار مکين جي لڳاتار حملي ڪان ڪڪ ٿي گانگٽ اٿي ڪڙو ٿيو. پلو به اوڏيءَ مهل پان جون پچڪاريون اڇلائيندو اچي پهتو.
”يار ڏاڍا پان پيو ڪائنين, ڪهڙا حال آهن“ گانگٽ مکين جي ڇڪتاڻ کي ويساري ڇڏيو جيڪي هاڻ پلي جو معائنو ڪرڻ لاءِ سدنس واڇن تان هيٺ لهي آيون هيون.

ادا حال ٻال اشان غريبن جا کهڙا هوندا. مار پوي ٻليءَ کي. ڪونڊو پيو آهي پڇي، هاڻي ٻه رپيا ڪٿان آڻيان؟ پورل شائين ٻه هاڻ پڪو ٿي پيو آهي پئشو ٻه نٿو ڏي!"

"ٻيلي منهنجي دماغ ۾ گهڻن ڏينهن کان هڪ ڳالهه پئي ڦري!"

"ڪهڙي؟" ٻلي اک جي ٽِنلي مان مک کي اڏائيندي پڇيو.

"اهائي جوڳيءَ واري." ساڳي مک گانگٽ جي واڇ تي اچي ويٺي. جوڳي واري! ٻلي حيراني مان وات پٽيو. "اڙي ڪن هيڏانهن ڪر ته ٻڌايانءِ پٽين کي ٻه ڪن آهن." گانگٽ واڇ کي اوچتو ٽپو ڏياري، مُک اڏائيندي چيو ۽ ٻلي جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيائين.

"يار هي ته وري شوني مرغي آهي شونن آنن واري!" ٻلي جو منهن خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳو.

"مان نه چوندو هومانءِ" گانگٽ ڦونڊجي ويو.

"بش يار. شياڻي پيو ڏش! ٻيڙائي پارا!"

"موليٰ ئي موليٰ"

صبح سان عاروءَ جي ماءُ جڏهن تغاري مٿي تي ڪري ڇيڻان چونڊڻ نڪتي ته اوچتو جو سامهون نظر پيس ته تغاريءَ سوڌو ڏنڊڇي ڪري پئي! اکيون ڦاٽي ويس! پلو جو اتي اُجرا ڪپڙا پايو ٻانهون ٻڌيو وينو هو تنهن بروقت ڪڇي کان پاڻي گهرائي ڪيس ڇنڊا هڻي هوش ۾ آندو.

"آ... اب... آبا! هيءَا!" عارو ماءُ مست ڍڳيءَ وانگر تارا ڦوٽا ريا. "ماشي مُٺ رک!" ٻلي عمليءَ طرح سان مُٺ پيڪوڙيندي سندس ڪن ۾ پٽڪيو.

"هائو ابا!!" عاروءَ ٻهڪندي چيو ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سندس منهن تغاريءَ وانگر گول ٿي پيو.

"ٻچڙا. آءٌ ٻه اوهان جي آسري ويٺي آهيان باقي هن ڇوري مان ته ڪجهه ٿيو نه ٿيندو." عاروءَ ماءُ پنهنجي ڳيري جهڙي جنگهه تان ڦرڙيءَ جي سڪل ڪڙي نهن سان ڪرڙيندي پٽس لاءِ چيو.

"ماشي رک الله تي، رک الله تي! اشين کي مري ڪونه ويا آهيون پرينهن چئين بجي شام جو هتي ضرور پهچي وڃجانءِ!" ٻلي ڏاڍي رازداريءَ ۾ کيس صلاح ڏيندي چيو. ٻلي سان صلاح مشوري ڪرڻ بعد هوءَ خالي تغاريءَ سوڌو تڪڙيون تڪڙيون ٻرانگهون پريندي پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي.

اڃان پورا چار ٻه نه وڳا هئا ته عاروءَ ماءُ سنجن سوڌو اچي پڳي پر سندس نمونو ئي اور ٿي ويو هو. لڳي نٿي ته ڪا اها ساڳي عارو ماءُ آهي.

"وٺ ماشي موج ڪر! ڏاڏهين جوڳي ٻه ڇا ياد ڪندءِ" ٻلي سندس ڇيڻن هاڻي ترِيءَ تي ڪجهه رکندي چيو.

"اَبا مونکي هي ٽا ڏيو. پنج ٽڪريون!"

عاروءَ ماءَ پنج رپيا تِريءَ تي پڪيڙيندي چيو. جهولي جهولي ڪنڌ سکي پيو رڳون سيٽجي پيم. پيٽ جا وکا پيا ڏکن. رپئي جا ته رڳو مصريءَ ڦوٽا ورتم. سي ٻه اڏارا تنهن ڪانسواءِ مٽڪن ۽ ڪڙڻ جو ته الائي ڪيترو حساب ڏيٽو پوندم!"

”ماشي کهڙي ڪوڏر هنيئي! ڏاڏهين کي مٺي تيا شٺ شال. دعا ڪر اشان جهڙن مولائين کي جن نئين شئين اولياءُڪري اُجاريش! تو وري اجايو ٽر ٽر ڪري لاتي آهي.“ پلي لهجو بعزتي ڪرڻ جهڙو هو.

”ٽر ٽر ڪرئي ماڻهين!“

”پينران ڪم ذات، وري وات ٽي ڪرين. شرافت انهي ۾ اتئي تہ چپري ڪري هلي وڃ.“

”هلي وڃان جو پٺهين جو راڄ ٿو هلي. سِڌا ٽي مونسان هلو، نہ تہ خلق ۾ خوار ڪندي سانوَا!“ عارو ماءَ جي انداز پلي کي ڊيڄاري ڇڏيو

”ماسي دل ننڍي نہ ڪري هيءَ تہ شروعات آهي، اجا تہ ميلا لڳندا پڙ چڙهندا باسون باسبيون. ٻڪريون ڪسنديون، ڪيريون نچنديون.“ ڪڳي ڪڳيون هٽندي چيو.

”گهبرائن چو ٽي ماشي! گانگٽ پوين پشاهن ۾ آهي، رات ڪڍيائين تہ وڏي ڳالهہ اڄ نہ مئو تہ شبحاڻي، انهيءَ مان بہ تہ حِشو ملندءِ نہ!“ پلي هار ڪائيندي عاروءَ ماءُ جي ڪاوڙ کي ٽڏو ڪري ڇڏيو.

# گڏهه جي لت

”منهنجي صلاح اٿئي تہ انهيءَ ’مائٽيءَ‘ لاءِ ’ها‘ ڪري ڇڏ، گڏهه جي لت ڪان هاٿيءَ جي لت وري بہ چڱي اٿئي!“

”گڏهه جي لت سان جيئرو تہ هوندس، هاٿيءَ جي لت تہ اُتيئي پورو ڪري ڇڏيندم!“

# لڙڪن جو راز

جنھن ڪو ڏک وارو سنڌي راڳ ريڊيو تان وڄندو هو تہ نندي پيڻ پاءُ سان شرطون لڳائيندي هئي تہ. ”ڏسجان، امان چاڻ رُني.“ ۽ جڏهن ماڻس جي اکين مان پنھنجي ورهين کان وڇڙيل اڪيلي پاءُ کي ياد ڪري لڙڪن جون لڙيون وهڻ لڳنديون هيون تہ کين ڪل اچي ويندي هئي. ”ڏنئي نہ! امان روئي ڏنو. پلا راڳ ۾ ڇا آهي جو ائين روئڻ ٿو اچي؟“ ماءُ جي اها ’عادت‘ ڏاڍي عجيب ۽ ڪل جهڙي لڳندي هئن. کين پلا ڏک سکن جي ڪهڙي خبر!

اڄ جڏهن هو پاڻ هڪ زال ۽ ماءُ بڻجي چڪي آهي، تڏهن ريڊئي تان ”آءٌ وينتي روز رڙان پئي، سڄڻ جا ساريو سانگ“ ۽ اهڙا ٻيا ڏک پريل گيت ٻڌي، پنھنجي هميشه لاءِ وڇڙيل پائرن کي ساري سندس اکين مان بہ لڙڪ ڇُلڪي پون ٿا. هاڻي ڪيس انھن لڙڪن جو راز سمجهہ ۾ اچي چڪو آهي.

# ڏِنا ڏنپ

”امان ڪنوار، سسٽين ڪيڏانهن وئي آهي؟“
”چاچي تہ. ادي خورشيد جي گھر وئي آهي!“
”ائي پوءِ ڪيڏي مهل موٽندي؟“
”بس شام تائين سج لھڻ کان اڳ موٽي ايندي.“
”مون چيو تہ وجي پوٽي کي ڏسي اچانس. سِڪي جي ڄائو آهي.“
”ڀلي ڪري آئينءَ!“
”سسٽين تہ ڏاڍي دير لاتي.“ پرس ۾ هٿ وجهندي.
”دير تہ ٿي اٿس، پر ڄاڻ آئي.“
”ڏسان ٿي گهڙي ساعت.“ پرس مان خالي هٿ ڪڍندي.
”بس هينئر پنڌ ۾ هوندي!“
”هاڻي تون بہ گھر جي ننهن آهين، ساڳي ڳالھ آهي.“ وري پرس ۾ هٿ وجهندي.
”... ... ...!“
”تنهنجي سس سان منهنجو پيٽپو آهي. زال ڀول آهي. روز بہ نٽي اچي سگهان. اچي تہ منهنجا سلام ڏجانس.“ پرس مان خالي هٿ ڪڍندي.
”... ... ...!“
”سسٽين تہ نڪو اچي نہ وڃي، اصل ويساري ڇڏيو اٿس. اها آءٌ آهيان جو ڪڏهن پيرو نہ پڄو اٿم. هينئر بہ چيم تہ وجي مبارڪ ڏيئي اچانس.“ پرس ۾ هٿ وجهندي.
”ماسي پوءِ ساڳي ڳالھ آهي، جھڙي چاچي تهڙي آئون. توهان ننڍڙي کي ڏسو!“
”نهيو ڀلا اڳو پوءِ سسٽين اچي تہ پوءِ ڏسندي سانس.“ ائين چئي هو پرس لوڏيندي گھر مان ٻاهر نڪري وئي.

# ڪامريڊ صوف

صوف جڏهن شهر ۾ رهي ڪاليج مان بي- اي پاس ڪئي ته اخبار وارن کي چار رپيا ڏيئي پنهنجو نالو صوف مان ڦيرائي ڪامريڊ سيف الملوڪ ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. جڏهن ڳوٺ آيو ته ماڻس پيار مان ”پٽ صوف!“ ڪري سڏ ڪيس. صوف يڪدم ڪاوڙ ۾ اُيو ٿي ويو ۽ خوفناڪ نگاهن سان ماڻس کي ڏسندي چيائينس، ”جِتڙيون رنون اُهي ئي جِتڙيون! خبر ڪانه اٿئي ته اخبار ۾ اعلان ڪري مون پنهنجو نالو ڪامريڊ سيف الملوڪ رکايو آهي!“

اهڙو کهرو جواب ٻڌي ماڻس کي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. اهي ڏينهن ياد آيس جڏهن شاهه گودڙيءَ جي درگاهه ۾ وارن سان ٻهاري ڏني هئائين ۽ فقير کيس دعا جو صوف ڏنو هو جنهن کي ڪائڻ کان پوءِ جلد ئي سندس وڏي ياءُ يعني صوف جي مامي کن ۾ وڏي واڪي ٻانگ ڏيئي سندس نالو صوف پٽ ڏاڙهون رکيو هو.

حنيفت، صوف جي ماميءَ، جنهن پريان ٽانوَ وٺي ڏوتا تنهن رڙ ڪري چيس ته، ”ابا چار رپيا ڏيئي پڙهين جو نالو به بدلائي ڇڏ!“ صوف ڪاوڙ مان کيس گهوريندي پنهنجو ٽڪندو منهن ڦيرائي ڇڏيو.

# ذهنيت

هڪ رات اوچتو ئي اوچتو جڏهن هاجوءَ کي سور ٿيا، تڏهن شرم ۽ ڏک جي ماريل ماءُ ڪيس لڪ ڇپ ۾ اسپتال وٺي وئي. پاڙي ۾ رهندڙ ڏيرياڻين، ڪتوڙي ۽ فاتوڙي جن کي اڳي ئي ڪجهه ڪڙڪ هئي تن کي اڇي اورا ڪورا ۽ آنڌ ماند لڳي ۽ انهيءَ مهل ئي جُتي پيرَ ۾ وجهي ٻہ واري گهر ۾ گهڙي پيون ۽ اتي وينل زال کي ساڻن گڏ اسپتال هلي ’تماشو‘ ڏسڻ لاءِ مجبور ڪرڻ لڳيون.

”نہ ادي نہ! آءٌ پنهنجن ڇاين واري آهيان، مون ڪان ڪونہ ٿيندو، پل خدا ڪنهنجو پردو رکي.“

ٻئي اڇن برقعن ۾ پيرين پنڌ پنهنجي منهن اسپتال وڃي پڳيون. اوچتو ڪين ڏسي، بيوس ۽ لاچار اڇي مٽي واري ماءُ پنهنجي ڪنڌ تي زماني جي سمورين بدنامين جو بار محسوس ڪيو. هيڏي، ڪمزور ۽ هيسيل هاجو شرم ڪان پنهنجو منهن پلاند سان ڍڪي ڇڏيو. هنن ٻنهي ”ڇا ڄائو؟ ڇا ڄائو؟“ ڪري سندس ٻہ ۾ پيل ٻار جي منهن تان زوري ڪپڙو هٽائي ڪيس ڇتائي ڏٺو.

”پٽ ڄائو اٿئي!“ ٻنهي لڇائيءَ سان ڇيو. ڪين ڪوبہ جواب نہ مليو.

واپس اچي فخر ۾ ڇيائون، ”دانگي گهمائي آيو آهيونس! هاڻي اسان آڏو ڪَر تہ ڪڏهن ڪونہ ڪڻي سگهندي.“

# ڪرفيوءِ

رڪشا جو آواز ٻڌي زرينہ ڏڪي وئي.
”آئي نوري! ڏس تہ در تي ڪير آهي!“
”ادي! ادي! ناني رحمت آئي آهي!“ سندس ڀيڻ نوري، خوشيءَ مان ڪڇون ٽوڪيندي آئي.
نانيءَ جو ٻڌي زرينہ جو منهن جو پنو لهي ويو، ”ائي منيس! مهمانن سان گهر ڀريو پيو آهي، وري هيءَ دوزخ جو ٽڪر هينئر ڇو تي آئي؟ ڀانيان ٿي تہ اهي ماميءَ وارن جا ڪم آهن جو اها جزا، ڪڪ ٿي هيڏانهن اماڻي اٿن.“
”امان زرينہ ڪٿي آهين.“ ناني رحمت گهر ۾ گهڙندي ئي ڪٺ جو سهارو وٺي ڏڪندي چيو. ”دل چيم تہ وڃي ڏسي اچان، ٻار ڪيئن خوش اٿئي؟“
زرينہ جي سس، زينب جي، اوچتو جو مٿس نظر پئي تہ منهن ڏهل ٿي ويس. ڇڻ ڪڪر ڪاڻو هجيس. مڇي، جيڪا هٿ ۾ هئس سا بہ ڇڏائجي ويس. ”ائي منهنجي لاءِ تہ ويل ٿيو، هو ڪنڊي ڪائڻ وارو اڳيئي مٿان وينو آهي تہ سنجن سوڏو هيءَ بہ اچي سهڙي!“ پاڻمرادو ائين چئي سڄي خار مڇيءَ ڪي زور سان ڇليندي ڪڍيائين. نيٺ سور پي اُٿي ۽ لاچار ٻرندي سڙندي وڏو ڀاڪر ڀاتائينس.
”ماسي ڀلي ڪري آئينءِ!“ اکر نڙيءَ مان نہ پيو اُڪليس، پر جيئن تيئن ڪري زبان چوريائين.
ايتري ۾ نوڪرياڻي ستابي، جيڪا ڪرفيو جي ڪري ٽن ڏينهن کان گم هئي سا بہ اچي نڪتي. زينب کيس ڏسندي رڙ ڪئي:
”ائي امان توکي شابس هجي! موت جي منهن ۾ مونکي ڇڏي هلي وئين؟“
”جيجي ڇا ڪريان، ماريو ڪرفيو جو هو!“
”ڇگو ڇڏ انهن ڳالهين کي، وڃي مڇيءَ کي لوڻ ڏي.“
”جيجي مڇي! ڪٿان آئي مڇي؟ غريبن کي تہ ڇڏ، ڇڳن چوڪن کي دال بہ ڪانہ ٿي ملي.“
”ائي امان، اللہ ڀلو ڪري پاسي واري صوبيدار موليٰ بخش جي زال جو، جنهن اڄ مڇي قرب ڪري ڏياري موڪلي آهي.“
”چيم تہ وڃي بہ ٽي ڏينهن ڇوڪريءَ وٽ ٽڪي اچان، ساهہ پيو ياد ڪريم.“ ناني رحمت قرب مان چيو.
اهو ٻڌي زرينہ دهلجي وئي. سسڻس جا سور سجهيس پئي، ڏنائين تہ هڪڙو اڳيئي ڪرفيو لڳا پيا آهن، ٻيو وري مٿان مينهوڳي. مهمان اڳيئي گهر ۾، هن مصيبت کي ڪيڏانهن ڪنديس، سو نہ ڪيائين هم نہ تم سڌو ڪوٺيءَ ۾ پنهنجي ماءُ ڀنيءَ وٽ ويئي، جيڪا هڪ ڏينهن اڳ نندي ڏيءَ سوڏو لٽل هئي.
”امان ڏنئي ناني رحمت جا ڪم! هينئر وٺي پڳي آهي. چئي ٿي تہ ٽڪنديس! منهنجا نندا ٻار، سس منهنجي اڳيئي اُپ وٺي ڏاريا آهن سو ڇا ڪريان؟“

”آءٌ پاڻي تي پوندو هٽانس!“ پنيي، پنهنجي ماسيءَ رحمت لاءِ چوندي اٿي ڪڙي ٿي.
”ماسي خوش آهين، تون ڪوهه پنڌ پئي آهين ڪرفيوءَ ۾؟“ پنييءَ چيو.
”ائي ڏيءَ ٻارن لاءِ ساهه پئي سڪيم!“
”اسين ٻه اڳيئي وينيون هيوسين وري تون ٿين ٻه مٿان اچي لٿي آهين. ڪنهن ڪي پي سولو ويهڻ ڏنو اٿوَ!“
”ائي دڙين ڪوهه پئي، آءٌ وڃان ٿي.“
”نوري! چڏي اچينس اڪيلي ڪيئن ويندي!“
”آءٌ دِجان ٿي.“ نوري لاڏڪي ٻڻجي وراڻيو.
”ڪنڌ لهيئي، تون نه ويندينءَ ته آءٌ وينديس؟“
اونهه... اونهه... آءٌ پلا پنهنجو شام جو وري موٽي ايندس.
”ائي ماڪڙ پيا هلن تون ڪٿان موٽي ايندينءَ، چئو وڃي سومر کي ته رڪشو وٺي اچي!“
”اون.... آءٌ موٽي ايندس.“
”وڃي ڏوڙپاءِ چوري!“
”ماسي رحمت، تون چو ٿي وڃين، ماني ٽڪي ته ڪائي وڃين ها زينب، رحمت کي ترندو ڏسي مٿئين دل سان صلاح هنئي.
”ائي امان ماني ڪهڙي ڪان! ڏنو اٿئي ته ماءُ ڏيئن مون سان ڪهڙا حال ڪيا آهن.“
”ائي مٿو ڪوهه پئي هٽين؟“ پنييءَ ڪوٺيءَ اندران رڙ ڪئي.
”امان ڪونه ٿي هٽان. ڪير ايندو اوهان وٽ، وڃان پئي.“
ايتري ۾ سومر رڪشا وٺي ڊوڙندو آيو.
”جلدي ڪريو، ڪرفيو جو ٽائيم پورو ٿيڻ وارو آهي.“
”ائي وَر ڪوهه پئي ڪائين، وڃي چو نه ٿي. رخشو بيٺو اٿئي وڃي چڙهه.“ پنييءَ ٻيهر رڙ ڪئي.
”ائي امان، مونکي ڪاڪوس ته ڏيڪار. گهران نڪتي آهيان ته پيٽ ۾ گهمرو اهڙو ٿيو اٿم جو ٻيهي ٻه نٽي سگهان.“ نانيءَ رحمت، پنييءَ کان لنوائيندي، زينب ڏي منهن ڪري چيو.
”ماسي! ڪاڪوس ۾ پير رکڻ جي ٻه جاءِ ڪونهي وڃي ڇا ڪندينءَ، ماڪڙن جي جهيڙي ۾ اڄ اٺون ڏينهن ٿيو آهي، جو پنگين جو پتو ڪونهي. تنهن ڪان ته ٻه سرون ڪٽي هو وٿاڻ وارو پريون پاسو اٿئي اتي وڃي ويهه!“
”آءٌ نياڻيءَ ڏيءَ، سرون ڪٽي وڃي ميدان ۾ ويهان شاباس هجيئي!“
”سؤ ورهين ۾ ٻه مائٽن نياڻي ڪيئي تنهن ۾ منهنجو ته ڏوهه ڪونه ٿيو. پِٽِ پنهنجن مائٽن کي جن وهي وڃايئي.“
ايتري ۾ سومر وري در مان ظاهر ٿيو. ”اي بابا رڪشا وارو پڳو پيو وڃي جلدي ڪريو!“
اهو ٻڌي ناني رحمت دُڪ پائي وڃي رڪشا ۾ ويٺي ۽ رڪشا زوڪات پريندو اڳتي وڌي ويو.

# ڪارو اڇو

ڪارو، ڪارو آهي ۽ اڇو، اڇو!”
”غلط، سڀ اشرف المخلوقات جو اندر هڪ ئي رنگ جو آهي.”
”اِهو وري ڪيئن؟“
”سندس رت جيئان!”

# مِٺو پيَٽُ

”اَئي پاڳَل، اُٿ پيلا! دير ٿي وئي، زالون مِڙيون وينيون آهن!” راڄ جي وڏڙيءَ حاجاڻي خيربانوءَ، ڪوٺيءَ ۾ گهڙندي، فڪرمند ٿي چيو.
”حاجاڻي، ٿي لڳي ويا، هيانءُ لُڙهي ويم. ڪو پور ذرو پيٽ ۾ وجهان نه اچان ٿي.” شيدياڻي پاڳل ناز مان اکيون ڦرڙائيندي چيو. سندس اِن ادا ۾ پيشو ڪندڙ زالن جهڙي بناوٽ هئي. پر ۾، پيٽ جي ٽيڪ تي وينل، پورن ڏينهن سان، هاشو پخاليءَ جي زال عاشو، جيڪا پنهنجن چئن ٻارن ڪي سمهاري، بي فڪري ڪندي، داداگيرن وانگر ’ڪي- تو‘ جا ڪَش هڻي رهي هئي، تنهن ڏانهن منهن ڪندي، اٽوٽندڙ انڪار مان بلغم پريل آواز ۾ چيائين: ”اِهي سُر ڪين اٿئون، پر وَهي نه وَهي وٺ رينگٽ ڪي!”
”واهه جا ڳالهه ڪئي اٿئي!” عاشوءَ پيلا، ڪتيل ڏند ڪڍي، زور سان پاڳل جي ستر تي هٿ هنيو. هوءَ گهري سانوري رنگ جي، ڪٽ ڪتيلي زال هئي. سندس اکيون مرانجهڙيون، پر ڳاڙهيون هيون، جن مان بيحيائي پئي بڪي.
”چڳو، چلم کي هيڏانهن ڪر. ڦوڪ ذري نه پري وٺان، زالن ۾ نه پيتي نٿي ٿئي.” حاجاڻي خيربانوءَ، ورهين ڪان سور ۾ ڪڙهندڙ گوڏن کي پيڙا مان جهلي، منجهيءَ تي ويهندي چيو.
”تويان، حاجاڻي، اهو به ڪونه سنئي! اڇي، وٺ...”. پاڳل لچائيءَ سان حاجاڻيءَ کي گهوريو. وري پاٽمرادو نڪ تي اگر رکندي چيائين، ”مائي، ڳالهه ڪين جُٺ! ڪا مهل تي آهي، رئيسن مان پور ذرو به نه آيو! وڏا ماٺهو آهن، وئي هوندن ڳالهه وسري. نهيو، وڃيو ٿي رڏٽي ۾ ڏسان. من ڪو رکو سکو ملي وڃيم. حالي نه هنيانءَ جهلو ڪري زالن ۾ ويهڻ جهڙي ٿيان... رب منهنجا رحم ڪجانءِ!” گوڏن کي جهلي اُپو ٽيڻ مهل، هميشه رب ياد پوندو هوس. ڪيس به چڻ سور جون سَٽون سنجريون هيون.

ڇا تہ ڏينهن هئا مائي پاڳل جا! بَلي... ڪرائيءَ ۾ ٻڌل مرداني واچ، پيرن ۾ ڪشن سان چيچاٽ وارو بوٽ، هٿ ۾ پاسينگ شو جو پاڪيٽ، ٻارهن والن جي سلوار ۽ ڪلهي تي اجرڪ، ٻاچ ۾ وڏي ڳاڙهي ٽڪ سان خوفناڪ قسم جي منڊي، عطر ۾ ٻڌل ڪيسي مان لڙڪيل رومال، ڪل تہ ائين چمڪندي هيس جيئن ڪاري بوٽ تي ڪِوي پالش! سندس هلڻ جي لوڏ ئي بس هئي. اڳهين قدبت جي جانٺي، ويتر جو مٿان اها ناهہ نوهہ. تنهن ورهيہ کان ’ڪوٽن ۾ قابو‘ تيل ڪيترين زائفائن جا تختا ئي ڪڍي ڇڏيا- سندس اک جي هڪ اشاري ڪاڻ جهڙيون مانديون. مڙس ڪي تہ سنجهي ئي ’طلاق‘ ڏيئي آجو ڪري وڏو هئائين. باقي سندس مرادانگيءَ جو ڀرم رکندي هڪ پٽ بہ ڄڻي ڏنو هئائينس، ۽ پاڻ اڪيلي سر پئي هرڻ جهتيندي هئي، ڪڏهن رئيسن جي حويليءَ، ڪڏهن ڪامورن جي ڪوٺين، ۽ ڪڏهن وڏيرن جي ديري، مطلب تہ ساهيڙين جي ڪيس ڪمي ڪانہ هئي- بس جنهن تي ’راڻي جو راز‘ . ’ساهيڙين‘ جا فرض پورا ڪرڻ جي عيوض ڪيس ڪاڏي پيتي کان وٺي ڪپڙي ڏوڪڙ تائين سيڪجهہ پيو ملندو هو، جنهن سان سندس سڪيلڏي پٽ ۽ ڏهاڳ ڏنل مڙس جي پورائي پڻ پئي ٿيندي هئي. پر وقت بادشاهہ. وڏا وڏا نشان ڊاهيو ڇڏي. هيءَ بہ وقت جي وير ۾ وهي، جو ڪٿي اچي پهتي هئي. ”چو پاڳل، ڊري چو ٿي وئي آهين؟“ ڪير ڪٿي پڇندو هوس، تہ پاڻ ڏاڍيءَ بيحيائيءَ سان اک پچي چوندي هئي: ”هاڻ چيلهہ ۾ اڳيون دم نہ رهيو اٿم.“ ساهيڙپ جي ڏنڏي کان پينشن وٺڻ کان پوءِ، سندس شمار باقاعدي ’ردي گهوڙن‘ واريءَ قطار ۾ ٿيڻ لڳو. عمر جو آخري حصو شادين غمين طهرن ۽ نذر نياز ۾ گذرڻ لڳو هوس. زماني جي جهوني پر تڏهن بہ گڙي تڙي هئڻ ڪري راج ڪاج ۾ سيني کان اڳري اهميت ملندي هيس. اڄ پڻ هوءَ خانبهادر الهہ جڙئي خان جي گهر سندس مرڻي تي، راج جي وڏڙين جي صلاح سان، پنهنجي ٽوليءَ سميت لٿل هئي.

چاشني، سيرو ۽ مالپڙو، جي هُن گهر موڪلڻ لاءِ پٽس جي انتظار ۾ صبح کان ئي ’پاسيرا‘ ڪري رکيا هئا، سي بہ ٻک کان پاهہ تي ڪيس ئي ڪاٽا پيا. ڪائي پپي، ڏاتون ڪوٽي، واڇون اُکهي، ڪنگهڪار ڪري ٻڪل هٽي، جڏهن وراندي ۾ وينل تڏي تي زالن اڳيان آئي، تہ سندس منهن پاٽمرادو لٽڪي پيو خانبهادرن، خانصاحبن، سردارن، رئيسن، وڏيرن ۽ آفيسرن جي خاندانن کان وٺي، علو ڪاسائي، ربو ڪٽي ۽ قاسو حجام جي خاندان جهڙين زالن جا ڪٽڪ وينل هئا. هينيون طبقو تہ اجان پئي آيو، جن ۾ زالو گهٽ ۽ ٻار گهڻا هئا. ٻار وري اهڙا جو جڻ ڏڪاريل گهرن مان آيل هجن. ايندي ئي گِلم تي ليٽڙيون پائي مانيءَ لاءِ رڙڻ شروع ڪيائون. ٿڃ پياڪن جو تہ خير ’ريڊي ميڊ‘ معاملو هو، باقي ٻين جي تہ رڙ مٿي رڙ پي پئي، ۽ جڏهن مڙس جي غم کان بيحال زينب ڪي، جيڪا لڙڪن کي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي هئي، پاڳل اچڻ شرط منهن تي ڪپڙو وجهي، پاڪر پائي وڏا وڏا پار ڪڍي روئڻ لڳي. تڏهن مس وڃي ٻارن هيسجي روئڻ بند ڪيو.

”جهالر جهوني نہ ٿئيئي. اڄ تنهنجي نڪؤن لٿي نٿ،

پير پٿؤن ڪونئرا، تنهنجا راڻي ڪيا رت،

او جبل، مون سان روءُ، ڪڏي پار پنهونءَ جا.“
ياڳل دردبلي انداز سان پار به ڪڏي رهي هئي، ۽ سڏڪا به پري رهي هئي.
”ڪکر ڪر چانوَ، منهنجو پنهل پنڌ ۾.“
”اي اما! جوڳي نه ڪجن مِٽ، جن جو پنڌ پري!“
”ويهي پِٽن پير، ڏکياَ ڪاٽيم ڏينهڙا.“
سورن جو هي ٿمر، لکيو آهه نصيب ۾.“
”جانب سوا جڳ ۾، جالڻ ٿيو جنجال.“
جندڙي تي وبال، پنهون ڏاران پنڌ ۾.“
ياڳل اِهي پار اهڙي ته ڏک ۽ سوز مان ڪڏي رهي هئي جو زينت جي لڙڪن جو بند ٽٽي پيو. هوءَ هيانءَ ڦاڙ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. سندس ٻارن ۽ عزيزن جو به روئڻ ۽ غم کان بروحال هو. ڪجهه ڏاريون زالون تڏو پرايو، سور پنهنجا‘ وانگر، درد انگيز پار ٻڌي، لڙڪن کي جهلي نه سگهيون. ۽ ڪي ته صرف هر لحظي زوريءَ تڏا ساهه ڪٽنديون ۽ رکي رکي توبهه- توبهه جو نعرو بلند ڪنديون رهيون، ڪين ڪير سمجهائي ته خدا جون بنديون ڏک جو اظهار خاموش رهي به ڪري سگهجي ٿو.
زالن کي روئڻ ۾ مشغول ڏسي، ’بيگم ڏنديں ڏاند، ڪُرين ڳابي‘- جيڪا انهيءَ نالي سان ئي مشهور آهي، ۽ ڪڏون ڪوٺڻ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي- تنهن کان رهيو نه ٿيو، ۽ زينب جي گگدام اڀوجهه ۽ مسڪين ياجائيءَ ڳلان کي پنهنجي ويهن تولن جي سونين چوڙين واري ٻانهن جي ٺونٺ ڪُک ۾ هڻندي، رازداريءَ مان پڇيو: ”زينب جي نٽان شڪارپور کان ڪانه آئي؟“
”هائو! ادي جي وفات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ ڪيس ڏسي، ڳالهائي ٻولهائي، ادي جي موڪل سان ئي هلي وئي.“ ڳلان ڪک ۾ لڳل ٺونٺ جو سور پيئندي جواب ڏنو.
”بس؟ پوءِ وري ڪانه آئي؟“
”مڙس جي حالت اوچتو خراب ٿي پيس. ڊاڪٽرن بنهه ڪٽ کان هيٺ پير رکڻ نٿي ڏنس. ٻيو ته سندس ننڍڙو ٻار بخار جي مَچ ۾ هو، تنهن کي ڪنهن جي حوالي ڪري اچي ها.“
”آخر گهر ۾ ٻيو به ته ڪو هوندس؟“
”ڪٿي ادي! ويچاري جو سهرو ته وچي رب کي رسيو، سسٽس سنجهي ئي سپ لاڳاپا لاهي وڃي ٻيو مڙس ڪيو. باقي نه نٽان، نه ڏير. الله جو نالو موچارو.“
”چا هو، پوءِ هتي به گهٽئي ڊاڪٽر هئا. ڪٽي اچي ها.“
”فون تي چيائين پئي ته پاءُ سان ملڻ نه ٿئيم ها ته پوءِ ور ۽ گهر کي خدا جي حوالي ڪري، گهڙيءَ لاءِ ته اچي سندس ديدار ڪريان ها؛ پر خدا کي جو ساڻس مرڪندڙ، نماڻي چهري سان آخري ملاقات ڪرائڻي هئي، ۽ اها ڳالهه هميشه لاءِ ذهن ۾ رکڻي هئي، ته پوءِ چو پاءُ جو بيجان چهرو ڏسان، ۽ کهڙي دل سان!“

”ڇئبو تہ هنجي طبيعت ئي اهڙي آهي- وڏائي خور ۽ سخت دل. جڏهن پنهنجن ڪاڻ اهڙي آهي، تڏهن پوءِ ساڻس ٻين جون ڪهڙيون ميارون.“

”ها، بس، پنهنجي طبيعت اٿس.“ ڳالهہ جلد چڏائڻ لاءِ سادگيءَ سان ايترو چئي ڪٽي مات ڪئي.

مائي، توبهن! ڀاءُ جي مرڻ تي بہ نہ آئي!“ بيگم ڏنڌين ڏاند ڪي جڻ سياسي ٽاپڪ ملي ويو، ۽ اوسي پاسي ويٺل زالن سان ناسون هٽي، دير تائين انهيءَ موضوع تي گفتگو ڪري، پاڻ ڪي توجهہ جو مرڪز بڻائيندي رهي.

”مائي رن آ ڪين راهُوا هتي بہ ڪُنڌ- لايو ويٺي آ!“ هڪ مائي ڪڪ تي ٻيءَ ڪي چيو.

”بلي، اسان ڪاڻ زال تي پئي آ... يتيم ڀاڻيجي مُيس تہ ڪفن بہ ڏارين ڏنس. پاڻ مِڪر صدمي ڪان ڏندڻجي پئجي رهي. ٻيو تہ ٺهيو، پر پنهنجن نياڻين ڪي بہ ڪونہ ڇڏيائين- چو تہ ڊپ ٿيس جو غريب جي گهر وڃڻ سان متان سوني ڪلنگي نہ لهي پوين!“ ٻيءَ زائفان. ’هَڻ ڏيءَ ڪي سِڪي نُنهن واري لهجي ۾ چيو.

”هائو ڀيڻ، بروبر. مينهن پنهنجي ڪارهن نہ ڏسي، ڊِگِهيءَ ڪي چئي، هل ڙي پُڇ ڪاري!“

بيگم ڏنڌين ڏاند بہ آخر سَر ڦتايو ويٺي هئي، سمجهي وئي تہ اشارو ڏانهنس آهي. پر پرايو راج، پرايو تڏو- تڏو ساهہ پري، ڪٽي مانڙي ڪيائين.

ياڳل جڏهن پاڻ اڌ- مئي تي ۽ گهر وارن ڪي اڌ- مئو ڪيائين، تڏهن وڃي زينت ڪي ڇڏيائين، ۽ منهن تان گنديءَ جو پلاٽ لاهي، نڪ ڪي جهليندي، هڪ وڏي ڦون ڪري، سِنگهہ لاپرواهيءَ سان اُڇل ڏنائين، جا ٽڙاڪ ڪري وڃي پر ۾ ويٺل هڪ معزز بيگم صاحبہ جي جارجٽ نائلان بادلي سان پريل ڪاريءَ ساڙهيءَ تي لڳي، جنهن ڪي هوءَ خاص طرح سان مرٽن جي موقعن تي پائيندي هئي- تنهن چرڪ پري، بيوسيءَ مان ياڳل جي گهاٽي، پيليءَ ۽ سائيءَ سنگهہ ڏانهن نهاريو. هيانءَ تي جڻ مُهري لڳي ويس. نازڪ موقعو ٿي پيو هو، انهيءَ ڪري سور پي وئي. باقي جن زالن جي مٿس نظر پئي ۽ جيڪي هن نياڳيءَ ساڙهيءَ ڪان اڳ ئي چرڪيل هيون، سي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳيون.

”ائي چڱو ٿيس!“ هڪڙيءَ ٻي جي ڪنن ۾ سُرٻاٽ ڪيو.

”نياڳي ڏيڻ، جتي ٿو ڪو قضيو ٿئي، اُتي ڪاري ساڙهي اوڍيو بيٺي آهي! وري اهڙي تہ چنڊال آهي جو ان ساڙهي ڪي ڊراءِ ڪلين ڪرايو وربو ڪنهن ٻئي قضيي لاءِ سانڍيو رکي.“ ٻيءَ سرٻاٽ جو جواب ٻوڪات ۾ ڏنو.

”انگريزن ۾ اهو رواج آهي.“ ٽينءَ زال وري پنهنجي ليکي انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا جي هڪ باب ۾ اضافو ڪيو.

”ائي آهي وڏي، ٻڌايانس وري... وڪٽوريا جي ڏيءَا-“

”ڀيڻ، اهو وڏن ماڻهن جو فيشن آهي.“

”باهہ لڳي اهڙي فيشن کي!“

ڳچ وقت تائين سندس باري ۾ اهڙي سس پس ٿيندي رهي. ايتري ۾ شهر جي هڪ ٻي معزز ۽ پڙهيل لکيل خاتون، چپن تي سرخي، ڳلن تي هلڪي لالي، ڪاريءَ عينڪ سان اچي سهڙي. سندس ڳاڙهو، گهنجن وارو چهرو ڏسڻ سان ائين پئي لڳو، جڻ ريفريجريٽر ۾ رکيل پاروٿو ٽماٽو. پٽ تي زالن جي ويٺل ميڙ مان پاڻ بچائيندي ۽ نخري مان هوريان هوريان وکون پرينديي، اچي زينب جي اڳيان اونڌا گوڏا ڪري ويٺي، ۽ پنهنجو هٿ زينب جي پٺيءَ تي رکي، ٿڌو ساهه کڻي چيائين:

”بس جيڪو الله کي منظور هو سو ٿيو. روئڻ مان ڇا ورندو.“

ويٺل زالون حيرت مان سندس عذر خواهيءَ جي رُکي نموني کي وائڙيون ٿي ڏسي رهيو هيون. ۽ اجان سوچ ۾ ئي هيون ته هن پرس کوليو ۽ ويهه رپيا ڪڍي، ٻيهر ٿڌو ساهه پريو، ۽ ڏهين- ڏهين جا ٻه نوٽ زينب جي جهوليءَ ۾ لاڙي ڇڏيائين.

”هن مان نيرن- پاٽي ڪري ڇڏجو. آءٌ ويلو ڪريان ها، پر مون کي ڪنهن ضروري ڪم سانگي لاهور وڃڻو آهي.“

هيءَ اهائي زال هئي، جيڪا مرحوم خانبهادر جي حياتيءَ ۾ زينب جون طرح طرح سان خوشامندون ڪري کيس پنهنجو سچو همدرد، پيٽن کان وڌيڪ غمخوار ظاهر ڪندي هئي- رڳو ان ڪري جو سندس گهرواري جا ڪيئي ڪم خانبهادر مرحوم ۾ ڦاٿل هوندا هئا.

نوٽ ڏسي، زينب جي چپن تي ڪن لاءِ هلڪي ڦڪي مُرڪ جي لهر اُڀري- اهڙي مرڪ، جنهن ۾ لڙڪن کان به گهڻو درد هوندو آهي. سندس دل چاهيو ته زور زور سان ٽهڪ ڏئي، ايترو زور سان جو مڙسس جي فاتحا تي آيل معزز بيگم صاحبه انهن اُبرندڙ بيدي وانگر ٽهڪڻ لڳي. پر ٽهڪ هنجي نڙيءَ ۾ سڏڪا بنجي رڪجي ويا.

”ان جي ڪهڙي ضرورت هئي، ڀيڻ!“ هن ايترو چئي، ڪنڌ لاڙي ڇڏيو.

”بس، اهي دنيا جون ريتون آهن.“ هن هڪواري ٻيهر شوڪاري جهڙو ساهه کنيو.

’ريتون... ڪيتري نه هڪجهڙائي آهي انهن ريتن ۾- موت جون ريتون، شاديءَ جون ريتون...‘ هوءَ اکيون ڦاڙي نوٽن کي ڏسي رهي هئي. جن ۾ کيس پنهنجي تصوير نظر اچي رهي هئي. سندس ذهن ماضيءَ طرف موٽي چڪو هو... هن جي ڪنن ۾ شهناين جو آواز ٻُري رهيو هو... جرقل، روشنيءَ جي ننڍڙن بلبن وانگر ذهن ۾ پکڙجي ويا هئس- مڱڻو- ونواهه- ميندي- شادي ستاوڙو- هڪ هڪ ٿي، سڀ موقعا ذهن جي پيچرن مان گذرڻ لڳس... ڳاڙهي وڳي ۽ سونن زيورن سان جهنجهيل سندس ڪنڌ، شرم کان جهڪيل هو. هرڪا سلاميءَ جا نوٽ هنج ۾ وجهي رهي هيس.... هن هڪ دفعو ڪنڌ مٿي ڪيو، ۽ ڏهين- ڏهين جي ٻنهي نوٽن کان جهوليءَ کي خالي ڪيو. کيس ڪهڙي خبر هئي ته هڪ دفعو اهي نوٽ وري ڏهاڳڻ جي جهوليءَ ۾، سندس اڇي وڳي ۽ غم کان جهڪيل سِر جو ائين مذاق اُڏائيندا، ۽ نڪاح ۽ ستاوڙي جون رسمون، ٽيجهي، چاليهي ۽ عدت ۾ تبديل ٿي وينديون. هڪ اڻجاتل پيڙا سندس وجود کي وڻ- ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ڇڏيو هو.

”بابا، پردو ڪريو، ماني تي اچي.“ اُستي ابن ڪنگھڪار ڪري ڏيڏيءَ مان رڙ ڪئي.
”ماني! ڪٿي آ ماني؟ ڪنھن چيو ماني؟“ پوپي نوران، جا بک کان پاھ تي اتي ئي گلم تي، برقعي مٿان بوبڪ جي ڳيري جيان جھوٽا کائي رھي ھئي، مانيءَ جو ٻڌي ٽاپڙندي اٿي کڙي ٿي. اوٻاسي ڏيڻ سان سندس اکين ۾ واڇن جي ڪنڊن تي وينل مکين ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو ۽ ھوءَ پواتئي نموني نڪ، واڇن ۽ ھٿن جي حرڪت کان کين پري ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي، اٿي رڌڻي ڏانھن ڀڳي.
علو ڪاسائيءَ جي زال، جنھن ٻار ڪي ٽج پئي ڏني، تنھن بہ مانيءَ جي نالي تي ايڏو تہ ڇرڪ ڀريو جو ٻار جي وات مان ٽج ڇڏائجي ويس، ۽ ھو ڪاتي پيل ٻڪري وانگر گلو ڦاڙي رڙڻ لڳو.
”ائي امان! ننڍڙي ڪي ڪير ڏينس، روئنئي پيو.“ پاڳل جي ڀيڻ بيبل ٽوڪ واري نموني سان ڌيان ڇڪايس. پر ھوءَ رڌڻي جي آڳر جي اڳيان لھندڙ ديڳن ڪي ڏسڻ ۾ ايڏو تہ غرق ھئي جو بيخيالي ۾ ٽج ڪٽي ٻار جي نڪ ۾ ٽنبيائين.
پاڳل ۽ حاجاڻي خير بانو، پنھنجو عھدو سنڀاليندي، وجي ديڳين جي وَٽ تي وينيون. زينب جي ڏيئن جون جيڏيون سرتيون، بيبل سميت، راج ڪي ڪارائڻ پيارڻ لڳي ويون.
ٽن لاوارث ڪراڙين، جن جوانيءَ ۾ پاڙي جي ھر ٻار ڪي زوريءَ ٽج ڏيئي پنھنجي ليکي جڻ ڪير- ماءُ جي اعزازي ڊگري حاصل ڪئي ھئي، تن اصل ويل ٻاري ڏنا. شادي ھجي توڻي غمي، شل نہ اھڙو موقعو ملين. پاڻ ڪٽائي بہ وجي پھچنديون ھيون، ۽ ليسوڙيءَ جي جنَ وانگر وجڻ جو نالوئي ڪونہ وٺنديون ھيون. تن اڄي زينب جو پاسو ورتو. حڪم ھلائي ھلائي، گھر جي ياتين ڪي ذري گھٽ چريو ڪري وڌائون.
”ائي امان، بلقيس!“ ھڪ ڪراڙيءَ ويني ويني، ڪنگھندي ۽ چنگھندي سڏ ڪيو. ميٽرڪ جي شاگرد بلقيس ڪيس سوال جي نشاني  بڻجي ڏٺو.
”ائي امان، چانھہ جي ڦڙي! رات کان وٺي لنگھٽي پئي آھيان. وٽيم تہ ڪجھہ ئي نٿو، نڙيءَ مان ئي نٿو لنگھيو ٺئي، پر بک کان وينو بہ نٿو پڄي- پيري آھي، رڳو ٻہ ڍُڪ چانھہ جا.“
بلقيس خاموشيءَ سان ڪوپ اڳيان رکي، ڪتليءَ مان چانھہ اوتڻ لڳي.
”بس بس، ججھي آھي.“ ڪراڙيءَ ڏاڍي سان ٻڌل عينڪ جي ٿلھن شيشن مان بکايل نظرن سان ٽِري ۾ پيل شيرمال ڪي چتائيندي چيو.
”امڙ، شيرمال جو چڙو اڌ ٽڪر بس آھي.“ پوڙھي ائين چوندي، ڪنڌ جھڪائي جيئن ٽري ڏانھن شيرمال لاءِ ھٿ وڌايو، تہ سندس عينڪ وجي ٽري ۾ ڦھڪو ڪيو. ٽري منجھان چانھہ جا ڦٽنگا وجي بلقيس جي منھن تي ڪريا.
”اُف ڪھڙين جرن سان واسطو پيو آھي!“ بلقيس پٽڪندي ٽري مان عينڪ ڪڍي پوڙھيءَ جي ڏڪندڙ ھٿن تي رکي، جنھن ڪي ڪراڙيءَ پنھنجي پھراڻ سان اُگھندي، اکين تي ڪوپي وانگر چاڙھي ڇڏيو.

”شوو اٿئي ڇا، هٿ ۾؟“ بلقيس جي وڃڻ بعد، ببيبل جا پويان پئي آئي، تنهن کي پوڙهيءَ رڙ ڪري چيو.
”هائو جيجي، ججهوا!“ ببيبل پنهنجي ٿلهي ۽ ٺوڪ پريل آواز ۾ چيو.
”ڏي ته ڀلا، شيرمال جو ڀور ڀوڙيان ڪٽي. هيانوَ ته سُڄيا پيا آهن. پر زالن جي وچ ۾ ٿو ويهجي ته ويهي نٿو سگهجي، ٻڪ جو چڪ هانوَ ۾ لڳو پيو آهي. ادي، جواني ته ڪانه اٿئون. تون پيٽ ويٺي آهين، سڄي رات پاسن جي سور کان مئي آهيان.“ هن پنهنجن ٻين جوڙيوال ڪراڙين کي مخاطب ٿيندي چيو. ايتري ۾ هڪ زال کي ايندو ڏسي ڪاٺڻ واري پوڙهي ڏڪي وئي. گرهه تي هٿ ڍرا ٿي ويس. ڪيس ڏسندي ئي منهن ڇپو ڪري رڙ ڪيائين:
”زينب کان پڇ، هينئر روئي پٽي ويٺي آهيان. ٽڪر ڀور به اهو زوريءَ ڏنو اٿن. تنهنجي اڳيان. باقي ستين مذهبين حرام! منهنجو به ڀچو هو- آڌِن ڇٽيو نه. ته به ڪير ته پيتو هئائينم- اُنهن جهڙوئي هو. ڀچاڙيءَ اهو ڏک به ڏسڻو هوم!“

”بس ادي.“ ايندڙ زال ڪيس بنهه نظر انداز ڪري، زينب جي سامهون ٿي ويهندي افسوس مان چيو. زينب ڏک مان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.
”لالي، سور جي ڳوري آٽي ڏيانوَ؟“ ٿوريءَ دير بعد بلقيس پوڙهيءَ کان پڇيو.
”شال بچين!“
”آئي، ڀائر بچنئي، اسان کي به ڏي، تنهن سان گڏ ڪوسي ڦڙي چانهه جي به.“ ير ۾ ويٺل سندس جوڙيوال پوڙهين به گڏجي رڙ ڪئي.
”ببيبل، سگهي ٿيءُ، پهرين هيڏي چانهه ڪٽي آءُ!“
بلقيس ببيبل کي هڪل ڪندي، ليفيدرين جي هڪ هڪ گوري، تنهي پوڙهين جي ترين تي رکي. هي اهي گوليون هيون، جيڪي ڊاڪٽر سندس نوڪر ڇُٽي کي دم لاءِ لکي ڏنيون هيون. ٿوري دير نه گذري ته ٽيئي پوڙهيون، لاش ٿي، روا مٿان وجهي، ڪونگهرن ۾ پئجي ويون.
”تي آفتون ته گهٽ ٿيون. اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو ڏاڏٽين!“ بلقيس ساهيڙين کي چيو.
ٻنپهرن جو ستل ڪراڙيون فجر جي ٻانگ مهل اُٿيون، ته سندن نظر بلقيس تي پئي، جيڪا نماز لاءِ مسلي تي ويٺي هئي.
”آئي ڀائر بچنئي، سور ته بنهه لهي ويو. گهڻو وقت ٿيو آهي سج لٿي؟ ڇَهه ته نه ٿيا آهن؟ هي سنجهي ئي چو سُتيون آهن؟“ ڪراڙين ير ۾ ستل زالن کي حيرانيءَ مان ڏسندي پڇيو.
”لالي صبح جا پنج ٿيا آهن. مُلي هينئر ٻانگ ڏني آهي.“ بلقيس مختصر جواب ڏنو.
”ائي الا! اسانجي ليکي اڃا شام آ. ائي، رت جي ماني به ڪانه کاڌيسين!“
”آءُ به چوان، هانوَ ۾ ٻڪ جا چڪ چو پيا پون! ادي آمني، تو ڪر گرانهه کاڌو؟“
”ادي ڪتلي، تون وري ڇا تي ڳالهائين- آءُ وري ڪٿان کائيندس!“

”شابس هجي زالن کي، سار ٻه نه لڌائون ته ڪي لنگهٽيون پئجي رهيو آهن، من ڪو ٽڪر پور ڪٽي ڏيون!“

ٽيئي ڪراڙيون پاڻ ۾ ڏک ڏوراپا ڪنديون رهيون. ايتري ۾ اڃو صبح به ٿي ويو. ۽ گهر ۾ صبح جي مانيءَ جو ڌمچر مچي ويو.

ٽيئي وات چورينديون اٿيون، ۽ سنجهي ئي رڌهي وجي زينب جو پاسو ورتائون.

”امان زينب، ڪو پور ذرو پيٽ ۾ وڌئي؟ هڪڙيءَ پڇيو.

”ڪٿان هن کي وٽندي! ويچاري ڏکن جي ڏڌايل سورن جي ستايل، هن ڪان ڪهڙا سور ٿيون پڇو، اسان جهڙين کان ئي نڙي چيري ٿو لنگهي.“ ٻيءَ سُر ڪڍايو.

”پلا ڪو گرانهن ته کاءُ، تي ڏينهن ويهڪ ڪئي اٿئي!... زال جو ڪهڙو جيئڻ ٿيندو!“ ٽئين پاٽمرادو وڏي واکي چيو.

”امان، ويچاريءَ کي ٻه ڦڙيون چانهه جون آٽي ڏيوس.“ هن نينگرين کي مخاطب ٿيندي چيو.

”ٻه گرهه روٽيءَ جا ڏيو ته کٽي کان.“ زينب ائين ڳالهايو، جڻ سندس جسم ۾ قيد ٿيل بکايل ۽ ٻوساٽيل ساهه رڙ ڪئي هجي.

”ماني اڃا ڪانه پڪي آهي، راڄ مڙيو ويٺو آهي پاڳل زينب جي پيٽ کي چيو.

”ڏيڍ لڳو آهي هاڻي، يارهن بجي ته نيرن ڪاڌي اٿن- اُها ٻه ته هيٺ لهين!“

”آءُ پنهنجي ڪائڻ ڪاڻ ٿورو ئي ٿي چوان! زالون پيون رڙيون ڪن، سندن ٻار پيا روئن!“

”مائي ماڻهن جا حال ته ڏسو. اسين پنهنجن سورن ۾، هي ٻچا وٺي پڳيون آهن. ڪا شادي ڏٺي اٿن چا؟“

”ادي، ٻچا ڏنا آهن ته الله ڏنا آهن.“ عاشو جا ٿورو پرتي ويٺل هئي ۽ جنهن جا چار ئي ٻار ٻُڪ ڪان ٻاڪاري رهيا هئا، بروڪليس جي دٻيءَ مان ڪي- ٿو جو سگريٽ ڪڍندي چيو.

”ادي، الله ڏنا اٿوَ ته گهر ويهاري ڇڏيون. مائي هڪ زال پنيان پنج ٻارا چڱي همدردي ٿيو ڪن!“

”واهه ادي واهه! روئي روئي نڙيون ويهاري ڇڏيو اٿئون. اڃا تنهنجي مرضي آهي ته نوڙي ڳچيءَ ۾ وجهي لڙڪي پئون چا!“

”وڃي پنهنجي گهر لڙڪو اسان کان الله پليوَ!“

”مُئا، مار پئيوَ، هلو گهر، اوهان جي ڪري ته ٻيڄڙي ٿي آهيان!“ عاشو جتي ڪٽي ٻارن کي ستڻ لڳي.

”اونهڪ... اونهڪ... اسين ڪونه هلنداسين. ديگون آيو آهن... ٻوٽين وارو پلاءُ کائينداسين.“

”اَن... اَن... منو پت منو-“

”امان، نان ۽ سيرو...“

”پري ٿيو، چورا، مونکي برقعو پائڻ ڏيو! مئي جا پٽ، چو ڦاٽي آهيان اوهان منجهان! بيمانو ڪٽي ڪيو اٿوَ! عاشو جتي اڇلائي برقعي کي سڌو ڪرڻ لڳي.

”ادي ٺهيو هاڻي، ڪلمو پڙهہ... هي وقت رسڻ جو ٿوروئي آهي. ويهہ، برقو لاهہ!“ پاسي کان ويٺل ٻي زال معتبري ڏيکاريندي چيو.

”پر ڏس تہ سهي، اسان ڪونہ ماريو جو...“

”بس بس، ٺهيو، ماٺ...“ هن ڪٽي وات تي هٿ رکيس.

عاشو ٻوٽ سجائي، ٻار وٺي، وجي پاسي تي ويٺي.

ايتري ۾ ديڳيون آيون-

”اڙي پيٽ آيو!“ ٻار خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳا.

”بس ڪر، ڇورا، تہ ٻُجو نہ هڻانءِ!“ عاشوءَ سچ پچ ڇوري کي ٻجو گهروڙي ڏنو.

”گهر واريون، پاڳل ۽ بيبل سميت، چلمچيون کٽي راڄ جا هٿ ڌئارڻ لڳيون.

ديڳين جو آواز ۽ ٿانوَن جو کڙڪو، ۽ تنهن سان گڏ ننڍين وڏن جي ٻوڙڌڪ سڄي گهر ۾ پکڙجي وئي.

”ائي پاڳل، وارو ڪر، مون واريءَ جتي جو هڪ پادر ملي ئي نٿو. مئي نياڳي، هاڻي تہ نظرڪم ئي نٿي ڪري!“ حاجاڻيءَ خيربانو، رڌڻي جي اڳر ۾ پيل ڪبوترن جي وڏي پڃري جي هيٺان جتيءَ جو پادر ڳوليندي ۽ چنگهندي چيو.

”ائي ماسي! هن تڏيءَ جي هيٺان تو وارو پادر تہ نہ پيو آهي؟“ عامر تڏي مٿي ڪري، پادر حاجاڻي خيربانوءَ جي اڳيان اڇلائيندي چيو.

”آئي، هاڻي سيگهہ ڪريو، گهٽائي شيرمال، زردا ۽ پلاءُ ڪاڌوَ، هاڻي اٿو تہ هلئون. لاهيو چتي مالڪن تان.“ پاڳل ويٺل نڙيءَ تي زور ڏيندي، هٿن ۽ جسم جي اشارن کان ڪم وٺندي چيو.

خانبهادر جي بنگلي جي وراندي مان، پاڳل جي اڳواڻيءَ هيٺ، زالن جو قافلو واپس وڃي رهيو هو. پويان چانگ ٻارن جي ٻہ رڙندي، رنيندي ۽ ڪرندي، اڳتي وڌي رهي هئي. زينب سوگوار اکين ۾ لڙڪ سنواري، ان قافلي کي ڏسي رهي هئي. جيتوڻيڪ ظاهر ۾ ڪيس رانياڻن ۽ رڙين کا نجات ملي چڪي هئي. پر ڪيس هيڏي ساري بنگلي ۾ اڪيلائيءَ جو احساس شدت سان ٿي رهيو هو. هن صفي ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺو، جتي گلم جي مٿان پلاءُ ۽ چاشني جا ذرڙا پکڙيا پيا هئا. هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ سندس دل وانگر، پٽ تي پکڙيل رزق پڻ روئي رهيو هو.

# ڄارُ ڄَرندي

”ٽرن... ٽرن... ٽرن...“ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. ”هلو...“
”اوهان محترم شمس ڳالهائي رهيون آهيو؟“
جي ها، فرمايو.“
”اوهان ڪهاڻي لکي ڄاڻو.“
”جي نہ.“
”ڪجهہ تہ لکي ڄاڻندا هوندا؟“
”ڪجهہ بہ نٿي لکي ڄاڻان، پر اوهين ڪير آهيو ۽ ڪهڙي سلسلي ۾ فون ڪيو اٿوَ؟ ڪڪ ٽيندي وراڻيائين.
”ماهنامي ’ناني ڳوٺڙو‘ ۾ تہ اوهان جي ئي ڪهاڻي ڇپي آهي نہ؟“
”جي ها پوءِ؟“
”پر اوهان تہ چيو هو تہ اوهان لکڻ نٿيون ڄاڻو.“
”جڏهن اوهان کي خبر هئي تہ پوءِ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت؟“
”ائين ئي، وري بہ خاطري ڪرڻ چڱي ڳالهہ آهي نہ.“
”اوهان چوڻ ڇا ٿا گهرو؟“
”مون اهو پي چيو تہ ڪي اديب اوهان جي انهيءَ ڪهاڻيءَ بابت ڳالهيون ڪري رهيا آهن.“
”انهي ۾ ڪو عجب ناهي. هرڪو ڪري سگهي ٿو، اديب تہ پوءِ بہ وڏي ڳالهہ آهي.“
”پر اُهي ٻئي قسم جون ڳالهيون آهن.“
”آخر اوهان کي چوڻو ڇا آهي، ڳالهہ ڪريو، نہ تہ فون رکي ڇڏيو.“
”اوهان تہ ناراض ٿي رهيون آهيو!“
”ناراض انهيءَ سان ٿبو آهي، جنهن سان ڪڏهن ڪو راضي رهيو هجي. اوهان سان ناراضگيءَ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“
”خير، بهرحال منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ آءٌ خود اديب، شاعر ۽ نئين نسل جو نمائندو آهيان. گهڻائي اديب منهنجا دوست آهن. انهيءَ ڏينهن اسين هوٽل ۾ ويٺا هئاسين تہ ڪي اديب اوهان جي ڪهاڻيءَ بابت چئي رهيا هئا تہ چوريءَ جي آهي ۽ اهو بہ پيا چون تہ اسين تصديق ڪنداسين.“
”ضرور ڪن. اوهين بہ ڪريو. بس اهوئي ٿي چوڻ گهريو؟“
”خير، انهيءَ ڳالهہ کي ختم ڪيو تہ بهتر.“
”شروع بہ اوهان ڪئي هئي.“
”پر مان تہ اوهان لاءِ ائين نٿو سمجهان.“

”ٻين جي سمجهڻ ۽ اوهان جي نہ سمجهڻ مان فرق بہ تہ ڪونہ ٿو پوي. اوهين مهرباني ڪري رسيور ڪي ڇڏيو.“

”ڏسو! هلو.. هلو! ڳالهہ تہ ٻڌو!“

”جي...“

”انهيءَ ڳالهہ کي ختم ٿو ڪجي. پر ائين ٿي ڳالهائين ۾ آخر ڪهڙو اعتراض آهي. مان بہ تہ هڪ اديب آهيان. هن روشن دور ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ خراب ڳالهہ تہ نہ آهي. اوهان منهنجا ليک ۽ شعر وغيره تہ پڙهيا هوندا. منهنجو تخلص ’چور‘ آهي.“ هن پنهنجي اديب ۽ شاعر هجڻ جو هٿيار استعمال ڪيو.

”اوهان ڪنهن اديب يا اديبہ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيو. مان اديبہ ناهيان.“

”پر محترمہ!“

”اوهان جنهن زبردستيءَ سان فون ڪري ڳالهائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو. اها ڪا سٺي ڳالهہ تہ ناهي ۽ نہ وري ڪنهن عزت جي قابل. افسوس آهي جو اديب بہ اهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳن تہ باقي ڪنهن کي ڏوهہ ڏجي.“

”پر مون ڪا حرڪت ناهي ڪئي. منهنجو مقصد تہ اوهان کي انهيءَ ڳالهہ کان آگاهہ ڪرڻو هو.“

”اوهان خطري کان آگاهہ ڪيو. تنهن لاءِ اوهانجي نوازش. عنايت. مهرباني احسان! ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ گهرندا؟“

”اوهان تہ خواهہ مخواهہ....“

۽ شمس هن جي ڳالهہ ٻڌڻ کان اڳ ۾ ئي رسيور رکي ڇڏيو.

”توبهہ. ماڻهو نہ هو ڄڻ ڇچڙ.“ سک جو ساهہ کڻندي چيائين.

’چور‘ اهو تخلص ڪنهن جو آهي. هن سوچيو ها... ٺيڪ آهي اشفاق ’چور‘ جي نالي سان غزل وغيره تہ ڇپيا آهن... پر هي ۽ هن قسم جا اديب بہ ڪهڙي ذهنيت جا مالڪ آهن! سچ پچ تہ ڏک ٿئي ٿو..

هوءَ اجا سوچي ئي رهي هئي تہ ايتري ۾ رشيده سندس سَرتي بہ اچي سهڙي.

”ڪنهن جو فون هو؟ توکي ڳالهائيندو ڏسي وجي ماسيءَ سان ڪچهري ڪيم.“

”چور جو فون هو. تنهن پئي ڳالهايو.“

”ڇا چيئيءِ؟ چور جو؟ چورن جي هاڻي ايتري همت ٿي آهي جو فون تي اچڻ جو اطلاع ٿا ڏين.“ رشيده پريشان ٿيندي چيو. هوءَ ڊڄڻي تہ اڳي ئي هئي. چور جو ٻڌي ساهہ تي نڪتس.

”ها. چور پر رواجي چور نہ. تون تہ ائين ڊڄي رهي آهين. ڄڻ ڪو سچو پچو خطرناڪ چور هجي- چور تہ هن جو تخلص آهي. نئين نسل جو نمائندو ۽ اديب.“ شمس وضاحت ڪئي.

”هان! مون تہ سمجهيو شايد... پر هي ماڻهو اهڙا تخلص ڇو ٿا رکن“ جنهن مان غلط فهميءَ جو گمان ٿئي؟“

”تون نتي سمجهي سگهين رشيده. هتي اڄ گهڻيل ماڻهو اهڙائي تخلص رکندا آهن جهڙوڪ: ’چور‘، ’آواره‘، ’بي وفا‘، ’مرحوم‘، زخمي‘، ’قتيل‘، ’روڳيل‘، ’خارباز‘، ’پاڳل‘، ’وحشي‘، ’درد‘، ’ڏوڙ‘، ۽ ’ڏڏڙ‘ وغيره.“ شمس يڪ ساهي سڀ نالا وٺي ويو.

”تعجب آهي!“

”پر هي نئين نسل جو نمائندو ڪهڙي بلا آهي. ’نئين نسل‘ ڪي سڳ ٿيندا آهن ڇا؟“

”سڳ ته ڪونه اٿن پر ڳالهيون سڳن واريون ئي ڪن ٿا.“

”چو ڀلا! آهن ته ماڻهو نه؟“

”آهن ته بلڪل ماڻهو. انهن جهڙو پائين. انهن جهڙو ڪائين. عام ماڻهن وانگر پنهنجي مطلب لاءِ خوشامند به ڪرڻ ايندي اٿن. يعني گڏهه کي به پيرين پوڻ کان ڪونه ڪيٻائيندا آهن. سندن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ترتيب آهي، تنظيم آهي ۽ مقصد آهي. پر ادب ۾ سندن ڪوبه نشان ناهي. عجب ته اهو آهي جو جڏهن ساڻن ڳالهائبو ته سيڪجهه چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچيو وڃي. پر جڏهن ڪهاڻي لکندا آهن ته مجال آهي جو ڪجهه سمجهه ۾ اچي. پڙهندڙ حيران ۽ ششدر رهجيو وڃي.“

”ها چئين سچ ٿي، مونکي به هڪ اهڙيءَ ڪهاڻيءَ سان واسطو پيو هو جا ڪجهه هن ريت لکيل هئي ته:

’وڏايان ٿو وڪ اڳتي، نتي لهي مونجهه من ۾. واريان ٿو پاسان ڪٽ تي، ٽئيم تي پيڙا اندر ۾! اُتن تا اُدما مَن ۾. اچن تا پيڪا ذهن ۾‘- بس مان توکي ڇا ٻڌايان پيڻ. اصل متوئي قري ويم. مونجهه وچان ڪهاڻي ڦٽي ڪيم. آخر اهڙي ڪهاڻي لکڻ جو مقصد؟“

”ڪين پنهنجي نوڪريءَ جي مقصد جي چڱيءَ ريت ڄاڻ هوندي آهي پر ڪهاڻي جي بنهه نه. جڏهن پورهيو ڪري ساڻا تي گهر ڏانهن يا پوءِ جيڪو به اڏو هوندو اٿن اوڏانهن وڪ وڌائيندا آهن ته پنهنجن ٻنهي ٽنگن جي آڏار تي اڳتي وڌندا ويندا آهن. پر پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن بازيگر وانگر متي جي زور تي ابتا تي رڙهندا آهن. ۽ پوءِ خبر اٿئي انهيءَ کي ڇا چوندا آهن؟- انهيءَ کي نئين ڪهاڻيءَ جو آرٽ- تجرباتي آرٽ چوندا آهن.“

”واه! جواب ناهي انهيءَ تجرباتي آرٽ جو! اهڙي طرح سماج ۾ ڪهڙو سڌارو آڻيندا؟“

”سماج جي ڪين ڪابه پرواهه ناهي. سماج جا قائل آهن ته رڳو ايتري قدر ته سماج ڪين ڪجهه ڏي ۽ لڳاتار ڏيندو رهي. ڪهاڻي لکڻ مهل بلڪل بي مقصد هوندا آهن. ڪهاڻي ڇپڻ شرط فوراً مقصد جا قائل ٿي ويندا آهن. يعني معاوضي، شهرت، عزت ۽ تعريف جنهن لاءِ اڪثر عام ماڻهو حيران ۽ سرگردان رهن ٿا.“

”ڀلا ٻڌاءِ ته سهي، چور صاحب ڇا ٿي چيو.“ رشيده بيتابيءَ مان پڇيو.

”اهوئي. جيڪو سيڪڙات ۽ ٽرڙي قسم جا هٽ نوڪيا جدت پسند ۽ بظاهر روشن خيال پر ساڙسڙيا اديب هڪ ٻئي لاءِ پرپٽ زهر اوڳاڇيندا رهندا آهن.“

”آخر خبر بہ پوي تہ ڇا چوندا آھن؟“

”اھوئي تہ تنھنجي ڪھاڻي چوريءَ جي آھي.“

”جنھن ڄار چرندي نڪاءُ ڏنو، تون انھيءَ جي ڇوڙڻ تي لڳي آھين. چور کي پنھنجو عڪس نظر آيو ھوندو؟“

”چور تہ ويچاري پاڻ ’ساڌ‘ تي فون ڪيو ھو. پاڻ ائين ثوروئي ٿو سمجھي، ٻين جي خيالن کان آگاھہ پئي ڪيائين.“ شمس طنز مان چيو.

”پلا انھيءَ ھمدرديءَ جو سبب؟“

”انساني فرض ۽ اديب ٻڌجي خاتون ليکڪ سان واسطو پيدا ڪرڻ. جيئن ادبي مجلسن ۾ سينو تاڻي چئي سگھي تہ فلاڻي اديبہ سان ھنجي گھاٽي عليڪ سليڪ آھي.“ شمس سمجھائيندي چيس.

”پر واسطي پيدا ڪرڻ لاءِ ماڻھو اھو ڇو ٿا سمجھن تہ ٻين جي گھٽتائي ڪرڻ سببان اسين ڪنھن جي سامھون سرخرو ٿي سگھنداسين؟“

”ھرڪو تہ ائين نٿو سمجھي، صرف اھي ئي، جن کي پراين پچارن ڪرڻ ۾ لطف ايندو آھي ۽ نفسياتي نقطي نظر کان اھڙين ڳالھين ۾ ڏاڍي دلچسپي ھوندي اٿن. پر اھڙن ماڻھن جو قدر ڪير بہ نٿو ڪري، ڇو جو ھو ڪنھن بہ ڳالھہ ۾ چڱائي ڏسڻ بجاءِ برائي جا ڳولھائو ھوندا آھن.“

”پر ائين ڇو ٿا ڪن؟“

”انھيءَ تي خاصو بحث ٿي سگھي ٿو. ائين سمجھڻ گھرجي تہ تنگ خيالي، بد ذھنيت، حسد ۽ ھلڪڙائپ وغيره جي ڪري.“

”ڏک جھڙي ڳالھہ آھي.“

”اِھا تہ آھي ئي، پر ڇا ٿو ڪري سگھجي. رڳو فوٽ پاٿن، ھوٽلن ۽ ڪافي ھائوسن ۾ ويھي اجائي لباڙ ھڻڻ سان يا ٻئي ڪنھن جي گلا غيبت ڪرڻ سان ڪين ڪو اديب چئي سگھي ٿو ڇا؟ اھي نوجوان آھن ڪين پڙھيل بہ چئي سگھجي ٿو، جيڪڏھن چاھين تہ ملڪ جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ معاشي گھرجن ۽ ڏتڙيل ماڻھن جي حالتن کي پيش نظر رکندي ھڪ اھڙو ادب تخليق ڪري سگھن ٿا، جن تي نہ فقط اسين پر ٻين زبانن وارا پڻ آفرين ۽ رشڪ جي نظر سان ڏسي سگھن ٿا.“ شمس بي ساختگيءَ سان چيو.

”آءٌ سمجھان ٿي اھڙي طرح ليکڪ اديبن ۽ اديبائن جو اھڙي ماحول ۾ جيڪڏھن ساٿ ۽ سھڪار وڌي تہ اھا خوشيءَ جي ڳالھہ آھي ۽ ڪنھن ادب لاءِ عظمت جو مقام پڻ.“ رشيده وراڻيو.

”اھو تہ حالتن تي ئي منحصرآھي، ھي نوجوان جيڪي لٺيءَ مان لٺ پچيو ۽ پُڇ ٻڌي مھري ٿيو گھمندا وتن، جنجي ڪابہ علميءَ ۽ ادبي لياقت ناھي ۽ جنجو اٿڻ ويھڻ ۽ چال چلت بہ مشڪوڪ، ڪھڙي اديبہ کي ڪتي ڪنيو آھي جو انھن ڏانھن تعاون يا سھڪار جو ھٿ وڌائيندي.“

”چئبو تہ اھي ھٿ ٺوڪيا اديب. اديبائن کي اڳتي اُسرڻ نتا ڏين؟“

”ڪوبہ شخص ڪنهن جي تخليقي عمل کي اُسرڻ کان نٿو روڪي سگهي پر هت قصو انجي ابتڙ آهي، جيڪڏهن ڪا اديبہ چڱو لکي ٿي ۽ انهيءَ جو اهڙي قسم جي هٽ نوڪين اديبن سان ڪو تعلق ناهي تہ اهي ’اديب‘ سندس لکڻين تي غلط انداز ۾ دلشڪني واري نمونې سان دل آزاريندڙ ٽيڪا ٽيڪڻي ۽ بڪواس ڪندا وتن ٿا؛ جيئن هوءَ لکڻ کان ئي هٽ ڪٽي ڇڏي يا ادبي ميدان ۾ آڻ مڃي پنهنجي پوزيشن کي سيڪنڊري سمجهي.“

”پيڻ هاڻي ڇڏين ڪٽي، ويچارا گمراهہ آهن. انهن تي ڪهڙيون ميارون!“

”رشيده! ائين مناسب ناهي تہ گمراهہ کي وڌيڪ گمراهہ ڪيو وڃي. انهن ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو نہ آهي پر ڪين ٿوري تربيت جي ضرورت آهي. ڪين گهرجي تہ صحافت ۽ ادب بابت، صحيح طريقي سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪن ۽ اڳتي وڌن. اهڙي طرح سان نہ فقط صحتمند ادب جي تخليق ٿيندي پر سندن اخلاقي تربيت پڻ ٿيندي، ڪين بااخلاق، باشعور ۽ سٺي شهري بنائڻ لاءِ سينئراديبن ۽ صحافين کي، جن جي ادبي ۽ علمي صلاحيتن جو هرڪو معترف ۽ مداح آهي، انهن کي گهرجي تہ ان قسم جي نوجوانن جي تربيت ڪن.“ شمس خلوص ۽ نيڪ نيتيءَ سان چيو.

”پيڻ تربيت تہ ڏين پيا ۽ اصلاح بہ تہ ڪن پيا، خبر ڪانہ اٿئي تازو هينئر رسالن جا ايڊيٽر پاڻ ۾ وڙهي ڍانگا ٿي ڦتجي پيا هئا. پوءِ اهي اسان جا معزز اديب ئي تہ هئا جن ڪالم لکي، قطعہ ۽ خط لکي حالي تہ ناپر ڪرائي ڇڏي.“ رشيده چيو.

”اهو بہ چڱو ٿيو، مس مس تہ سنڌي رسالن سِسي ڪنئين آهي سي بہ جيڪڏهن وڃي مرڳو ’هاٿو‘ جي وات ۾ پوندا تہ ڪم ڪيئن هلندو.“

”هاڻي تہ خوب لکڻ گهرجي-“

”لکڻ تہ گهرجي پر خواتين اڳ ئي گهٽ ٿيون لکن ٻيو اهو ڪيترو نہ ظلم آهي جو ڪائن پڇڻ ڪانسواءِ پنهنجي مرضيءَ مطابق لفظ بدلايو ڇڏين. خدا جا بندا، جيڪڏهن توهان کي ڪنهن لکڻيءَ ۾ اعتراض نظر اچي ٿو تہ ان بابت پڇو، جي لکندڙ تبديلي آڻڻ لاءِ راضي آهي تہ ٺيڪ نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ مواد ڪيس واپس موڪليو وڃي. ڪين لکڻيءَ جي ٻيڙي ٻوڙي پوءِ ڪيس خط لکجي تہ معاف ڪجو، توهان جي اجازت بنا فلاڻو لفظ بدلائي هي لفظ لکيو اٿئون، دل ۾ نہ ڪندا!“

”واقعي جواب ناهي دل ۾ نہ ڪندا جو، اهو تہ ٿيو ڪنهن کي پٺيءَ ۾ خنجر هڻي پوءِ معافي گهرڻ.“

”توکي اهو ٻڌي عبرت لڳندي تہ منهنجي تازي لکيل ’اسيڪچ‘ ۾ رڳو هڪ سنڌي خاتون جي ست سال پراڻي تصوير جو بلاڪ ڏيڻ لاءِ خاص طرح سان ’سچيئشن‘ ڪرئيٽ ڪئي وئي!“

”هان!!“

”ان کان سواءِ ڪجهہ سٽون بہ غائب ۽ هڪ سڄي پيراگراف جا لفظ اهڙي طرح هيٺ مٿي ٿي ويا آهن جو مان پاڻ منجهي پيس تہ ڇا لکيل آهي. مونکي بيحد ڏک ۽ شرم محسوس ٿيو تہ منهنجا پڙهندڙ ڇا سوچيندا هوندا.“

”پروف به جيڪڏهن چڱيءَ طرح نه پڙهبا ته ڪهاڻيءَ جو روح باقي ڪهڙو رهندو.“ رشيده چيو.

”مرد ليڪڪن لاءِ ته اها روايت مشهور آهي ته هو مشين تان به پروف لاهيو پڙهيو وٺن ٿا. پر خواتين ويچاريون ڇا ڪن. پوءِ انهن جي دل ڪيئن چوندي لکڻ لاءِ.“ شمس ڏک مان چيو.

”ائي نينگريون! هاڻي هلي ماني کائو. توهان جون ته ڳالهيون ڪٽڻيون ناهن.“ شمس جي ماءُ ڪمري ۾ ايندي کين چيو.

”اُف، سردي ته ڪيتري آهي. منهنجو ته دم ٿو گهٽجي.“ اشفاق ’چور‘ چئي رهيو هو.

”دم ٿو گهٽجي! يعني سرديءَ ۾ تنهنجو دم ٿو گهٽجي؟ ڪمال ٿو ڪرين يار. دم ته گرميءَ ۾ گهٽبو آهي.“ اختر حيرانيءَ مان پڇيو.

”ها، يَرا دم ته گرميءَ ۾ گهٽبو آهي، پر جيستائين گرم گرم چانهه منهنجي چپن کي نه ڇهندي ۽ نڙيءَ مان هيٺ نه ويندي، تيستائين آءٌ واقعي گُهٽ محسوس ڪندو آهيان.“

”اڇا، اڇا! اهو مطلب آهي تنهنجو!“ اختر ڦڪي مرڪ چپن تي آڻيندي چيو. هن جو خيال فوراً بل ڏانهن ويو.

”پر ڪا ڳالهه ناهي، جتي ايترا ڪوپ چانهه جا، اتي ٻيا به سهي!“ هن گهڙي ساعت دل کي آٿت ڏيندي سوچيو.

”پوءِ هل ته هوٽل تي هلون.“ گهڙيءَ کن ۾ هو فٽ پاٿ تان لهي هڪ هوٽل جي ميز جي چوگرد ڪرسين تي اچي ويٺا. جنهن تي شام جو اڪثر ’چالو‘ قسم جي ’اديبن‘ جو قبضو هوندو آهي ۽ هو تيستائين هوٽل مان نه نڪرندا آهن جيسين کين لوڏي نه ڪڍيو ويندو آهي.

”ٻه چاءِ لائو!“ اختر بيري کي آرڊر ڏنو.

”سائين اسپيشل يا چالو؟“ بيري سنڌيءَ ۾ بي نيازي سان سوال ڪيو.

”اڙي يار، چالو ئي کڻي آءُ. اسپيشل جي وري جوڙجڪ ڪتان ٿي ٿئي!“

بيرو حڪم جي تعميل ۾ ٻه گرم گرم چانهه جا ڪوپ کڻي آيو. سارو ڏينهن ڪڙهيل ۽ سڙيل چانهه-جنهن جي پيئڻ سان انسان جا جيرا به جلي وڃن.

اشفاق چانهه کي ڏسي، پنهنجي خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي- هڪ ئي ڍڪ پيئڻ سان هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻڪ ساري دنيا جو نشڪو انهيءَ ڍڪ ۾ سمايل هو. پر وري جلد ئي بي سڪون ٿي پيو.

”ڇو وري ڇا ٿيئي؟“ اختر پڇيس.

”مڙدي سان گڏ ڪفن ته ڪونه آيو!“

”اڇا، اڇا! سمجهيم. بيرا، ٻه سگريٽ کي- تو جا وٺي آءٌ!“ بيرو ڏهين پئسي جو سڪو وٺي ٻاهر نڪتو ۽ ٿوري دير کان پوءِ واپس اچي عاجزيءَ سان چيائين.

”سائين هي ڏهه پئسي خراب آهي ٻي ڏيو.“ اختر تنهن تي ٻي ڏهه پئسي ڏنس.

سگريٽ جي دونهي ۽ چانھ جي گرميءَ سان هنن جي اکين ۾ تازگيءَ جي چمڪ اچي وئي. هو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي مشڪيا.
”دم جي گهُٽ جو ڪهڙو حال اٿئي؟“ اختر ڊاڪٽر وانگر سوال ڪيو. ”بلڪل فرحت اچي وئي آهي. دماغ ۾ حسين پلاٽ رقص ڪري رهيا آهن.“ اشفاق ماليخوليا جي مريض وانگر ڳالهايو.
”ها، يَرَ! اهو ته ٻڌاءِ، اڄڪلھ ڪهڙا افسانا لکي رهيو آهين ۽ ڪٿي ڪٿي عشق پيو پچائين؟ من انهيءَ بهاني ڪو مونکي افساني جي پلاٽ ملي وڃي. اڄڪلھ ته دماغ ڪم ئي نه پيو ڪري.“ اختر چيو.
”ڪٿي! مونکي ته اڄڪلھ فرصت ئي گهٽ ٿي ملي. تون ٻڌاءِ.“
”مان ادبي دنيا ۾ هڪ ’نئون شاهڪار‘ پيش ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. انڌي سماج تي اهڙو شاهڪار لکندس جو سيڻ جا تاڪ لڳي ويندا.“
”ها! ڀيو ڇا سماج انڌو آهي. سماج جا ڪارڪن انڌا آهن. اهڙي حالت ۾ ملڪ ڪيئن ترقي ڪندو؟ ادب ڪيئن ترقي ڪندو؟ ملڪ جي ترقيءَ جو دارومدار ادب تي آهي. جيستائين ادب ترقي نٿو ڪري، تيستائين اهو ملڪ ۽ سماج ترقي نه ڪري سگهندو“ اشفاق چيو.
”۽ منهنجو ته اهو چئلينج آهي ته جيستائين اسين ادب ۾ ڪو اضافو نه ڪنداسين، تيستائين ادب ۽ سماج ٻئي انڌا، ڪاڻا، لولا ۽ لنگڙا رهندا. سمجهيئھ منشي اڏارچند! يا وري توکي گدوءَ جو سير ڪرائجي؟“ اختر چانھ جا پئسا سجايا ڪندي اشفاق کي لتاڙيو.
”سمجهيم، سمجهيم! واقعي تنهنجا خيال نهايت بلند آهن!“
”اها ته تو جهڙن نامور اديبن جي مهرباني آهي هونئن آءٌ ڪنهن قابل نه آهيان!“ اختر انڪساريءَ مان چيو.
”مهرباني، وڏي وڏي مهرباني!“
”پر...“
”پر ڇا؟ ڪنهن کي پيو ’پر‘ لڳائين؟ متان ’پر‘ مان ’پري‘ جي ڳالھ پيو ڪرين.“ هن اختر جي ڳالھ اڌ ۾ ڪاٽيندي چيو.
”نه ڙي يَر، اها وري ڪٿي تي هٿ اچي. آءٌ ته اهو پيو چوان ته صحتمند ادب جي اوسر جو دارومدار هڪ ٻيءَ ڳالھ تي به آهي.“ اختر چيو.
”اها ڪهڙي؟“
”اها هيءَ ته اسان جا گهٽائي هم خيال پيدا ٿين.“
”اهو ته درست آهي. پر اهڙا اديب ڪهڙي تا خدمت ڪن. هاڻي ته زائفائن به ادبي دنيا ۾ قدم رنج فرمايو آهي ۽ انهن ته صفا ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي.“
”پر خواتين ته تمام گهٽ لکندڙ آهن جن مان زرينہ، خالده ۽ بلقيس پراڻيون ٿي چڪيون آهن هينئر هڪ شمس ادبي دنيا ۾ قدم رکڻ جي تڪليف ورتي آهي! پر اها به اهڙو برو ته نٿي لکي!“

”۽ لکندي بہ ڪيئن!“ اشفاق طنز ڪئي. جڻ تہ ڪنهن سازش يا اونهي راز جو ڪيس پتو پئجي ويو هجي ۽ ان کي پيٽ ۾ لڪائڻ ڪري ڪيس پٽڙا پيچ ٿي پيا هجن.

”ڇا مطلب؟“ اختر دلچسپيءَ مان پڇيو.

”جڏهن سٺا لکڻ وارا موجود هجن تہ پوءِ خراب لکڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي!“

”کولي ڳالهہ ڪر ڪٿي، ڪو شمع جو معمو پيو حل ڪرين ڇا؟“

”يار تون بہ الائي ڪٿي ٿو رهين! کولي وري کهڙي ڳالهہ ڪريان. ڳالهہ پڌري پئي آهي. ڪڏهن ايڊيٽر ٿا هن کي لکي ڏين ۽ ڪڏهن تو مون پارا تہ ڪڏهن ڪٿان چورايو وٺي.“

”ائين وري ڪيئن!؟“

”بيو نہ تہ! هن کي لکڻ ئي ڪٿي ٿو اچي.“

”يار، اها تہ ڏاڍي خراب ڳالهہ ٻڌايئہ. اهو ادب سان ڌوڪو، اسان سان ڌوڪو ۽ سماج سان بہ ڌوڪو آهي. اسين، نئون نسل ان کي هرگز برداشت ڪين ڪري سگهنداسين.“

”ڪير ڌوڪو ڪري رهيو آهي ۽ ڪنهن سان ڪري رهيو آهي، جو توهان ٻئي وڦلجي رهيا آهيو؟ اسان کي بہ تہ ٻڌايو.“

امجد ۽ اصغر سُر سان سُر ملائي چيو ۽ اچي هنن جي پير ۾ ويٺا.

”اچو، اچو، توهان بہ ويهو. محفل جي رونق هاڻي تہ اچا شروع ٿيندي!“

”يار! اهو رسالو تہ هيڏانهن ڪجانءِ!“ امجد جي هٿ ۾ رسالو ڏسي اختر چيو ۽ رسالو وٺي سڀ کان پهرين فهرست ڏسڻ لڳو. صغرا جي نالي تي هن جي نظر رڪجي وئي. ”بلي! بلي! هاڻي هيءَ بہ ٿي لکي! ۽ وري تنقيدنگار بڻي آهي!“ هنجي لهجي ۾، ساڙ، ڪينو ۽ هلڪڙائپ هئي.

”ڪير؟“ امجد ڪرسيءَ تان اٿندي اختر جي هٿ ۾ جهليل رسالي تي جهڪيو. جڻ ڪنهن خزاني جي راز ملڻ جو امڪان هوس.

”يار، اهائي تہ آهي جيڪا ريڊيو ڊرامن ۾ بہ حصو وٺندي آهي.“

”خدا جو قسم!“ امجد عجب مان پڇيو.

”نہ تہ ڇا! رسالو ڪٿي ڏس.“

”بلي بلي. ٻلي ست ڪوئا کائي هاڻي حج تي نڪتي آهي. ضرور بڪواس لکي هوندائين.“

ڀيو وري، لکي به چا ٿي!" اشفاق کي جڻ موقعو ملي ويو. "انهيءَ ڪان گهٽو ته آءُ تو لکي ڇاڏان. توهان تازو شايع ٿيل منهنجو هڪ مضمون ضرور پڙهيو هوندو. صغرا جي مضمون جي سٽا ته چڱي آهي پر مونکي اصل حقيقت جي خبر آهي ته اهو مواد ڪٿان ڪنيل آهي. پر پوري تصديق ڪرڻ ڪانسواءِ ڇئي نٿو سگهان. خاطري ڪري پوءِ ايڊيٽر ڏانهن خط لکندس. آخر مضمون جڏهن انهن کي لکڻ نٿا اچن ته چورائي شايع ڪرڻ مان فائدو؟" هن پنهنجي متضاد بياني ۽ بيڪسي جو مظاهرو ڪندي چيو.

"بس ادا، رسالن جا اڪثر ايڊيٽر به ته خواتين جي انهيءَ ڏس ۾ گهٽي همت افزائي ٿا ڪن، مانڱي ڪيو مضمون ڇاپيو ڇڏين. ڪير چوري جي شڪايت ڪري به ڪٽي ته نظرانداز ڪيو ڇڏين. سندن خيال آهي ته خواتين به ادب جي صحيح خدمت ڪري سگهن ٿيون!"

"بڪواس! بلڪل غلط پيا ڳالهائين."

اشفاق تي جڻ مرگهيءَ جو دورو پوڻ لڳو.

شمس ۽ رشيده پاڻ ۾ ڳالهائي رهيون هيون. ٽيلفون جي گهنٽي ڳالهه اڌ ۾ ئي ڪٽي ڇڏي. شمس اُٿي رسيور کنيو.

"هلو."

"آءُ اشفاق ڳالهائي رهيو آهيان."

"فرمايو!"

"اوهان جو افسانو عوام ڪي ڏاڍو پسند آيو آهي. اسان جي رسالي 'آپگهات' لاءِ به هڪ افسانو عنايت ڪرڻ فرمايو." هن عاجزيءَ مان چيو.

"معاف ڪجو. في الحال ان سلسلي ۾ آءُ ڪو فيصلو ڪري نه ٿي سگهان. سوچيندس."

"آخر ڪو لکيل افسانو ته اوهان وٽ ضرور پيو هوندو- پوءِ اهوئي ڪٽي ڏيو. جيڪڏهن ان ۾ ڪا اصلاح وغيره جي ضرورت پئي ته آءُ پاڻ ڪري ڇڏيندسُ، اوهين خاطري ڪريو."

"مونکي اوهان جي اصلاح ۽ مشوري جي ڪا ضرورت ڪانه آهي."

"معاف ڪجو! آءُ اوهان جي ادبي حيثيت کان انڪار ڪونه ٿو ڪريان، پر اهو پيو چوان ته اوهان کي مشوري وغيره جي اشد ضرورت آهي."

"مون کي نه ڪا ڪهاڻي ڏيڻي آهي ۽ نه وري ڪنهن جي 'زرين مشوري' جي ضرورت آهي."

"اوهين ته هرويرو ناراض ٿي رهيو آهيو. منهنجو ته تمام وڏو پروگرام هو ته ادبي دنيا ۾ اوهين منهنجي مدد ڪريو ۽ آءُ اوهان جي يعني آءُ اوهان کي پلاٽ وغيره ڏيان ته اوهين ان تي ڪجهه لکو، پوءِ ان جي اصلاح جي جيڪڏهن ضرورت پئي ته پاڻهي ڪري ڇڏبي."

"اوهان پنهنجي لاءِ اهو سوچي سگهو ٿا. ڪٿان به پلاٽ وغيره وٺي پنهنجي نالي سان افسانو وغيره ڇپرايو ۽ پاڻ کي نئين ادب جو علمبردار اديب ظاهر ڪريو، پر آءُ ان کي هڪ غير مهذب ۽ ناشائسته

حرڪت سمجهان ٿي. مهرباني ڪري اهڙيون صلاحون ڪنهن ٻئي کي ڏيو.“ ائين چئي شمس رسيور رکي ڇڏيو.

اشفاق کي ٽيليفون بند ٿيڻ جو آواز ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ته ڪنهن تڙاڪ ڪري چماٽ هنئي هجيس، هو سڄو ٽِٽان پٽان ٿي ويو. کيس ائين محسوس ٿيو ته سندس اِهي ڪارستانيون ۽ بيهوديون حرڪتون، جن جو هو اڳواڻ هو، ڪڏهن هلي نه سگهنديون.

# گيٽ آئوٽ

جسم ٿلهو متو، قد ڊگهو، رنگ صحتمند طرح سان ڪارو شيشم وانگر چمڪندڙ پريل ڳل، ٺوٺ خشڪ چپ، شايد سگريٽون گهٽيون پيئڻ ڪري. پر جڏهن هو ڪلندو هو ته هن جي سڄي چهري جو رنگ ئي بدلجي ويندو هو. وڏين وڏين گهرين اکين ۾ شرارت جي چمڪ اچي ويندي هئس. منهنجي ساڻس ملاقات همسفر جي حيثيت سان ساڳي ئي ڪمپارٽمينٽ ۾ ٿي. مان حيدرآباد کان ڪراچي وڃي رهيو هئس ۽ هو لاهو رکان ڪراچي. مون سان اهڙي ته پياري انداز سان پيش آيو، جو مان سندس سٺي ورتاءُ کان بيحد متاثر ٿيس. هن جي ڳالهين مان ائين پي معلوم ٿيو ته ماڻهو ڊول آهي. هڪ اعليٰ آفيسر ۽ اڌيڙ عمر هوندي به هو ڏاڍو دلچسپ هو نه ته اڄڪلهه جي مشيني ۽ ماتمي دور ۾ ماڻهو ڏاڍا سپاٽ، غير دلچسپ ۽ هڪ جهڙا ٿي پيا آهن.

جيتوڻيڪ مان عمر ۾ هن کان ڪافي ننڍو هوس پر هن جي گفتگو اهڙي ته دوستاڻي انداز واري هئي جو عمرن جو فرق بنهه محسوس نه پي ٿيو. دراصل اها خاصيت به ڪن ڪن ماڻهن ۾ هوندي آهي ۽ ان لاءِ مان به هن ۾ گهڻي دلچسپي وٺي رهيو هئس. هن پنهنجو نالو عزيز احمد ٻڌايو ۽ اهو پڻ ٻڌايائين ته هو ڪراچيءَ ۾ ئي رهندو آهي. جيتري دير ريل ۾ رهاسين اسان جو ساٿ رهيو ۽ مختلف موضوعن تي گفتگو ٿيندي رهي.

ڪئنٽونمينٽ تي لهندي ئي مون ‘موناليزا’ هوٽل ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڏيکاريو. پر منهنجي مهربان همسفر مونکي پنهنجي بنگلي تي هلڻ لاءِ ايترو ته مجبور ڪيو جو مان انڪار به نه ڪري سگهيس. هڪ خالي ٽئڪسي آهستي آهستي وڃي رهي هئي. هن فوراً هٿ جي اشاري سان ان کي روڪيو. اسين ٻئي خاموشيءَ سان وڃي ٽئڪسيءَ ۾ ويناسين.

”ڪلفٽن!“ هن بي پرواهيءَ سان چيو.

”بهتر جناب.“ ٽئڪسي واري فرمانبرداريءَ مان چيو ۽ ٽئڪسي تيز ڪري ڇڏيائين. بنگلي تي پهچي منهنجي تمام سٺي نموني سان خاطر تواضع ڪئي وئي جنهن مان ظاهر ٿي رهيو هو ته عزيز صاحب هاڻي مونکي پنهنجن خاص دوستن ۾ شامل ٿيڻ جو درجو ڏيئي چڪو آهي.

جيئن ته اسين ٻئي ٿڪل هئاسين ان لاءِ منجهند جي ماني کان پوءِ جلد ئي سمهي رهياسين. شام جو ساڍي ڇهين بجي ڌاري ميزبان مونکي اچي اُٿاريو ۽ شام جي دستوري چانهه پيارڻ کان پوءِ پاڻ سان گڏ چهل قدميءَ لاءِ چيو. پهريائين ته ڪجهه پس و پيش ڪيم، ڇو ته شام جو مونکي پنهنجو خانگي ڪم لاهي صبح جو واپس حيدراباد روانو ٿيڻو هو. پر پوءِ عزيز صاحب جي اڳيان هڪ نه هليم ۽ مجبور ٿي پيس. هن مونکي ٻڌايو ته هو چهل قدمي ڪرڻ جو عادي آهي ۽ اهو پڻ ٻڌايائين ته جيڪڏهن هو

ڪجھہ ڏينھن لاءِ ڇھل قدمي  ڇڏي ڏي تہ سندس پيٽ سنڌ جي روايت ڪامورن مطابق تمام جلد وڏو ٿي ويندو آھي.

رستي تي ھن مونکي چيو تہ "ادا، اڄ تي مھينا ٿي ويا آھن جو مون شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو آھي، ۽ ھاڻي تہ ڪراچي جي آب ھوا بہ پاڻ نٿي پوي، دم جو شوڪو بہ پانيان ٿو تہ سنجريم پيو انڪري خيال اٿم تہ سياڻي توسان گڏجي حيدرآباد ھليو ھلان، جت چند ڏينھن تنھجي صحبت ۾ گذاريان."

"اڪين تي سائين!" مون فراخدليءَ جو مظاھرو ڪيو. سامھون ٽئڪسي کي گذرندو ڏسي ھن جو خيال الائي ڪيڏانھن ھليو ويو ۽ ھڪدم ان کي سڏي 'ماريمار' ھوٽل ڏانھن ھلڻ لاءِ چيو.

ڇھل قدميءَ مان يڪدم ٽئڪسي ۾ چڙھڻ جو ارادو ڏسي پھريائين تہ مان حيران ٿيس، پر پوءِ خيال ڪيم تہ وڏا ماڻھو آھن دنيا جي ھر ڳالھہ وانگر ارادو بدلائڻ بہ انھن جي لاءِ ڪا مشڪل ڳالھہ ناھي، آخرڪار اسين ھوٽل ۾ اچي پھتاسين.

مدھوشيءَ جي عجيب فضا چئني طرفن پکڙيل ھئي، نشي ۾ بدمست ماڻھو جام تي جام پي رھيا ھئا. اسين ھڪ ميز جي چوگرد پيل ڪرسين تي ويھي رھياسين ھن اصرار ڪيو تہ مان بہ ساڻس شريڪ ٿيان، پر منھنجي انڪار تي ھن اڪيلي ئي بيري کي 'پيگ' جو آرڊر ڏنو ۽ جلد ئي ختم بہ ڪري ڇڏيائين. جنھن کان پوءِ چپن تي مرڪ آڻي منھنجي اکين ۾ گھوريندي چيائين تہ "بس، باقي ھڪ." ائين چوندي رعب ۾ بيري کي ھڪ ٻئي پيگ آڻڻ جو آرڊر ڏنائين.

ٻئي پيگ تي عزيز صاحب تفصيل سان ڪراچي جي موسم تي ڳالھائڻ شروع ڪيو ۽ پنھنجو خاص خيال ڏيکاريائين تہ انھيءَ گندي آبھوا مان نڪري توھان سان گڏجي ھلندس.

ھينئر ھن ٽئين پيگ جو آرڊر ڏنو ۽ پيئندي منھنجي ساراھ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين تہ آءٌ کھڙو نہ شريف آھيان جو ھن 'شي' کان پري آھيان، پر حيدرآباد ھلڻ ۽ اُتي مونسان گڏ رھڻ جو اصرار ان وقت بہ رھيو منھنجي ساراھ سان گڏوگڏ ڪجھہ شعر بہ ٻڌايائين، ۽ اھو انڪشاف بہ ڪيائين تہ کين فقط شاعريءَ سان دلچسپي آھي پر ڪڏھن ڪڏھن لِکي بہ وٺندو آھي.

ھينئر سندس پھرين انجام موجب ٽي پيگ پورا ٿي چڪا ھئا، پر وري بہ "بس صرف ھڪ" چوندي بيري کي آرڊر ڏنائين.

”مان ڪڏهن بہ گندو شراب نہ استعمال ڪندو آهيان. هميشه ’اسڪاچ‘ پيئندو آهيان ۽ سوڍا جي بدران مونکي پاڻي وڌيڪ وڻندو آهي.“ هن هڪ ڊڪ پريندي چيو. پل ڪن لاءِ هن جي چهري تي سنجيدگي ڇائنجي وئي.پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي چيائين، ”پر حقيقت ۾ تہ شريعت موجب شراب حرام آهي. قرآن شريف ۾ اهو پڻ فرمايل آهي، ان لاءِ نهايت ئي شرمندو آهيان. خدا جي اڳيان ڇا جواب ڏيندس؟“ هن وڏي ويچار مان چيو، ”پر خير، هاڻي مان سوچي ۽ پڪو ارادو ڪري چڪو آهيان تہ هن خبيث شئي کان هميشه لاءِ توبهن ڪندس. خدا وڏو رحيم آهي، پنهنجن بندن جون وڏيون وڏيون خطائون بخش ڪيو ڇڏي، پر آءٌ سچ پچ تہ ڏاڍو نالائق آهيان. قرآن ۽ شريعت جي پيروي نہ ڪرڻ گناهہ عظيم آهي.“ هو ذري گهٽ روئڻ هارڪو ٿي ويو.

مون سگريٽ کي ايش ٽري ۾ وجهندي هن ڏانهن نهاريو. هن وقت هو مونکي ڏاڍو عجيب معلوم ٿي رهيو هو. هينئر هن شريعت ۽ موسم کان پنهنجو موضوع موسيقي ڏانهن بدلايو ۽ گڏوگڏ پنجين پيگ جو آرڊر بہ ڏنو.

”اج راڳ جا قدردان ڪٿي؟ ويچارا موسيقار بک پيا مرن، تو ۽ مون جهڙا خاندان ڪيترا، جي راڳ جي سمجهہ رکن ٿا.“ هن پاڻ سان گڏ مونکي بہ شامل ڪيو.

”جي ها سائين! ٻيو نہ تہ وري.“ منهنجي لهجي جو طنز هو محسوس نہ ڪري سگهيو.

”يار، عاشق علي خان جي پيروي تہ بس ڪمال جي آهي، خدا جو قسم جيڪڏهن اج سڀ موسيقار بہ گڏجي ويهن تہ هوند صحيح ڳائي بہ نہ سگهن.“ ائين چوندي هن جي هٿن کي جنبش آئي ۽ ٽپائيءَ کان طبلي جو ڪم وٺڻ شروع ڪيائين ۽ پهرين ٽپ ٽپ سان سندن پنجون پيگ ڪپڙن تي هارجي پيو- ٻارهن رپين جو نقصان ٿيندو ڏسي هڪدم جوش ۾ اچي، بيري کي وري پيگ آڻڻ لاءِ آرڊر ڏنو ۽ جيستائين بيرو اچي هُن ”جادو لائي ويا جيءَ ۾“ وارو راڳ ڳائڻ شروع ڪيو.

پريان ڪجهہ شرابي جيڪي پڻ هن وانگر راڳ جا چاتو هئا واهہ واهہ ڪرڻ لڳا. بيٺي بيٺي پنج ڪن شرابي ڪرسين کي سرڪائي اچي هن جي ويجها ٿي ويٺا. سيني جي هٿن پنهنجا پنهنجا جام هئا. هڪ ڄڻي تہ ساڻس سُر ملائڻ شروع ڪيو. ان وقت ’سا- ري — گا- ما- پا‘ جي جيڪا مٽي پليد ٿي سا ٻڌڻ وٽان هئي. ماڻهن جي واهہ واهہ ۾ هو پاڻ کي سچو پچو عاشق علي سمجهڻ لڳو هو. هڪ تہ چئي بہ ڏنس، ”سائين واهہ واهہ، اج مدت کان پوءِ صحيح راڳ ٻڌو اٿئون.“ بس ايترو چوڻ جي دير هئي، هن بيري کي سڏ ڪيو. ”بيرا ايڪ پوري بوتل لاؤ!“ پنهنجي چوگرد ويٺلن کي پنهنجن هٿن سان شراب اوتيندو ڏيندو ويو.

هاڻي هنجو ڇهون پيگ هو، ليڪن مڙئي سرس. ڪنهن شامتِ اعمال فرمايو، ”سائين توهان کي غزل بہ ضرور ايندو هوندو.“

چوڻ جي دير هئي، هن زنانو سُر ڪري وٺي جو ڳائڻ شروع ڪيو تہ ٻڌڻ وارن ۾ جيڪو ’موتي فقير‘ هجي ها تہ بہ ڪن ڪپائي ڀڄي وڃي ها.

چشڪيءَ جو مزو وٺندڙ جن جي آفرين آفرين پيئي تن هن جي وڏي همت افزائي ڪئي.

ايتري ۾ هن ستون جام پريو ۽ انهيءَ مان بہ ڊڪ ڀريندي ’راڪ اين رول‘ جو مظاهرو ڪرڻ لڳو. بس پوءِ تہ پنجئي دوست ساٽس گڏجي ’راڪ اين راڪ‘ چوڻ شروع ڪري ڏنو ۽ مون غريب کي بہ زورئي پاڻ سان شامل ڪيائون. موچڙن جي ڊپ کان انڪار بہ تہ نٿي ڪري سگهيس.

هينئر ڪنهن ٻئي حاتم طائي بوتل جو آرڊر ڏنو ۽ وري سيني ”لال پري“ پنهنجي گلاس ۾ اوتي، عزيز صاحب جو هي اٺون جام هو، پر انئين جام مان اڃان رڳو ٻہ ڊُڪ مس ڀريائين تہ ان بعد فوراً ئي هڪ وڏي ’آ، آئو‘ تي ۽ پرسان ويٺل هڪ همراهہ جو سوٽ اُلٽيءَ جي نظر ٿي ويو. بس پوءِ ڇا هو، سوٽ واري همراهہ نہ ڪئي هم نہ تم، ٺهہ پهہ هڪُ ڪڙاڪيدار ڪانگهارو هنجي منهن ۾ ٺڙاڪ ڪري اُڇليو. ان کان پوءِ چانديا مگسي واري جنگ شروع ٿي ويئي. ٻہ ٿي هِن طرف تہ ٻہ ٿي هُن طرف. نتيجي ۾ ٻئي اسڪاچ جون بوتلون بہ هارجي ويون. مطلب تہ جيئن جيئن عزيز صاحب پنهنجو هوش وڃائيندو ويو تيئن تيئن مون کي هوش اچڻ لڳو. دل ئي دل ۾ پاڻ کي ملامت ڪري رهيو هئس تہ کهڙي ڪُتيءَ ڪنيم جو هڪ اجنبيءَ سان بي تڪلف ٿي بنگلي تي ويس. مان سخت بور ٿي رهيو هئس. ايتري بوريت زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئم. پنهنجي جان جي سلامتي انهيءَ ۾ سمجهيم جو پرسان پيل ميز جي هيٺان وڃي لِڪس. ٿوري دير بعد مئنيجر، بيرن سميت اچي سيني کي جدا ڪيو. هينئر عزيز صاحب جوش ۽ غصي ۾ سهڪي رهيو هو. بيري کي سڏ ڪري چيائين ”بيرا، کهڙا کهڙا ڪمينا ماڻهو توهانجي بار ۾ تا اچن. وڃڻ پيڪ ڪٽي آ، اڙي! پر، صاحب لاءِ ڪافي ڪا سينڊوچ تہ ڪٽي آ، تي ڪلاڪ ٿيا آهن جو هن کي پاڻيءَ جو گلاس بہ ڪونہ پياريو اٿو.“ هن مون ڏانهن همدرديءَ واري نظر سان ڏسندي بيري کي چيو.

”مڙئي خير آهي سائين! منهنجو خيال نہ ڪريو.“ مون رسميءَ طور چيو.

پر منهنجي ڳالهہ تہ ڄڻ هنڪان وسري وئي. منهنجي ڪجهہ نہ کائڻ پيئڻ جو خيال اچي، وري غائب بہ ٿي ويس.

هينئر هن نائين پيگ جو آرڊر ڏنو. بيري آهستگيءَ سان نائون جام رکندي کين عرض ڪيو تہ هن وقت رات جا ٻارهن ٿي رهيا آهن. پر عزيز صاحب سڏو آئي- جي پوليس، سان دوستيءَ جي دعويٰ ڪندي بيري کي يقين ڏياريو تہ پوليس ڪيس ڪجهہ نہ چوندي.

نائون پيگ ختم ڪري هن ڏهين جو آرڊر ڏنو. بار جا دروازا بند ٿيڻ لڳا. ان بعد هڪ ٻي بوتل وٺي عزيز صاحب بنگلي ڏانهن هلڻ لڳو. رستي تي هنجي هڪ ٻئي صاحب سان ملاقات ٿي ۽ پاڻ ۾ ائين ڀاڪر پائي مليا جيئن صدين جا دوست هجن.

ٿوري دير ٻنهي جي پاڙ ۾ سُس پُس تي ۽ ان کان پوءِ ٽئڪسي روڪائي مونکي بہ پاڻ سان گڏ کنيي هڪ نامعلوم هنڌ ڏانهن هلڻ شروع ڪيائون. مون پنهنجو هوش تڏهن سنڀاليو, جڏهن طبلي جي ٺپ ٺپ ۽ هارمونيم جو آواز ٻڌم. هيئنر هو ٻئي, ۽ مان, انهن سان گڏ هڪ مجرم وانگر ڏاڪڻ تي چڙهندو نظر آيس. اتي هڪ عورت جنهنجي عمر عزيز صاحب کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ هوند سا پف ۽ پائوڊر جي ڪرشمي جي ڪري ڇوڪري لڳي رهي هئي, ۽ شراب جي نشي ۾ مدهوش منهنجن همراهن کي ٻنهہ ننڍي نينگري نظر اچي رهي هئي.

عزيز صاحب جي ڪوٽ مان فٽافٽ ڏهن جا نوٽ ڪڙ ڪڙ ڪندا نظر آيا. ۽ اوچتو مون ڏانهن منهن ڪري فرمايائون, "ميان وڏو ڪو بي شرم آهين, اڌ ڪلاڪ راڳ ٻڌندي ٿيو اٿئي ۽ ڪجهہ پئسو ڪونہ ڏنو اٿئي."

مان ڇا جواب ڏيان ها, نهايت مسڪين لهجي ۾ رڳو ايترو عرض ڪيم تہ, "سائين! مون کي پلا هاڻي اجازت ڏيو, تمام ضروري وڃڻو اٿم."

"وڏو ڪمينو آهين, مون توکي ڇيو ڪونہ هو تہ گڏجي هلنداسين!" 'گاءُ تڪيہ' تي ليٽي يارهون پيگ پيئندي هن مونکي تيزيءَ سان گهوريندي چيو.

"سائين! مونکي ضرروي واپس پهچڻو آهي." رحم طلب نظرن سان هن ڏانهن نهاريندي مون عرض ڪيو. ان وقت عزيز صاحب, جو ساڄي ۽ کاٻي الٽيون ڪري رهيو هو, نهايت سختيءَ سان هڪ خوفناڪ رڙ ڪري مونڏانهن مخاطب ٿي چيو, "گيٽ آئوٽ!"

# ويھہ ڏينھن

نٿوءَ ماءُ ٻارن ۾ ٻاڪر ڪٽو وڃهي ڏٺو. ستر ورهين جي عمر ۾ ڪيس اڄ خط پهتو هو تہ اڇي پنهنجي ماءُ واري گادي وسائي. سندس ماءُ، جا بہ سرڪاري دائي هئي، تنهن کي بہ سرڪار سٺ ورهين جي عمر ۾ ٽڪيٽ وٺائي هئي، پر نٿوءَ ماءُ ستر ورهين جي عمر ۾ نوڪري ملڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجو هوش وڃائي ويٺي. سندس موڪلاڻيون ۽ گڏوگڏ اوچنگارون ڪٽيون ئي ڪين ٿي. جڻ ڪنهن وڏي محاذ تي وڃڻ جو وقت اچي چڪو هئس، پنهنجي سڪيلڌي ڌيءَ کي رڙ ڪندي چيائين، ”امان سيگهہ ڪر، ڪا چانورن لپ، ڪا اٽي لپ، ڪا چانهہ ذري، ڪا ڪنڊ چپٽي منهنجي لاءِ هڙ ۾ ٻڌي وٺ.“

”امان ڪو هنڌ بسترو بہ تہ ڪنيون وڃ نہ.“

ڌيڻس ڪيس ٺلهو سنيرندو ڏسي چيس. ”انهيءَ جي ڪا ضرورت ناهي، سرڪاري نوڪري آهي، اتي سڀ ڪجهہ پاڻهي ملندو.“ نٿوءَ ماءُ رعب ۾ وراڻيو.

سندس نهون، جي عذرائيل وانگر مٿانس اکيون ڦاڙيون بيٺيون هيون تہ هيءَ آفت ڪا وقت ٽري تہ نويڪلو ٿي ٽڪر ڪائنون، سي بظاهر نماڻيون اکيون ڪيون بيٺيون هيون، تن کي رڙ ڪري چيائين: ”چوريون! گهر جو خيال ڪجو، جي توهان جي مڙسن ۾ ڪو حال هجي ها تہ پيريءَ ۾ ڌڪا نہ ڪان ها، هاڻي وڃانوَ ٿي، گهر جي پارت اٿوَ.“

پوڙهي مڙس ڪان هڪ وڏي اوچنگار سان ڀاڪر پائي موڪلايائين ۽ برقعو مٿي تي رکي نندي پٽ کي ساڻ وٺي نواب شاهہ وڃڻ لاءِ اسٽيشن ڏانهن رخ ڪيائون.

ڪنهن زماني ۾ سندس برقعي جو نقاب هيٺ هوندو هو، پر جيئن جيئن پاڙي جا پڪا پوڙها مڙس اُسهندا ويا، يا نيم انڌا ٿي پيا تہ نٿوءَ ماءُ بہ نقاب کي هميشه لاءِ خيرآباد چئي ڇڏيو. پر برقعي جي ٽوپي سا سدائين مٿي ۾ ڪتل رهيس، پوءِ اڳيان پل سنهڙي پهراڻ هيٺ گنجي نہ هيس، انگيءَ چوليءَ جي اهميت کي تہ بيڪار سمجهي ڪڏوهڪو ڦٽو ڪري ڇڏيو هئائين.

پلو ٿئي، ’هڪ تہ پاوين ڏون، اهو جهُڳا اِهو تون‘ واري خاندان سان تعلق رکندڙ، ليڊي هيلٿ وزٽر خانم جان جو، جنهن جي ذريعي پيريءَ ۾ نٿوءَ ماءُ کي سرڪاري نوڪريءَ جي آڇ ٿي هئي.

خانم جان جي نٿوءَ ماءُ سان واقفيت ٽريننگ دوران حيدرآباد ۾ ٿي هئي جتي ڪيس معلوم ٿيو هو تہ نٿوءَ ماءُ نہ فقط شهر جي جهوني پر نهايت ئي قابل دائي آهي. گهٽ ۽ وچولي طبقي ڪان وٺي اعليٰ طبقي جون بيگمات بہ ڪانئس ئي علاج وغيره ڪرائي چاڪ چڱيون ڀليون ٿي ويندڀون هيون. خانم جان جيتوڻيڪ ڪنواري نياڻي ڌيءَ هئي، تنهن هوندي بہ گهاگ زالن واري هوشياري حاصل هيس، جنهن جو ڪارڻ سندس چاليهن ڪان ٽڙهيل عمر هئي. غالباً انهيءَ ڪري ئي سندس لومڙيءَ جهڙين نندين ۽ تيز اکين نٿوءَ ماءُ تي پنهنجو ڪرم ڪيو. هوڏانهن نٿوءَ ماءُ بہ ڪچيون گوليون ڪونہ کاڌيون

هيون، پانيائين تي تہ خانم جان اڃان سيڪڙات هئي، نئين نئين ليڊي هيلٿ وزيٽر تي آهي، انهي ڪري ’بازي‘ سندس ئي هٿ رهندي. ڪيس ڪهڙي خبر تہ قضا سندس لاءِ ڪهڙو تير ڪنيو ويٺي آهي.
نٿوءَ ماءُ کي سندس مڙس، ڊيٽس، پٽن ۽ ٻاهرينءَ دل سان ننهن بہ گهٽوئي سمجهايس تہ پيريءَ ۾ پرديس وڃي پنهنجا هڏ نہ رلائي، موليٰ جي مهر سان هٿ ۾ شفا اٿئي، گهر ويٺي ئي سيڪي مليو وڃنئي، پر توبنهہ! پئسي ۽ ڪراڙي زائفان هئي. پيريءَ ۾ سرڪاري نوڪريءَ جي آڇ، ڪا معمولي ڳالهہ تہ نہ هئي، ۽ وري خانم جان کيس گهٽئي دم دلاسا ڏيئي راضي بہ تہ ڪيو هو.
نٿوءَ ماءُ جو نوابشاهہ پهچڻ تي سٺي طرح خير مقدم ڪيو ويو.
کيس ۽ پٽس کي اڌ بک اڌ ڍئو جي مصداق ماني ڏني وئي، جنهن ڪري سندس پٽ تہ موڪلائڻ بنا ٻئي ڏينهن سان ئي حيدرآباد جي ٽڪيٽ ورتي، پر سندس ماءُ انهيءَ خيال ۾ ماٺ رهي تہ وري هڪ ڏکي رپين جي زمين اندر پوري ٻيهر حج ڪنديس. مطلب تہ شيخ چليءَ وانگر گهٽائي گيهہ جا گهڙا دل ئي دل ۾ گهڙي رکيائين.
ٻہ ٽي ڏينهن تہ سانت ۾ گذريس، هڪ ڏينهن جيئن ئي گلاس ڪٽي دليءَ مان پاڻي ٽي اوتيائين تہ اوچتو ڪيس ’مڪار راند‘! جا لفظ ڪنن تي پيا. گلاس هيٺ رکي هيڏانهن هوڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺائين: ٻيو ڪير ڪونہ هو. اهي لقب کيس ملي رهيا هئا. ايتري ۾ چڙٻ جهڙي آواز ۾ حڪم مليس تہ ”اسان جي دليءَ کي هٿ نہ لاءِ پنهنجي گهگيءَ مان پاڻي پيئندي وڃ.“ خانم جان، ڪاڪوس جي در وٽ رکيل سسيءَ لٽل گُگهيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيس.
”امان اِها تہ ڪاڪوس وٽ رکيل آهي.“
”پوءِ ڇا ٿي پيو، ٻاهر پئي آهي، اندر تہ ڪونهي رکيل.“
نٿوءَ ماءُ ويچاري اڪين ڏٺي مک نہ ڳهي سگهي لاچار ڪمپائونڊ ۾ لڳل نل مان ڪوسو پاڻي پيئڻ ئي غنيمت ڄاتو.
خانم جان هڪل ڪندي چيس، ”جلدي ڪري ڪپڙا ڌو، ۽ تنهن ڪان پوءِ هيءَ ڪٽ ٻاهر ڪڍي هنڌ وڇائي.“
”امان آءُ پوڙهي زال آهيان، سڀ ڪجهہ ڪنديس پر ڪٽ ٻاهر ڪونہ ڪڍي سگهنديس. ڪپڙا بہ سنها سنها ڌوئي سگهنديس.“
”جي اهڙي نازڪ بدن هئين تہ گهر ويٺي هجين ها، هٿ ڏڪا ڪائڻ نہ اچين ها.“
”امان مان تہ سرڪاري نوڪري ڪرڻ آئي آهيان!“
”چل سرڪار کي ٻچي!“
نٿوءَ ماءُ زهر جو ڍڪ پيري ڪپڙن تان وڏيون اڇون جُيون چونبڻ لڳي، جن خانم جان جي ڏنل ميري تيل واري بستري ۾ سڄون راتيون نٿوءَ ماءُ جو رت چوسيو هو.
”آخ گندي! اسان جو گهر ٿي خراب ڪرين!“

”امان ھي بستري مان چڙھيون اتم!“
خانہ خراب تيرا! پنھنجي گھران ڇھتائي آئي آھين، ھاڻي تي چوين بسترو خراب آھي. جي اھڙي صفائيءَ واري ھئين تہ پنھنجو بسترو ڪٺي اچين ھا؟“
”امان مون تہ سمجھيو ھو ھتي سڀ ڪي ملندم.“
”چل دفعا ھو مردار، بيڙا غرق!!“ ٻئي ڏينھن صبح جو خانم جان ويم ڪرائڻ وئي جت سڄو ڪم نتوءَ ماءُ کان ورتو ويو. پاڻ پنجاھہ رپيا منائيءَ جا ورتائين پر نتوءَ ماءُ کي صرف ھڪ رپيو ڏياريائين، ان تي بہ ظلم اھو جو ٻاھر نڪري ڪانئس پنجاھہ پئسا زوريءَ کسي ورتا.
نتوءَ ماءُ جا گھڙيل گھڙا سڀ ڀڄي پيا! ڪيس ھينئر پڪي طرح سان معلوم ٿي چڪو ھو تہ سندس مقابلو ھڪ بدمزاج بخيل زال سان ھو. ڪيس ھينئر معلوم ٿيڻ لڳو تہ ناٽو شينھن جي ڪن ۾ آھي ۽ پنھنجي پوزيشن مائي نوران وانگر، جا سندس ماءُ وٽ پٽيوالي ھئي جھڙي نظر اچڻ لڳي.
خانم جان نتوءَ ماءُ کان زنانين بيمارين ۽ ويمن وغيره جي باري ۾ خاص مشورا ۽ ديسي دوائن جا نسخا وغيره لڪائي چڪي ھئي، جنھن ڪري سندس ڪم ۾ گھڻي برڪت ٿي پئي ھئي. نتوءَ ماءُ تي تہ ھاڻي سندس اک ئي ڪونہ ٿي ٻڏي- نہ تہ ھوند سوني مرغي ڄاڻي سندس قدر ڪري ھا. پر پانيائين تہ آھي پوڙھي سان بہ سنڌياڻي ٻن ٽن روپين ۾ ئي سرڪاري نوڪريءَ جي نالي تي خوش ٿيو وينِي ھوندي.
نتوءَ ماءُ پنھنجي من ۾ سٽيل اسڪيم مطابق ڪم شروع ڪري ڏنو ھو. خانم جان جي غير موجودگيءَ ۾ مريض زالن کي ڦاسائڻ شروع ڪيائين جي ”امان انھيءَ ڏائڻ کي ڪھڙي خبر علاجن جي، سمورا ڏس مونکان پڇيو وڃي، اجايا ڏوڪڙ ٿي ڦُربوَ مان تي علاج ڪريانوَ.“ نتيجو اھو ٿيو جو لِڪ چپ ۾ ڪيئي زالون نتوءَ ماءُ کان دوائون وغيره وٺي ويندريون ھيون. اھڙي ريت نتوءَ ماءُ ڪجھہ ڏوڪڙ گڏ ڪري ورتا. ھڪ ڏينھن اوچتو اسپتال جي ڊاڪٽر جو نتوءَ ماءُ کي سڏ ٿيو. جتي ڪيس معلوم ٿيو تہ ڪو سندس مائٽ ساڻس ملڻ آيو آھي. نتوءَ ماءُ جنھن کي مڪمل طرح سان خانم جان ’تاليان پاٽيان‘ ڪدي ڇڏيو ھو ۽ ڪيس ڪنھن بہ شيءِ کي ھٿ لائڻ جو امر ڪونہ ھو، سا وڏيءَ خوشيءَ مان مائٽ سان گڏ سندس گھر وئي ۽ اتي رات گذارڻ بعد چار سير ڇٽا، چار سير مُستي، ٿالھي، وٽو، ديگڙي ۽ گلاس سميت واپس اچي اسپتال پھتي. سرخرو ٿيڻ لاءِ ھڪ دفعو وري پنھنجي قسمت کي آزمائڻ جي خيال کان چئن سيرن ڇٽن مُستيءَ مان اڌ جو داءُ ھيائين، پر ھت بہ قسمت متانئس ڪلي رھي ھئي. ٻئي ڏينھن خانم جان جو ست ڦٽو ياءُ جو ”ڦيٽي“ جي نالي سان مشھور آھي ۽ بلڪل سڏي ڪاٺيءَ وانگر سمھندو ڳالھائيندو، اٿندو ويھندو آھي سو اچي وارد ٿيو ۽ ھڪ ڏينھن جي قيام بعد نتو ماءُ جا ڇٽا، مستي ۽ پيڻ (خانم جان) جي ڪمائيءَ جا پئسا ۽ ڪڪڙيون ڪٺي روانو ٿيو. نتو ماءُ اھو سڄو ڏينھن پڳل گوشت جون واسون لڏيون ليڪن ڪيس رَس ۽ پٽاٽو بہ نصيب نہ ٿيو البت صبح جو وڃڻ مھل ڦيٽي، ھڪ گرانھن سين جو اک ڏنياڻي ڪيس ڏنو ۽ باوجود انڪار جي ڪيس قبول ڪرڻو پيو.

نتوءَ ماءُ هڪ گرانهہ جي همدرديءَ مان فائدو وٺندي ڊيل لفظن ۾ ڦيٽي سان سندس پيٽ جي زيادتين جو ذڪر ڪيو ڦيٽو جو ان مهل سيون ڪائي چڪو هو ۽ ڏندن تي زور سان آڱر مهٽي رهيو هو. تنهن گرڙي ڪندي پنهنجي گول اکين جي ڇنڀ سان تعاون جو يقين ڏياريو ۽ نتو ماءُ هڪ نئين اُميد جي ڪرڻ پنهنجي دل ۾ روشن ڪئي. ڏجها ڏسندي ۽ سور سهندي ڪيس پنڌرهن سورهن ڏينهن گذري ويا هئا اهو بہ وقت هو جڏهن پنهنجي گهر ۾ کٽ تي ويهي حڪومت هلائيندي هئي. زالن جو هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو علاج لاءِ هميشه گهر ۾ موجود رهندو هئو. سُڪيا ڏينهن وساري سندس چپ بي اختيار ڏڪڻ لڳا ۽ ڳلن تان ڳوڙهن جو بند ٽٽي پيس. جيئن ئي خانم جان بہ سير ڪڙهيل کير جا پي ڪري پنهنجي ڪوٺيءَ مان ٻاهر نڪتي تيئن نتو ماءُ تي نظر پيس، ڪيس روئندو ڏسي هڪدم سندس ناسون ڪاوڙ کان ڦنڊجي ويون "مڪار رانڊ! هاڻي تنهنجي مجال ايتري ٿي آهي جو منهنجي پاءُ کي چغليون هڻڻ کان بہ نہ ڊنئين!"

"نہ امان، مون تہ خير صلا جي ڳالهہ ڪئي هئي مانس." نتو ماءُ ڳوڙها اگهندي چيو.

نہ صرف ايترو پر هاڻ منهنجي غير موجودگيءَ ۾ زالن جو اعلاج بہ ٿي ڪرين!"

"امان پاڻهي اچي صلاح وٺنديون آهن، مون بہ بکئي پيٽ لاءِ ناڪار ڪونہ ڪئي."

"خاموش! مان وڌيڪ ڪجهہ نہ ٻڌنديس. توکي خبر آهي تہ آءٌ ڪير آهيان؟ 'ليڊي هيلٿ وزيٽر' آهيان، ڪا معمولي نرس دائي ناهيان جو تون اهڙي گستاخ ٿي پئي آهين، اڄ آءٌ توکي جيئرو ڪونہ ڇڏينديس."

ائين چئي خانم جان اُٻتيون اکيون ڪري پنهنجن اُپن گوڏن سوڌو نتو ماءُ ڏانهن وڌي نتو ماءُ وٺي هيان ڦاٽيون دانهون ڪيون.

"گهوڙا ڙي! خون! خون! مونکي ماري ٿي بچايو..."

"چپ ڪر تہ ساهہ نہ ڪڍئين."

دانهون ٻڌي چوڪيدار نندي پيٽ ٽپي اندر آيو. نتو ماءُ مددگارڪي ڏسندي ئي وٺي اوڇنگارن پٽيان اوڇنگارون ڏنيون. خانم جان کي تہ خواب ۽ خيال ۾ بہ نہ هو تہ ڪو حالتون اهڙي ڊرامائي شڪل اختيار ڪنديون. سا هڪدم وائڙي ٿي وئي.

چوڪيدار نتو ماءُ کي اسپتال جي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويو جنهن سڄو حال ٻڌي ڪيس دلجاءِ ڏني. نتو ماءُ، ڊاڪٽر کي پنهنجو همدرد ڄاڻي روئي روئي ٻڌايو تہ پرديس ۾ ساڻس ڪهڙو نہ ذلت وارو سلوڪ ٿيو آهي.

ڊاڪٽر، خانم جان کي گهرائي خوب دڙڪا ڏيئي شرمندو ڪيو. پاڻ طبعاً شريف انسان هو، تنهن زال سميت نتو ماءُ جي ڏاڍي خاطر تواضہ ڪئي ۽ اهو سڄو ڏينهن پاڻ وٽ رهايو ۽ ٻئي ڏينهن نتو ماءُ کي چوڪيدار سان گڏ ٽانگي تي چاڙهي حيدرآباد وڃڻ لاءِ اسٽيشن اماڻيائون.

نتوءَ ماءُ جو ٽانگو جڏهن خانم جان جي ڪواٽر اڳيان لنگهيو، تڏهن ويهن ڏينهن جي باھہ، دانهن رستي هڪ جگر ٽوڙ گار جي ذريعي ڪڍيائين، ۽ خانم جان، جا ان مهل در تي پاڃيءَ واري ڪان پٽاٽا خريد ڪري رهي هئي سا اکيون ڇنيندي رهجي وئي

# نئين مارئي

”پني... اُو... اُوا“ شريفان جي پيار ڀري ڪوڪ، ڪوهستان جي دلبهار علائقي ۾ پڙاڏو بنجي پکڙجي وئي.
”اَو... اَوا“ ساڳيءَ طرح پَني پنهنجن پکن اندران وراڻيو.
”ائي سيگهہ ڪر.“ شريفان دڳ تي بيٺي بيٺي وڏي واڪ چيو. ”سيئي سرتيون وجي کوهہ تي پُڳيون، مُک اوير پئي ٿئي.“
”اِجهو، اِجهو، اچي ”پُڳس.“ پني چونئري ڪڇ ۾ ۽ دلو مٿي تي ڪري پنهنجي چنڊ جهڙي گول روشن چهري تي مسڪراهٽن جا موتي پکيڙيندي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي اچي شريفان ڀيڙي ٿي.
”ايڏي اُويرا“
”هائو.“
”اڄ مڙيوئي ڪجهہ اُوير اُٿي هئس.“
”ڪٿي اکيون تہ نہ اَڙيون اٿئي؟“
”چري، اکين جي اڙجڻ جو ڀلا اُوير اُٿڻ سان ڪهڙو واسطو.“ پَنيءَ اڳيان ڀيل پٽر کي ٺڏيندي چيو.
”بلي بلي! ڪهڙو واسطو! اکيون اڙيون تہ دل وئي. دل وئي تہ ننڊ ۽ آرام بہ ويا!“
”تون پانجو حال تہ نہ پئي اورين.“ پَنيءَ کيس چيڙايو.
”ائي اَلا مري ويس!“ شريفان پنيءَ جي ڪلهي جو سهارو وٺي، پير مٿي ڪندي رڙ ڪئي.
”ڇا ٿيئي!؟“ پنيءَ جي منهن جو پنو لهي ويو.
”پانيان تي تہ ڪنڊو لڳو.“
”توبهہ! ساهہ ئي ڪڍي ڇڏيئي، ڀلا ويهہ تہ ڏسان.“
ٻنهي دلا ۽ چنئوريون پٽ تي رکي ڇڏيا. پَني، ڪُڙيءَ تان مِٽي هٽائيندي آڱر سان پڪ لاتي ۽ پنهنجي گهَگي ۾ لڳل ٽاچڻي ڪڍي ڪنڊو ڪوڻ لڳي.
”الا! مارينم تہ نہ.“ شريفان ٽاچڻيءَ جو سور پيئندي چيو.
”هڪ تہ چڱائي ڪري ڪنڊو ٿي ڪڍانءِ مٿان وري تارا ٿي ڦوٽارين.“
”چڱو چڱو، ڪڍي ڇڏ. ڪنڊي جي ٻهاني سان سڀ ٻاهيون.“
”مان وري ڪٿي ٿي ٻاهيون ڪڍانءِ، پاڻهي تہ بدلو مليئي، اجان هٽيم تهمتون.“ پنيءَ ڪنڊو ڪڍي سندس ترِيءَ تي رکندي چيو.
”چڱو مائي، معافي ڏي، ڪٽي بخش ڪر سڀ خطائون.“ شريفان اکين ۾ شرارت ڀريندي، هٿ جوڙي چيو. ۽ پوءِ ٻئي ڄڻيون ڪل ڀوڳ ڪنديون آهستي آهستي وکون کڻي کوهہ ڏانهن وڃڻ لڳيون.

کهڙي نہ رونق هوندي آهي ڪوهہ تي، خاص ڪري ساوڻ جي مند ۾ جڏهن پلر جي پالوٽ ٿيندي آهي ۽ پٽن ڪي ربج ايندو آهي تہ هرڪو گسِ. گاهہ سان گلزار ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن ڪارا ڪڪر وسندا آهن تڏهن ائين لڳندو آهي جڻ جلبن ڪي سائي پوشاڪ پهريل هجي، هر طرف قدرت جو نور ئي نور پکڙيل هوندو آهي. جيڏين سرتين جو ڇهڇٽو تہ اصل زورن تي هوندو آهي، جڻ سندن نِنڍپڻ موٽي آيو هجي. ڪوهہ تان پاڻي پرينديءَ خوشيءَ جا گيت سندن اندر مان ڪنهن آبشار وانگر پيا ڇُلڪندا آهن. هر چهرو خوشيءَ ۾ پيو ٻهڪندو آهي، منجهن اڳ جيان هڪجهڙائي نہ هوندي آهي. ٻيو تہ ٺيهو پر پڪا پوڙها، هلڻ کان هلاڪ، بہ انهيءَ موسم ۾ چنگڙ، ڪنجهڻ ۽ ڪُرڪڻ ڇڏي ڪٽ تي ويهي پاڻ جيڏن سان جوانيءَ جا قصا، چشڪا وٺي وٺي بيان ڪندا آهن. سنڌ جي مختلف شهرن جا سکيا ستابا ماڻهو انهيءَ مند ۾ سير ۽ تفريح ڪرڻ لاءِ اچي پهچندا آهن. ڊاڪ بنگلو جنهن تي سدائين ڪاريءَ وارا ڪڪ پيا وسندا آهن، اُهو سيني خوشين ۽ راحتن جو مرڪز بڻجي ويندو آهي. پر اهو سڀ ڪجهہ ساوڻ تائين. انهن جي وڃڻ کان پوءِ ٻڍڙو ربُو، جيڪو هتي سالن کان چوڪيدار آهي، اڪيلائيءَ ۾ چنڊ تارن سان ڳالهيون ڪندو رهندو آهي يا پوءِ اُنهن شهرين بابت سوچيندو آهي، جيڪي وڃڻ مهل پنهنجي نشاني سگريٽن جا ٽوٽا، وسڪي ۽ شئمپين جون خالي بوتلون ڇڏي ويندا آهن. جن جا اجايا ۽ خالي ٺهڪ ننڊ ۾ بہ انهيءَ وقت تائين ڪيس ٻڌڻ ۾ پيا ايندا آهن، جيستائين صبح ساجهر پني ڪير ڪٽي اچي ڪيس اُٿاريندي هئي. جڏهن ربو شهر جي جيم خاني ۾ چوڪيدار هو تڏهن ڪيترو نہ خوش گهاريندو هو، سندس سموري ڪائنات هڪ زال ۽ ڌيءَ هئي، جن ڪي ڏسيو پيو جيئندو هو. پڳهار ڪانسواءِ سني ٽِپ بہ ملندي هئس. مهيني ماسي لاري ۾ چڙهي جڏهن جبل طرف ويندو هو تہ ڌيءَ سونيءَ ڪانسواءِ پنيءَ لاءِ بہ شيون شڪليون ۽ رانديڪا وٺي ويندو هو. پر هڪ سج بہ پاڇا- سندس خوشين ڪي ڪنهن جي نظر لڳي وئي. سوني، ماتا نڪرڻ ڪري مري وئي- ربو مري تہ نہ سگهيو، پر سندس جوانيءَ ڪي ڏکن ۽ ڏولاڻن جي راڪاس ڳهي ڇڏيو- ۽ جڏهن ڪان هن شهر ڇڏي اچي ڊاڪ بنگلو وسايو. پني، جيڪا سونيءَ جي سرتي هئي اها سندس آخري آس ۽ خوشين جو آخري ڪرڻو هئي، جنهن جي موجودگي ۽ قرب ڪانئس پنهنجي پيارن جي ياد ڪنهن حد تائين گهٽائي ڇڏي هئي.

اڄ ڪا مهل ٿي هئي سج ڪي اُڀري پني اڃان وٽس ڪير ڪٽي نہ پهتي هئي، ڪيس ڪجهہ اُٿڻ ٿي، هو، اُٿيو- بنگلي جي پٿريلي ڏاڪڻ تان پاڻ بچائيندي هيٺ لٿو، پريان ڪوهہ تان پنيءَ ڪي سرتين سميت ايندو ڏسي ڪيس جڻ ساهہ پئجي ويو.

”چو امان پنل، خير تہ هو- اڄ پنهنجي بابا ڪي ڪير چو نہ ڏيڻ آئين؟“ پنيءَ ڪي ويجهو ڏسي ربوءَ چيو

”بابا، اڄ مينهن ڪجهہ اوير سان مِڙي، سرتين بہ ڪوهہ تان پاڻي پرڻ لاءِ اچي سڏ ڪيا، چيم تہ اڳو پوءِ پاڻي پري اچي ٿي ڪير ڏيان.“

”مُک تنهنجي اون هئي ڌيءَ... چيم تہ الائي ڇا ٿيو... رب رحم ڪري.“

”بابا توکي تہ اجايا وهم ٿيون پون. تون هل تہ آءُ کير کنيو بس اِجهو ٿي اچان.“ پنيءَ سرتين کي اڳتي وڌندو ڏسي چيو.

”پلي امان پلي؟....“ ربو واپس بنگلي طرف ويندي چيو.

سرءُ جي ساڙيندڙ مند پوين پساهن ۾ هئي. ڪارا ڪڪر اگهم ۾ اُڀري رهيا هئا. اونداهين راتين ۾ ڪٽيتي ڪنوٽيون. سڄي ڪوهستان کي جرڪائي رهيو هيون. ساوڻ جي سياڳي مند ۾ ٿوري ڪا دير هئي. جابلو ماڻهو. جيڪي مينهن نہ پوڻ ڪري پنهنجا ڍور ڍڳا ڪاهي سنڌ طرف هليا ويا هئا. سي موٽي رهيا هئا.

پني پنهنجي دل ۾ غيرارادي طرح سان خوشيون محسوس ڪري رهي هئي. هن سيگهہ ۾ گهڙاونجيءَ تي دلا رکي چڪي مان چونري هيٺ لاٿي ۽ ان مان ڪجهہ کير لوٽي ۾ اوتي. بنگلي طرف وڌڻ لڳي. هوءَ پٿرن تان پاڻ سنڀالي هلي رهي هئي. هن جڏهن اکيون مٿي ڪيون تہ ڪيس بنگلي جي چمنيءَ مان هلڪو دونهون نڪرندو نظر آيو. ڏاڪا اُڪري هن بنگلي جي ڪمپائونڊ وال ۾ پير پاتو تہ ڪائنس چرڪ نڪري ويو. قدم اتي ئي رڪجي ويس.

”ايڏو جلدي وري ڪير آيو!“ هن سامهون بيٺل جيپ کي ڏسي سوچيو.

”بابا! او بابا!“ پنيءَ زورائتو سڏ ڪيو.

”آءُ پَنل! آءُ هت رڌڻي ۾ آهيان.“ ربوءَ دونهين کان ڪنگهندي وراڻيو. ”بابا ڪير آيو آهي؟ تو تہ سوير ڪين ٻڌايو.“

”ها ڌيءَ! ٿوري ڪا دير ٿي آهي جو هڪ مسافر آيو آهي. چوي ٿو تہ پهاڙن ۽ ان جي نظارن جون تصويرون ڪاهيندس. مون اُن لاءِ پاڻي پئي گرم ڪيو. ڪائيون اصل کي آليون آهن. ٻريون ئي نٿي، تون هي لوٽو مُک ڏي. وڃي ڪانئس ڪافيءَ جو دٻو وٺي اچ!“ ربو اکين کي ٻوجهڻ سان اُگهندي چيو.

”بابا! بيت ۽ ڪافيون بہ اچ ڪلهہ دٻن ۾ بند ٿين ٿا؟“ پنيءَ معصوماڻيءَ مان پڇيو.

”نہ ڌيءَ! شهري ڪوڙي چانهہ کي ڪافي سڏيندا آهن... پر تون هاڻي سوالن کي ڇڏ. جلدي ڪر.“ ربو ڪيس پيار مان تڙي ڏني ۽ هوءَ اُٻيلائيءَ مان جهومندي مسافر جي ڪمري ڏانهن وئي.

ڪمري ۾ گهڙڻ کان اڳ سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. شهرين بابت ٻڌل ڪيئي ڳالهيون هڪ ئي وقت ياد اچي ويس تہ ڪهڙا ڏنگا ٿيندا آهن- سندن اکين ۾ نيڪي گهٽ شيطاني وڌيڪ هوندي آهي- گهور ڪري ڏسندا آهن-

پر جڏهن هوءَ ڪمري ۾ وئي تہ اُتي ڪير بہ گهورڻ وارو نہ هو. رڳو سامهون پلنگ تي ڪجهہ ٿلها ۽ ڊگها ڪاغذ پکڙيل هئا. جن تي ڪيئي رنگ هاريل هئا. جڻ ڪنهن جاڙي واڙي رنگن جون بوتلون. ڪاغذن تي اوتي ڇڏيون هجن. پاسي ۾ پيل ٽپائيءَ تي ڪتاب. برش. پينسلون ۽ ننڍيون ننڍيون مس جي ڪپڙين جيترين ڪيئي دٻليون پکڙيون پيون هيون. انهن سيني شين کان تعداد ۾ جيڪا شي گهڻي هئي اهي سگريٽن جا پاڪيٽ هئا- هن آتت جو ڊگهو ساهہ کنيو ۽ جيئن ئي پوئين

پير موٽڻ لڳي ته در جي ڪنڊ وٽ ڪڙڪ محسوس ٿي، هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته شلوار ۾ پهراڻ ۾ هڪ قدآور نوجوان بيٺل نظر آيس. جنهن جون وڄايل وڄايل ۾ وساٽيل اکيون خبر ناهي زمين تي ڇا ڳولي رهيو هيون. پرنڊڙ سگريٽ سندن ڏڳهين ۾ سنهين آڱرين ۾ دُکي دُکي دم ٽوڙي رهيو هو.

”هي وري ڪهڙو شهري آهي جيڪو اک ڪٽي به نٿو ڏسي!“ هنجي سوچ ۾ هڪ اهڙي خواهش هئي، جنهن اڄ تائين سندس دل ۾ جنم نه ورتو هو. هن سگريٽ تان نظرون هٽائي، هيٺ پنهنجي پير جي آڱوٺي کي ڏٺو، جنهن سان هوءَ بيخوديءَ ۾ ڪمري جي پڪي فرش کي اُکيڙي رهي هئي.

”بابا ڪافي گهري ٿو-“ هن وڏي مشڪل سان پاڻ سنڀالي چيو.

”هان!... ڇا؟... ڪافي!... او هو سامهون ناسي دٻو ميز تي رکيو آهي ڪٽي وڃ“ مسافر ائين ڇرڪي جهڪيل نظرن سان جواب ڏنو، ڄڻ صدين کان ننڊ ۾ الوٽ هو.

”پنج ئي آڱريون سچ پچ ته برابر نه ٿينديون آهن.“ هنجي دل ڏڙڪڻ لڳي... هن کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ سڄو ڪمرو رنگ، پيار ۾ موسيقي جي سمنڊ ۾ لڙهي رهيو هو. هن جي اکين ۾ اندلٺ جا رنگ تري رهيا هئا.

”تون هتي ڦوٽو ناهڻ آيو آهين؟“ پنيءَ البيلائيءَ سان پُڇيس.

”ها...“ هن ڪنڌ مٿي ڪندي جواب ڏنو.

”مونجو ڦوٽو به ناهيندين؟“

”ها.“ هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

”مونجون سرتيون چون ٿيون ته تُوجو ڦوٽو ڏاڍو سٺو نڪرندو!“

”هون-“

”يلا پوءِ مونجو ڦوٽو ڪڍندين نه؟“ پني ڄڻ پڪ تي ڪئي.

”ها، پر پهرين ڪافي ته ٺهرائي اچ.“ ۽ هوءَ ڪافي جو دٻو کٽي رڌڻي ڏانهن وئي.

”بابا توجو هيءُ مسافر ته ڪو ڏاڍو چڱو ماڻهو ٿو پائنجي.“ پَنيءَ ٻارن جهڙي معصوميت سان پنهنجو خيال ظاهر ڪيو.

”سيئي شهري ٻاهران اهڙا ٿيندا آهن پر اندران-“

”نه بابا! هي ته اندر جو به اُجرو ٿو پائنجي.“

”هوندو-“ ربوءَ جواب ڏيندي ڪيس ياد ڏياريو، ”چڱو ڏيءَ تون هاڻي وڃ سرتيون تنهنجي راهہ پيون نهارينديون هونديون.“

”بابا، تون ٿڪل ٿو لڳين، مُک ڌي ته آءُ ٿي مسافر کي ڪافي ڏيئي اچان.“ هن ربوءَ جي ڳالهہ اڻ ٻڌي ڪندي سندس هٿن مان ڪافيءَ جو ڪوپ وٺي ڪمري ڏانهن رخ رکيو.

”اچي.“

”ڪافي تيار ٿي وئي!“ نوجوان مسافر سگريٽ پٽ تي اُڇلي، پنيءَ ڏانهن هٿ وڌايو پر سندس آڱريون ڪوپ جي بجاءِ پنيءَ جي پوري، نرم ۽ نازڪ هٿ ڏانهن وڌڻ لڳيو. پنيءَ کي ائين لڳو ڄڻ ٻرندڙ سگريٽ سندس هٿ تي اڇي پيو هجي.

زور سان ڪوپ ڪرڻ جو آواز ٿيو. ڪافي زمين تي ڪري ٻرندڙ سگريٽ وسائي ڇڏيو. آواز ٻڌي ربو رڌڻي مان ٻاهر نڪري آيو. ڏٺائين ته پني ڏاڍي تيزيءَ سان ڪمري کان ٻاهر نڪري رهي هئي.

”ڇا ٿيو ڏي؟“ ربوءَ گهٻرائيندي پُڇيو.

”ڪجهه نه بابا! پني ورانڊي ۾ پيل ڪير جو خالي لوٽو کڻندي چيو. ”مان وڃان پئي، سرتيون سڏين پيون.“ ۽ هوءَ تيز وکون کڻندي هلي وئي!!

# پرهہ کان پهرين

”انجم، جيڪر تو مونکي غلط سمجهيو، تہ اهو منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هوندو.“
خدا نہ ڪري.“ مون بي اختيار ارشد جي وات تي هٿ رکندي چيو. ”اهڙيون وايون نہ ڪيندو وڃ.“
”تون هميشه اهڙي رهندينءَ نہ؟“ هن منهنجي هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جهليندي چيو.
”ها... ۽ تون...؟ مون سندس سمنڊ جهڙين گهرين نيرين اکين ۾ ڪي پَل خاموشيءَ سان نهاريندي چيو.
”جيئن تون ڏسڻ چاهيندينءَ..“
ڇت جو پکو تيز هلي رهيو آهي- مان پلنگ تي ليٽي ڪيتريءَ دير کان انهيءَ کي پئي ڏسان ۽ گذريل هر ڳالهہ بہ ساڳيءَ تيزيءَ سان ذهن ۾ ڦرندي پئي محسوس ڪريان. اسان جا ارشد جي گهراڻي سان ڏاڏا سنا ۽ پراڻا تعلقات هئا، تنهن ڪري هو بہ امان وٽ اڪثر ايندو رهندو هو. اسين ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئاسين. ادب تي، آرٽ تي، سياست تي ۽ موقعو ملڻ تي پنهنجي باري ۾ بہ....
امان ارشد کي سندس سباجهي ۽ نوڙت ڀريل طبيعت جي ڪري گهڻو پائيندي هئي؛ پر بابا کي هميشه اعتراض رهيو. ڇو تہ ارشد وچولي طبقي جي مائٽن جو پٽ هو. وٽس بابا وانگر ٻنيون ٻارا ۽ زمينون نہ ٿهيو پر ڪا ڊگري بہ نہ هئي ۽ اجا تہ مس انٽر سائنس پڙهندو هو.
جنهن ڏينهن اسان وٽ ايندو هو، تنهن ڏينهن بابا جو موڊ سخت خراب رهندو هو ۽ انهيءَ ڏينهن بابا ڪتمنا چوسڻ جي بجاءِ ڏائن سان پيچڻ جي ڪوشش ڪندو هو. امان جي ناراض ٿي وڃڻ جي ڊپ کان ڪجھ چئي نہ سگهندو هو. پرِ ڌڪار ڀريل نظرن کي ڪير تي لڪائي سگهيو، ارشد انهن کي محسوس ڪندي اچڻ ڇڏي ڏنو.
ڪڏهن پَٽ ڇَتن تي، ڪڏهن ڇَٽ پَٽن تي! ڪنهن جي نصيب جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ ڇا مان ڇا ٿيو وڃي. ارشد جو بہ نصيب موچارو ۽ بخت ڀلارو هو. جڏهن هو ٻاهران ڊگريون وٺي آيو تڏهن سندس شمار علائقي جي سٺن انجنيئرن ۾ ٿيڻ لڳو. هاڻي تہ بابا بہ ڪيس پسند ڪرڻ لڳو هو. هڪ ڏينهن امان سان اهڙو اظهار بہ ڪيائين:
”مان ڇوڪرو پسند ڪري چڪو آهيان.“
ڇوڪرو! ڇو اڇي پيريءَ ۾ خوار ٿيا آهيو.“
”انهيءَ ۾ خواري جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، ۽ آءٌ ڪيس انجم لاءِ پسند ڪري چڪو آهيان!“
”تہ ائين ڪٿي چئو نہ...“
بابا مشڪندي منهنجي حسين مستقبل ۾ گم ٿي ويو ۽ منهنجي دل ۾ اميدن جون وساٽيل شمعون ڇڻ هڪ ئي وقت ۾ روشن ٿي ويون. ۽ پوءِ اهو ڏينهن بہ اچي ويو جڏهن شهناين جي گونج ۾ ارشد هميشه لاءِ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو.

ارشد منهنجو تمام گهڻو خيال رکندو هو. مونکي بيحد گهڻو پيائيندو هو. دنيا مون تي رشڪ ڪرڻ لڳي. گهڙيءَ گهڙيءَ رسڻ جي عادت ڪانئس جڻ بلڪل وسري وئي هئي. نه ته پهريائين ته معمولي ڳالهه تي به رسي پوندو هو.

”ڇا ڪري رهي هئين؟“

”ناول پڙهي رهي هئس.“

”ٺيڪ آهي وجي پڙهه، اجايو توکي ڊسٽرب ڪيم. مان وڃان ٿو...“

”مان ته ائين ئي پڙهي رهي هئس. تنهنجي انتظار ۾ وقت گذارڻ لاءِ.“

”جي ها، مونکي خبر آهي، ناولن پڙهڻ مان اوهانکي فرصت ئي ڪٿي آهي جو ياد ڪريو.“ اهڙن موقعن تي هو ’اوهان‘ چئي مخاطب ڪندو هو.

”اهڙو شڪ ڪرڻ به ٺيڪ ناهي.“

”مان ته شڪي آهيان، خراب آهيان، بس اجهو اهڙوئي آهيان!“ هڪدم سنجيده ٿي ويندو هليو هو. جڻ وري ڪڏهن نه ايندو.

هڪ دفعو آءُ گهر ۾ اڪيلي هئس، ارشد جو فون آيو. ڏاڍو موڊ سٺو هئس ايتري ۾ ڏٺم ته امان جي هڪ پراڻي سهيلي پي آئي. ظاهري آهي ته گهر ۾ ٻيو ڪير نه هو ان لاءِ ڏهه ڪم ڇڏي به منهنجو ملڻ ساڻس لازمي هو. مون ارشد کي ڪجهه دير بعد فون ڪرڻ لاءِ چيو.

”نه انجم- اجان نه وڃ.“

”ڏس نه-“

”ها ڏسي رهيو آهيان!“ هن منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽيندي طنز ڪئي — مان ڦڪي ٿي ويس.

”ٻڌ نه....“

”ها، ها ٻڌاءِ“

”هوءَ سامهون اچي وئي آهي، ڪهڙي نه بداخلاقي ٿيندي، جو مان هن کي ائين نظرانداز ڪندس.“

”پلي....“ هن ٻارن وانگر ضد ڪيو.

هوءَ بلڪل ويجهو اچي وئي ۽ مان ايتري ته مجبور هئس جو هڪ لفظ به ڳالهائي نٿي سگهيس. ماٺ ڪري رسيور رکي ڇڏيم.

ڪلاڪ کن بعد جڏهن هوءَ وئي ته مون ارشد کي فون ڪيو. هن رسيوَ ته ڪيو، پر منهنجو آواز ٻڌنديئي رسيور کي زور سان ڪريڊل تي ڦٽو ڪيو. ٻه چار دفعا مون ڪوشش ڪئي، آخر هن رسيور ئي لاهي رکي ڇڏيو!

سندس اها عادت مون کي زهرلڳندي هئي، مان سوچيندي هئس ته اسان جي آئينده زندگيءَ تي انهيءَ جو اثر ضرور پوندو- مان انهيءَ ڪري ساڻس نفرت به نٿي ڪري سگهيس. محبت جيڪڏهن چڱايون ۽ برايون پرکي ڪجي ته پوءِ اها محبت ته نه ٿي. مان ڪيس منٿون ڪندي هيس، پرچائيندي هيس؛ پر

هو نہ مجندو هو ۽ پوءِ ڪيترا ڪيترا ڏينهن اسان وٽ نہ ايندو هو. منهنجي حالت اهڙي هوندي هئي، جهڙي روح کان سواءِ جسم جي. روئيندي روئيندي اکيون سُڄي پونديون هيون. گهر وارن جي نظرن کان پاڻ بچائڻ لاءِ سارو ڏينهن ويهي سوئيٽر ٺاهيندي هيس يا مٿي جي سور جو بهانو ڪري بيمار پئجي رهندي هيس. ڪيترن ڏينهن بعد وچي هن جي صورت نظر ايندي هئي.

معصوم شڪل ٺاهي اچي امان وٽ ويهي رهندو هو. جيئن ئي امان ڪنهن ڪم سان اٿندي هئي؛ هو فوراً مون وٽ اچي پهچندو هو:

”انجم!“ پيار ۾ ٻڏل آواز.

”......“ آءٌ چپ.

”ناراض آهين؟“

”مون کي ڪهڙو حق آهي، ناراضگيءَ جو....“

”ڀيو ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو ڀلا؟“

”.....“ آءٌ ماٺ.

”انجم... مون کي معاف ڪر... الائجي مونکي ڇا ٿي ويندو آهي؟ توکي ستائڻ ۾ مزو ايندو آهي.“

”۽ آءٌ مري وڃان تہ....؟“

”ڪهاڻي اڌوري نہ رهندي...“

”.......“ مون وٽ ڪوبہ جواب نہ هو.

”تون مون کي تمام گهڻو وڻندي آهين.... ٻڌاءِ ڇو؟“

”آءٌ انجي قابل تہ ناهيان.“

”ائين ڇو چيئي....انجم.... ٻڌاءِ ڇو؟“

”اها حقيقت آهي نہ....“

”انجم ائين ڇو چيئي... چئو تہ آءٌ قابل آهيان....“

”...........“

”چئم آنجم.....“

”ڪيترو نہ ضدي آهين توبهن!“

”چئو نہ انجم....“

”ها...“

”ائين نہ...، چئو تہ آهيان....!“

”ها بابا آهيان ستائين ڇو ٿو؟“

”بابا....؟!“

”شرير...“

گذريل ڪيترن ڏينهن کان آءٌ محسوس پئي ڪريان تہ ارشد ضرورت کان ڪجھہ گھڻو مصروف رهڻ لڳو آهي. آفيس جي ڪم مان واندو ٿي، جڏهن ٿڪجي گهر اچي تہ هڪ سلسلو ماڻهن جو شروع ٿيو وڃي. هر پنجن منٽن بعد ڪال بيل وڄي، ڪو دوست ملڻ آيو، ڪو دوست ساڻ هلڻ تي اسرار ڪرڻ لڳو، ڪو ماڻهو ڪم سانگي اچي ويو. ڪيترا پيرا اسان جي انهيءَ ڳالهہ تان چخ چخ بہ ٿي آهي. ڪم جي گهڻائي ڪري هو هر وقت ٿڪل ٿڪل رهڻ لڳو هو. صبح جو ناشتي ڪرڻ ڪانسواءِ ويندو هو ۽ رات جو ٿڪو ماندو دير سان موٽندو هو. ۽ هت آءٌ گهر ۾ بلڪل اڪيلي يا پوءِ هي بي سمجھہ معصوم عاصم. مون بہ خار ۾ اچي منجهند جو ماني کائڻ ئي ڇڏي ڏني. ڀلا اها بہ ڪا زندگي، صبح کان رات تائين انتظار. خاموشي من ماندو ڪري ڇڏيو هو. ڪاش! ديوارون، پلنگ، ڪٽون، ميزون، ڪرسيون، چمچا ۽ پليٽون بہ ڳالهائي سگهندا هجن!! اڪيلائيءَ ۾ منهنجي اڪثر اها خواهش هوندي هئي.

سوچي سوچي منهنجو ذهن ٿڪجي پيو. اجا ننڊ پئي آيم تہ ارشد جي آواز تي جاڳي پيس. هو نوڪر سان ڳالهائي رهيو هو.

”شڪر آهي، اج سوير آيا آهيو.“ مون طنز مان چيو.

”نوڪري بہ تہ ڪرڻي آهي، پيٽ بہ تہ پالڻو آهي.“

”جهنم ۾ وڃي پوي اهڙي نوڪري، جنهن ۾ ننڊ آرام ۽ صحت وڃائجي.“

”تصوراتي دنيا جون ڳالهيون نہ ڪندي ڪر.“

”مان غلط تہ نہ ٿي چوان، منهنجو نہ، تہ پنهنجي صحت جوئي ڪجھہ خيال ڪريو.“

”ڇا ٿيو آهي مون کي؟ توکان تہ ڏٽو مٽو آهيان.“

”خدا ڪري تہ سدائين هجو، پر ڪم جي زيادتي آخر بہ تہ صحت کي متاثر ڪندي.“

”بس ٿورن ڏينهن جي ڳالهہ آهي باقي....“

”اهو گذريل ڪيترن ڏينهن کان ٻڌان پئي.“

”پوءِ، آءٌ ڀلا ڇا ڪيان انجم، آخر ڪم بہ تہ ڪرڻو آهي.“ هن رڪائيءَ سان چيو.

”مون کي ڏک ٿيو، آءٌ ماٺ ٿي ويس. هو شايد ناراض ٿي هليو ويو! مس مس جلدي گهر آيو سو بہ مون ڪاوڙائي ڇڏيومانس. ’خير منهنجو انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهہ؟‘ مون پاڻ کي دلاسو ڏنو.

شام ٿي تہ مان لان تي اچي ويٺس- عاصم پنهنجي پنڌ سکڻ واري نئين گاڏيءَ ۾ پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو.

”بيگم صاحب چانهہ!“ نوڪر چانهہ کڻي آيو.

”ڪيترا ڀيرا توکي چيو اٿم، بيگم صاحب نہ سڏيندو ڪر! جيجي يا ادي ڪري چوندو وڃ، سمجهيئي.“

”چڱو بيگم صاحب.“

”بدبخت.“ مون پٽڪيو.

”الائي ڇو مون کي لفظ ’بيگم صاحب‘ کان سخت چڙ آهي بلڪ نفرت آهي. منهنجي تصور ۾ هڪ خوفناڪ ۽ چربيءَ جي تهن سان ستيل غرارو يا ساڙهي پهريل ٿلهي ۽ بندري عورت اچي ويندي آهي؛ جنهن کي هڪ ئي وقت ۾ گئس، بلڊ پريشر، ڦيري دل جي دوري جون بيماريون هجن.
چانهه ختم ڪري مان بظاهر مطالعي ۾ گم ٿي ويس؛ پر ڌيان سڄو ارشد ڏانهن هئم.
شام موڪلائي رهي هئي. ايتري ۾ مون ڏٺو ارشد ۽ سندس بي تڪلف دوست طارق مسڪرائيندا اچي رهيا هئا. مون دل ئي دل ۾ سک جو ساهه کنيو. ”سلام!“ ارشد صلح پسنداڻي نموني سان مُرڪندي چيو. ”سلام“ مون سنجيدگيءَ سان وراڻيو.
طارق به سلام ڪيو ۽ ڪرسيون ريڙهي هو اتي ئي ويهي رهيا. هو منتظر هئا ته شايد آءٌ ڳالهائينديس؛ پر آءٌ بلڪل بي تعلق بڻجي ويٺي رهيس.
”ادي ڇا حال آهي..... ٺيڪ آهيو؛ مطالعو ٿي رهيو آهي؟“ آخر طارق کان نه رهيو ٿيو.
”جي بس ائين ئي.“ مون ڦِڪي مُرڪ سان وراڻيو.
”هيڏانهن ته اچ عاصم! هڪ پيپي ڏي انڪل کي.“ هو عاصم سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. پر هن جو ڌيان اسان ڏانهن ئي هو. غالباً ارشد ڪيس ٻڌايو هوندو ته اسان ۾ چخ چخ ٿي آهي. تڏهن ته هو ڄاڻي اسان کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏئي رهيو هو. ارشد مون کي ڏسي مشڪيو ۽ چيائين:
”هل، ته پڪچر ڏسي اچون.“
مان خاموش رهيس، مطالعو جاري رهيو.
ارشد ۽ طارق پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا.
مون محسوس ڪيو ته ارشد وساڻل لڳي رهيو هو. ڪجهه دير پهرين واري مرڪ ۽ شوخي سندس چهري تي پنهنجو هلڪو نشان به نه ڇڏيو هو. مون غيرارادي طرح چاهيو پي ته ارشد اجا به منهنجي خوشامد ڪري پر ڏٺم ته هو خلاف توقع جلد اٿي کڙو ٿيو ۽ چيائين:
”اوهان اجا مصروف آهيو؟“ سندس لهجو خشڪ هو. آءٌ ماٺ رهيس.
”چڱو، اسين وڃون ٿا.“ هُن اُٿندي چيو.
منهنجي دل تي هڪ ئي وقت ڄڻ ڪيترائي پٿر وسڻ لڳا!
”ارشد ڇو هليو ويو..؟“ مون کي پنهنجي بي رخيءَ جو احساس ٿيو، مان ڪيتري نه بداخلاق آهيان؛ گهٽ ۾ گهٽ سندس دوست جي اڳيان ته اهڙي روش نه اختيار ڪرڻ کپندي هئم. هو ڇا سوچيندو هوندو؟ ارشد کي ڪيترو نه رنج ٿيو هوندو. مان دل ئي دل ۾ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳس. اسان لاءِ ئي ته هو سيڪجهه ڪري ٿو، گهڻو وقت ڪمن ڪارين ۾ مصروف رهيو ته ڇا ٿيو- اهڙا اتفاق ٿيندا رهندا آهن- ڪڏهن ڪم وڌندو آهي، ڪڏهن گهٽ به ٿيندو آهي- مون کي سندس همت افزائي ڪرڻ کپندي هئي- مان پاڻ کي سمجهائڻ لڳس. زندگيءَ جي سنڀي ساٿي کي رنجائي مون چڱو نه ڪيو. مون کي

خبر بہ هئي تہ هو ڪيترو نہ حساس آهي- پوءِ مون هي ڇا ڪيو- مان پنهنجي ڪئي تي شرمسار هئس- پڇتائي رهي هئس ۽ ٿڪل ٿڪل قدمن سان لان تان اٿي اندر هلي آيس.
عاصم ڪي ڪير پياري سمهاري ڇڏيم گهر ۾ مون کان ۽ هن کان سواءِ ٻيو ڪير بہ نہ هو. نوڪر ڪم ختم ڪرڻ بعد هليو ويو هو.
پنهنجي بيڊ روم جو دروازو هميشه بند ڪري سمهندي آهيان. ارشد دير ڪئي. مون در بند ڪري ڇڏيو خيال ڪيم تہ جڏهن ايندو، تڏهن پاڻهي کڙڪائيندو. باقي ٻاهرين گيٽ جي چابي تہ هميشه پاڻ وٽ ئي هوندي آهيس.
ننڊ جا جهوٽا پي آيا ٿوري دير لاءِ پنڪي بہ اچي ويم. پر اکين ۾ انتظار، ننڊ ڪٽي تي ڪرڻ ڏني. اٿي ٽائيم پيس تي نظر وڌم... ٻارهن لڳي ويا هئا... هو اڃا نہ آيو هو. منهنجي ننڊ ڄڻ بلڪل اڏامي وئي... هن ڪڏهن بہ ايتري دير نہ لڳائي هئي، نہ تہ ٻارهن تہ ڪو خاص ٽائيم ڪونہ هو، پر هو ڪڏهن بہ رات جو اڪيلي گهر ۾ ائين نہ ڇڏيندو آهي. خبر اٿس تہ سندس دير سان اچڻ ڪري آءٌ ڪيترو نہ گهٻرائجي ويندو آهيان ۽ ڪهڙا نہ خراب خراب پوائتا خيال ايندا اٿم.

ممڪن آهي اڄ هو واقعي سنجيدگيءَ سان ناراض ٿيو هجي ۽ مون کي سزا ڏيڻ لاءِ شايد فلم جي آخري شو ۾ هليو ويو هجي. ٽيبل ليمپ روشن ڪري، هن جي ڪتابن مان هڪ ڪتاب کنيم. پريم اسٽوڪر جو ’ڊريڪولا‘ پڙهيل تہ اڳ ئي هئم پر وقت گذارڻ لاءِ ڪجهہ پنا پڙهي ڇڏڻ ۾ ڪهڙو هرج هو... هونئن بہ اهڙا ڪتاب رات جو اڪيلائي ۾ پڙهڻ سان وڌيڪ دلچسپ لڳندا آهن. پر اڄ هي ڪتاب پهرين کان وڌيڪ پوائتو لڳي رهيو هو... مون ڪتاب بند ڪري ڇڏيو.. اُف.... هي مڇر بہ ڪنهن ڊريڪولا کان گهٽ ڪونهن، سڄي رات رت چوسي سج اڀرڻ کان اڳ غائب ٿيو وڃن. مڇرن کي ڪن وٽ ڀون ڀون ڪندو ڏسي سوچيم.
ٻارهن لڳا...... بس جاڻ آيو... پر دير ٿيندي وئي، هو نہ آيو.. منهنجي بيچيني وڌندي وئي... مون ڄاريءَ ڏنل دريءَ مان رستي تي نهاريو.. پورو علائقو اونداهيءَ ۾ ٻڏل هو..... گهٽو پري ڪنهن ڪنهن گهر جي دريءَ مان هلڪي هلڪي روشني نظر اچي رهي هئي.... هوا معمول کان تيز هئي... زون...زون.... گهون... گهون...!
وڻ عجيب شڪليون ٺاهي دريءَ سان لڳل ڪمپائونڊ وال تي پاڇو وجهي رهيا هئا.
ياالله! خير ڪجان.... ائين تہ ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي. هڪ لڳي چڪو هو، پوليس واري سيٽي وڄائي. دل چاهيو تہ ڪيس سڏي چوان تہ ارشد کي تلاش ڪر... پر اها تہ بيوقوفي هئي. آخر مان ڇا ڪريان؟
ڪو حادثو تہ... نہ نہ!! ان کان وڌيڪ ڪجهہ سوچي نہ سگهيس... مون زور سان پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون....

ارشد جي خالي بستري تي نظر وڌم. منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا... مان برف جهڙي ٿڌي ٿي ويس ۽ ۽ لڳي ويا دل چيو ته خوب رڙيون ڪريان. جيئن سڀ پاڙي وارا مون وٽ هليا اچن. ارشد مون کان ڪٽي ڪيترو ئ ناراض هجي پر هو هر گز هر گز اهڙي سزا مونکي نٿو ڏئي سگهي. ضرور ڪا اهڙي ڳالھ ٿي آهي، جنهن سبب هو اڃا تائين گهر نه آيو آهي... آخر رات جو ننڊڙي ٻار کي ڇڏي آءُ اڪيلي ڪنهن وٽ وڃا... نئون گهر، نئون شهر، هتي آئي ڪي ٿورا ڏينهن ته ٿيا آهن. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ بدليون ته نوڪريءَ ۾ ٿينديون ئي رهن ٿيون.

اُف خدا! مون کي معاف ڪري ڇڏ آءُ ڪڏهن ب ڪيس ناراض نه ڪنديس... ڪڏهن ب ڪانئس ناراض نه ٿينديس! آئون نٿي ٻڌائي سگهان ته منهنجي حالت ڇا هئي.. ٿي ب لڳي ويا! هاڻي مون کان صبر نٿي ٿي سگهيو، مان روئيندي روئيندي بي هوشيءَ جهڙيءَ حالت ۾ اٿيس ۽ طارق کان مدد وٺڻ لاءِ سندس گهر وڃڻ جو خيال ڪيم... مون در کوليو.. ڪمري مان پير ٻاهر رکيم... خاموشي ۽ سناٽو ڄڻ منهنجو پيڇو ڪري رهيا هئا... ۽ واري ڪمري جو در کليل ڏٺم... پکي هلڻ جو آواز ب هوا ۽ قدم اڳتي وڌي ڏٺم ته هو بي خبر پلنگ تي ستل هو.

مون هڪ ڊگهو ساھ کنيو، حيرت ۾ اتي ئي بيهي رهيس ۽ پنهنجن سڏڪن تي قابو نه پائي سگهيس... آواز تي هن اکيون کوليون، پر پوري طرح سان سجاڳ نه هئڻ ڪري گهٻرائجي ويو ۽ هڪدم مون وٽ اچي مون کي جهنجوڙڻ لڳو:

”ڇو انجم...! انجم...؟ ڇا ٿيو!؟“

”ڪجھ نہ...“ آءُ توکي ڳولهڻ پي نڪتس... ايترو انتظار تو ڪڏهن ب نه ڪرايو هو..“

”پر آءُ ته ڏهين بجي ئي اچي ويو هئس. در کڙڪايم، ته تو ڪو جواب نه ڏنو، مون تنهنجي ننڊ خراب نٿي ڪرڻ چاهي ۽ اچي هتي سمهي رهيس.“

”الا...! ڇ... ڇ... شايد مون کي ان مهل ڪجھ پنڪي اچي وئي هئي... مون کي معاف ڪر ارشد... آءُ هاڻي ڪڏهن ب توکي نه رنجائينديس... ڪڏهن ب نه... مون کي گهڻي سزا ملي چڪي آهي.“ مون سڏڪا ڀريندي چيو.

”بس انجم... بس.“ هن پيار مان منهنجا ڳوڙها اگهندي منهنجو سر پنهنجي سيني تي رکي ڇڏيو.

# يون ڦِرندي

ڪريم بخش هوڻ ته ڪٽي کهڙو به هو، پر هٿ جوڙي سا ڏاڍي هوندي هئس. مڙس به پيرا هو. اصل ٻَنا لڳا پيا هئس نِوڙت جا. سيڪو چوندو هئس، ”واھ ادا ڪريم بخش واھ!“ ٻنيءَ ٽڪر هئس، پنهنجي مڃيءَ ماني وارو هو. عزت سان وقت پيو گذرندو هئس. ڪنهنجا ڏڳا ڍور ويندا هئا. دانهن هن وٽ ايندي هئي، ڪنهنجي ٻانهن پڄندي هئي ته به فيصلي ڪاڻ وٽس ئي پهچندا هئا. هو لٽ به ڏيڪاريندو هئڻ ۽ چٽ به. اهڙيءَ ريت سوَ رپيا پُنگ جا وٺي اڌ پئسا چورن کي ۽ باقي پئسا پاڻ ’هانا مانا‘ ڪري مال وٽرائي ڏيندو هو.

ٽانگي جي سواريءَ سان ته ڏاڍي دل هوندي هئس. موٽر ۾ ويٺل ڪا زناني سواري اڳيان لنگهي ويندي هئس ته ويچارو گهٽو ئي ٽانگي کي هڪلرائيندو هو پر پهچي نه سگهندو هو. سندس ناڪاميءَ تي موٽر مان وڏا ٽهڪ ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. جي خوشقسمتيءَ سان ڪنهن جي موٽر خراب ٿيندي هئي ته جڻ ’ٻليءَ جي ڀاڳئين ڇڪو ڪريو.‘ ٽانگو بيهاري اُمالڪ وڃي پنهنجو خدمتون پيش ڪندو هو. پر اڪيون زالن ۾ هونديون هئس. ڪارو چشمو لاهي صفا ڪرڻ جي بهاني نظرون به ملائي وٺندو هو. انهيءَ ڏينهن به ’ٺنڊي سڙڪ‘ تان چهل قدمي ۽ چهل چشمي ڪندي؛ اوچتو سندس نظر مائي رحيمان تي وڃي پئي.

مائي رحيمان کي افعالن جي خبر هئي تنهن تيئن تِکي وِک کنئين. ڪريم بخش به مُڇون مروٽي ڪنگهڪار ڪري ٻانهن کي لوڏو ڏيئي ڪڙين تي زور رکيو جيئن تي تِکي وک کيڻائين تيئن شلوار پيٽ تان ڊُرڪي ڍاڪ وٽ تي اٽڪيس، هڪڙو هٿ ور ۾ هجيس ۽ ٻئي سان پگهر اگهندو پي هليو. پنهنجي پر ۾ گهٽئي تکو هلڻ جي ڪوشش ڪيائين پر مڙس هجي هلڻ جو ڍرو. ڪَڪ تي پاڻمرادو پٽڪندي چيائين: ”هري هَري هلڻ جي عادت ئي ڪانه اٿن.“

مائي رحيمان کي ڏند هڪ به نه هجي، باقي سينگار جو هجيس ’لک لهي تي لوڏ‘ سوني سنئڪلي ڪِچيءَ ۾ ڏيڍ اک ۾ پَنگ وارو نشائي ڪجل. پيرن ۾ وڏن ٺونٺرن واري جتي، به پڙي اجرڪ مٿي تي، مٿان وري هلڻ اهڙو جو جڻ گهوڙو پيو پڄي. ڪريم بخش ويچاري گهٽي ڪوشش ڪئي ته پهچي وڃي منهن ڏسانس پر هوءَ ائين پي وئي جيئن واچوڙو. ڪريم بخش به پنيان لڳو آيس. جنهن بنگلي ۾ مائي رحيمان ٿانوَ ٻهاري ڪندي هئي سو به اچي ويجهو ٿيو. اتي ڏنائين ته هاڻي اچي ويجهو ٿي آهيان تڏهن منهن تان اجرڪ لاهي چيائينس، ”ابا ڇا آهي؟ ڪنهن تي پُليو آهين؟؟“ ڪريم بخش وراڻيو، ”مصيبت پوَيي، سوير ڪٽي مون ڏي منهن ڪرين ها. ايڏو رلائيي ڇو ٿي؟“ ائين چوندي لَسڙو ٿي ڊرڪيل قدمن سان پنتي موٽيو.

چوٽي آهي ته ’رن پٽ جو لڳي ڀاڳ، ته ڏياري جوئر جي پت کي داغ.‘ ڪريم بخش کي ميونسپالٽيءَ ۾ وڏو عهدو ملي ويو، پوءِ ته پل پلان تي وئي. هو چويس منهنجو ڪم ڪر، هو چويس منهنجو! پاڻ پانئين ته آءُ پنهنجو ڪو ڪريان ته پيريءَ ۾ سک ڏسان. نندڙا ٻچا، ٻه زالون ڪتان پورت ٿيندم روز

جواني تہ ڪانهي. هاڻ تہ ڪيس ڪري ڪري مُڇون بہ سڙي ويون اٿم. پر 'ٻَڙا سڏا وڻ، ٻڙا ڏک پاوڻ.'
ماڻهو ڪٿي تا چڙهينس اڃان صبح سان ڪاڪوس ۾ ئي هجي تہ گهل چڙهيو وڃينس ڪانئس ويهہ سال وڏي، پوڙهي ڏاڏي پوٽي زال اڳ ئي در تي ڪڙڪو ٻڌي وٺي پاراتا ڏيڻ شروع ڪندي هئي. اڄ بہ نوڪر کي رڙ ڪري چيائين:
"اي خميسا ڇورا، ٻڌين ٿو! ميرل جي پيءُ کي اڃا ڪاڪوس ۾ پنج منٽ بہ ڪونہ ٿيا آهن تہ مُئن اچي گهوڙا گهوڙا ڪئي آهي. ڪو نيرن جو ٽڪر بہ نصيب ٿيندس يا نہ؟"
"جيجي آءٌ تہ گهٽوئي ٿو چوان، چون ٿا تہ اسان جو صاحب ۾ ڪم آهي، اسان جو ڪم نہ ٿيو تہ چرخي وانگر ڦري ڦري اونڌا ٿي پونداسين."
"ابا اِهي نپٽا ڪين چڙهيندس، ٻيڙي ٻڌن ڄڻن مان اچي ڦاٿو آهي." پوڙهيءَ چڙ مان منڊيئڙيءَ کي ڏڌ ۾ زورائتو لوڏو ڏيندي چيو. ايتري ۾ باٿ روم مان فلش ڪرڻ جو آواز آيو ۽ ڪريم بخش هلڪڙو ٿي ٻاهر نڪتو.
"خميسا ڪهڙو ڪٽي گوڙ لاتو اٿئي، ٻاهر جون ڳالهيون ڇو گهر ٿو ڪرين." ڪريم بخش ٽوال سان هٿ اگهندي چيو.
"سائين ٻاهر ماڻهن گهل لاهي ڏني آهي، هڪڙي ٻانهن گڏ اٿن. جا مڙس وٽ نٽي وڃي، تنهن نبيريءَ لاءِ آيا آهن."
"هون... پوڙهي آهي جوان؟" ڪريم بخش آهستگيءَ سان پڇيو.
"سائين بس گدرو آهي گدرو!"
"اُئي ڇورا! گدرو، گدرو ڇا پيو چوين؟ ڪهڙو گدرو؟" پوڙهيءَ زال چاڏيءَ مان مکڻ ڪيندي پڇيو. اهو ٻڌي ڪريم بخش اُتي ئي ڪري خميسي کي گهٽيو:
"اڙي هل، هاٽي هل، ٻاهر هل. گهرن ۾ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪبيون آهن." ائين چوندي پاڻ ڊريسنگ روم ڏانهن وڌيو.
"ميرل جا پيءُ، ماني ڪائي پوءِ وڃجو." پوڙهيءَ کان رهيو نہ ٿيو. ڪريم بخش ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو.
"سائين جلدي ڪجو." خميسي وري ياد ڏياريس.
"ها بابا ها، اچان ٿو، هڪڙن ڪمن مان آجو ٿيان." ائين چوندي پتلون پاتائين. سڄي عمر شلوار خميس ۾ رهيو تنهن ڪري اهو لباس ڪيس ڏاڍو ڏکيو لڳندو ۽ اڪثر چوندو آهي تہ: "بندوق جي منهن ۾ پلي وڃان پر پتلون نہ پايان، عهدي ڪاڻ ڪٽي ڪارو منهن ٿو ڪريان." آخر پتلون، ٽوپلو ۽ نيڪ ٽائي پائي جيئن ئي ٻاهر نڪتو ٿي تہ ننڍيءَ زال سڏ ڪيس: "سائين مان صبح کان انتظار ۾ ويٺي آهيان، ماني ڪائي پوءِ ٻاهر نڪرو. رات بہ دير ٿي وئي هئيوَ، هاٽي تہ پور ڪايو وڃو." ڪريم بخش ننڍيءَ نيٽي زال جو چيو ڪيئن نہ مڃي، سو لاچار بہ گراهن ٽڙ تڪڙ ۾ لوڻ پاٽي ڪري ڪاڏائين. اتي وڏيءَ ڏٺو تہ

منهنجي چوڻ تي ڪونه آيو سا سَڙي پُڄي ڪباب ٿي وئي. دل ئي دل ۾ نندي ءَ لاءِ چيائين ته: ’اڄ هيءَ مرندي يا آئون.‘

ڪريم بخش ٻاهر اوطاق ۾ پهچي ماڻهن سان ڪيڪر ڪري حال احوال وٺڻ لڳو. ها بابا جڙيا، ڪر خبر؟“

”سائين خبرون مڙئي خير جون. بچل: مون وارو سالو، سيَن واري عيد تي منهنجي زال مائٽن سان ملاڻ وٺي ويو. هينئر جو آءٌ وٺڻ ويس ته ٻانهن موٽائي ڏيڻ کان صفا انڪار ڪري ويهي رهيا. تون بابو وينو آهين، ڏاڍو رُلايو اٿن.“

سائين جڙيو ڪوڙ ٿو ڳالهائي. ويچاري نياڻي جنهن کي اسان لاڏن ڪوڏن سان نپائي وڏو ڪري شادي ڪرائي سين تنهن کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيو اٿس.“ جڙئي جي سُهري ڪانپ ٻڌندي چيو. ”سڄو وقت نشاپتا ڪيو رُلندو وتي. هاڻي ته ڪَچي جي بَني به لڳائي اٿس. اجا ٽيو ڏهاڙو ايسائز (ايڪسائيز) وارا ڳوٺ تي ڇاپو هڻڻ آيا هئا، پلو ٽئي جانڻ جو جنهن حال ڳالهه ٽاري ڇڏي.“

”سائين اهي آبڪاريءَ وارا ته ائين ئي اچي رلي مئا آهن.“ جڙئي پن جي ٻيڙيءَ مان ڦوڪ پريندي چيو. ”ڳالهه ۾ نهي ڪجهه ئي ڪين، اجايو اچي پاڻ ۾ ڦٿيا آهيو.“ ڪريم بخش چيو. ”ڪٿي آهي ڇوڪري ءِ ڇوڪريءَ جي ماءُ، آءٌ ٿو وڃي ڪين سمجهايان.“

”سائين ڇوڪري پَرئين ڪوٺيءَ ۾ ويٺي آهي.“ جڙئي جي سهري وراڻيو.“ باقي سندس ماءُ توهانجي حويليءَ ۾ ويل آهي.“

”اڙي خميسا!“ ڪريم بخش زوزائتو سڏ ڪيو. ”ڪيڏانهن مري وئين؟ همراهن کي ٻاهر گلم تي ويهاري نيرن پاڻي ڪرائين ڏهه پيا ٿين، ڪو آئي وئي جو خيال به ڪونه ٿو پوندئي.“

”حاضر سائين، ماني رکي اٿن.“ خميسي فرمانبرداريءَ سان وراڻيو.

”اَبا توهان ماني کائو، اءٌ ٿو نينگريءَ کي سمجهايان. مونکي پاڻ دير پئي ٿئي. جڙيي کي به ٿو ٺُڪ لعنت ڪريان.“ ائين چوندي ڪريم بخش کي اوچتو سرڪاري ڪاغذن وارو ٿيلهو ياد اچي ويو. جيڪو تڪڙ ۾ کڻڻ ئي وسري ويس. هو ٻيهر حويليءَ ڏانهن ويو.

ڪريم بخش جي غير موجودگيءَ ۾ سندس وڏي زال جيڪا اڳ ئي پري ويٺي هئي، جنهن جي ڦٻي وات مان سدائين هڙپون هڙپون جا آواز پيا ايندا هئا سا يڪدم نندي ءَ تي وڏ ڦڙي وانگر وسڻ لڳي. ”اَئي منهنجي مڙس سان جادو ڪهڙو ڪيو اٿئي، جو هڪڙو اکر نٿو ڳالهائيم مالڪياڻي ته آءٌ هئس، تون ڪالهه آئي آهين هينئر ئي رعب ٿي جمائين.“

”مائي، ماسان گوڙ نه ڪر، اهو تون ڄاڻ تنهنجو ميرل جو پيءُ ڄاڻي، مان توهان جهڙي ڪونه آهيان. مانکي تقدير وٺي آئي آهي مانجي جند ڇڏ.“

”اِئي جند ڇڏ ڪو آءٌ توکي ڪان ٿي ڇا. ٻوٽيون پٽيون اٿمئين ڇا؟“

”ٻوٽيون پٽ وڃي پنهنجي مئن جيئرن نندين وڏن، ستن پيڙهين جون!“

”بَلي ڙي بَلي! تون اهڙي زال تي آهين جو منهنجا مئا جيئرا تي ڪڍين.“ ائين چوندي وچي چوٽيءَ ۾ هٿ وڌائينس.

اِنهيءَ اَتر ويلي ۾ ڪريم بخش به ٽيلهو ڪٽڻ لاءِ اچي پهتو: ”ڇا هي ڇاجو گوڙ آهي.“

”ڏسو نتا مان جي چوٽيءَ مَئون ڪري پڪڙيو آهيس.“ ننديءَ چيو.

”منهنجا موئا جيئرا ڪديا اٿس، سي ڪي لوهه لڙهندا هئا ڇا.“ وڏي چيو.

”هاڻي ڪريو ماٺ نه ته ڪٽي پستول ٻنهيءَ کي ٺو پورو ڪريان. ٻاهر جا ڪم نبيريان ڪي توهانجا؟ زالون ٿيو، پاڻ ۾ سَرچوَ“ ائين چوندي ٻاهر ڪوٺيءَ ۾ چوڪريءَ ڏانهن ويو.

خبر تان پئي جو گهوڙاڙي گهوڙاڙي پئجي وئي اوطاق ۾ وينل سيئي ماڻهو ڪوٺيءَ جي در وٽ اچي پڳا. ڪريم بخش جا ٻه به ويا ته ڇهه به ويا.

”ماءُ منهنجي، تنهنجي مرضي نتي وڃڻ چاهين ته نه وڃ.“ وري چور اکين سان مجمئي ڏانهن ڏسندي چيائين، ”بابا مون رڳو قرب سان نصيحت ڪئي اٿمانس ته وٺي گهوڙا گهوڙا ڪئي اٿس. بينو به ته اجهو هتي آهيان. ٻه فوت پري. وٺي وجو پنهنجي امانت.“ ائين چئي ڇڙ مان هليو ويو.

ڪريم بخش ٽيبل تي نندي‌ءَ زال سوڙو ماني ويٺي ڪاڏي ته خميسي سرڪاري خط آڻي ڏنس.

”ٻيڙيءَ ٻڌا، پاڻيءَ جو گلاس ته پياريم.“ ڪريم بخش چيو. گرانهن نِڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ٻه ڍُڪ پاڻيءَ جا پي سڄو خط پڙهڻ لڳو، پڙهڻ سان منهن هيڊو ٿي ويس، ڏک هٿيس ته رت جي ڦڙي نه هجيس. نندي زال اهو حال ڏسي وٺي پٽ وڌي. وڏي زال ڊوڙندي آئي. تنهن اچي تريون هنيس ۽ ڏک پريا سَر ڪديا. ”منهنجا ڪُلهي ڪانڌي ڪمان جهڙا ميرل جا پيءُ رلايو ٿو وڃيم روح ۾!“

”تير ڪمان جي ڏيءَ، هتي وڃ هتان! نياڳيون کهڙا ولايتي پار ڪديا اٿوَ، مونکي پنهنجي ساهه جي لڳي پئي آهي. توهان مصبتن مان ڦاٿو آهيان. ٿري وجو منهنجي اڳيان ته ڳيا ڳيا نه ڪري ڇڏيانوَ.“

ڪريم بخش سخت ڪاوڙ مان چيو. ٻئي جڻيون ڊڄي ٻيءَ ڪمري ۾ وڃي وينيون. وڏي، نندي‌ءَ کي سرخرو ٿي چوڻ لڳي، ”ادي ڏنئي، ڪنڌ لٽي جا ڪم، يارن جون ٻاهون ٿو ٻيتارن مان ڪڍي.“

توپيان مائي، ڪنهن کي ٻي سورو ويهڻ ڏين ٿي. ميرل جي پيءُ جو اهڙو حال ۽ تون ويٺي آن پٽون ۽ پاراتا ڏيڻ. تنهنجن گهپين ۽ ڪروڏن ته اهي ڏينهن ڏيکاريان آهن.“ نندي‌ءَ چيو.

”اَئي ڏينهن ڏسنئي نندیا وڏا، چئونڪ چندي، کهڙا تي ڏينهن ڏيکارين! مونکي پنجويهه سال ٿيا آهن، هن گهر ۾ پيارو مونکي آهي ڪين توکي؟ توکي پنج سال آئي مس ٿيا اٿئي سو اهڙو اچي سيڪ لڳو اَٿئي.“

”مان توبهن ڪئي، تون غصو نه ڪر، تنهنجون ئي هجي، پر شال جڙيو هجي.“

”اَئي سو آءُ ٻچيءَ ۾ ڳانو ڪري ٻڌندي مانس ڇا، مونکي اهو ڏهاڳ ڏياريو اٿئي، اجان ٺري ڪانه آهين.“

ايتري ۾ ڪوٺيءَ مان گجندڙ آواز آيو:

”او کَہرون مصيبت پئيوَ، ماٺ کنديون کي آءُ اتان، کٺان پستول!“ ڪريم بخش جي اها اصل عادت هوندي هئي جو ٿوري گهڙيءَ تي پستول ۾ هٿ وجهندو هو تڏهن زالن کي بہ ڏڪڻي وٺي ويندي هئي ۽ چپ ڪري ويهنديون هيون.

ڪريم بخش آرام ڪرسيءَ تي پريشاني مان اکيون ٻوٽيون ليٽيو پيو هو. ايتري ۾ در جي گهنٽي وڳي. سندس سنڌو قاسم علي ملڻ آيس. ايندي ئي وڏو پاڪر پائي همدرديءَ مان چيائينس، ”يار هي ڇا پيا ٻڌون!“

”سڀ ٺيڪ پيا ٻڌو ادا“ ڪريم بخش ٿڌو ساهہ کڻندي وراڻيو.

”پر ادا، هي سڀ ٿيو ڪيئن؟“

”بس ادا، جنهن موٽر تي ناز هئم سائي آڏو آيم. جنهن ٽانگي سان نفرت ڪيم سوئي نصيبن ۾ لڳم.“ ڪريم بخش هرڻي ۽ سگڻ واري مشهور ڪهاڻي جو ڊائلاگ پنهنجن لفظن ۾ دهرايو، اکين مان لڙڪ لڙي چشمي ۾ اٽڪي پيس.

”ادا دل نہ لاهي، مڙسن تي مهلون ايندي آهن اهي عهدا ۽ اقتدار تہ اچڻ وڃڻ واريون شيون آهن.“

اج بہ ڪريم بخش جو ٽانگو جڏهن ٺنڊي سڙڪ تان ٽاپ ٽاپ ڪري لنگهندو آهي تہ پاڻ چوگرد نظر ڦيرائي ٿڌو ساهہ ڀري ڇڏيندو آهي.

# موڪلاڻي

ڪمري کان ٻاهر ايندي ئي هن جي نظر پيءُ تي پئي، جيڪو الائي ڪيتري دير کان ائين ئي ورانڊي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي گلن جي ڪونڊين کي ڏسي رهيو هو. هنجي ماٺ ٻڌائي رهي هئي ته هو ڪنهن گهري سوچ ۾ غرق هو. هلڻ جو آواز ٻڌي هنجو ڌيان اوڏانهن ويو، هن ڌيءَ کي نماڻائيءَ سان مسڪرائي ڏٺو. هنجي چپن تي به بي معنيٰ مرڪ پکڙجي وئي... هوءَ وڌيڪ اتي نه ترسي سگهي ائين ئي پير ۾ پيل ميز تي رسالن کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳي... هوءَ سوچي رهي هئي... جن نظرن سان هنجي پيءُ هن کي نهاريو، اُهي هميشه جي نظرن کان ڪيتريون نه مختلف هيون! انهن ۾ خلوص ۽ شفقت نمايان هوندي هئي... پر اڄ هي نماڻائيءَ به گڏ هئي، انهيءَ نماڻائيءَ هن کي بيتاب ڪري ڇڏيو.. هو انهي نماڻائيءَ جو راز سمجهي چڪي هئي تڏهن ئي ته هو انهن کي محسوس به ڪري رهي هئي... هوءَ انهن جو تاب نه سهي سگهي ۽ وري واپس ڪمري ۾ اچي وئي.

”هوءَ بيٺي رهي ۽ ڇا ڪري...؟ ڪجهه سمجهي نٿي سگهي... اطمينان ڇڻ هن کان موڪلائي ويو هو احساس هن کي ڪجهه ڏينهن کان گهٽو تي رهيو هو، ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه سيني جي توجهه جو مرڪز هوءَ هئي. گهر جا ڀاتي هن سان اهڙو ورتاءُ ڪرڻ لڳا هئا جيئن نهايت ئي پيارو مهمان ڪجهه ڏينهن رهي رخصت جي تياري ڪندو هجي.

هوءَ آرسيءَ وٽ اچي ڦٽي ڏيڻ لڳي، ڪنهن جي قدمن جو آواز ٿيو، هن ڪنڌ ورائي اچڻ واري ڏانهن نهاريو اهو هن جو ننڍو ڀاءُ هو.

’سومر اڱارو‘ پنهنجن ڀن آڱرين کي سامهون جهلي هن مسڪرائيندي چيو ۽ ڪمري مان بي معنيٰ چڪر ڏيئي هليو ويو.. ڪيترو نه احساس هو ڪيس انهن ٻن ڏينهن جو.. سندس بي جان مرڪ ٻڌائي رهي هئي. ڦٽي ڏيندي هن جا هٿ رڪجي ويا... يڪدم هن کي احساس ٿيو ته پنهنجي گهر ۾ صرف هوءَ به ڏينهن ئي آهي اهو گهر، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جا ارڙهن سال گذاريا، هاڻ ان ۾ ڪيس به ڏينهن رهڻو هو.. صرف ٻه ڏينهن.. بس ٻه ڏينهن! ٻه ڏينهن هن جي دماغ ۾ ڄڻ سمائجي ويا هئا.

هوءَ غير ارادي طور رڌڻي ڏانهن وئي- هميشه وانگر ڪڇهري متل هُئي... هرڪو چانهه پي رهيو هو، هوءَ چانهه ته نه پيئندي هئي پر ڪڇهريءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ رڌڻي ۾ ضرور ويندي هئي... هن ڀاڄائيءَ سان ذهني پريشاني جو ذڪر ڪندي چيو، ”هاڻ ته هٿ رڳو ٻن ڏينهن جي مهمان آهيان ڀاڄائي!“

”ائين ته نه چئو، منهنجو هنياءُ ٿو ڦاٽي!“

هن جي ماءُ دانهن ڪندي چيو ۽ هو نماڻائيءَ سان مسڪرائڻ لڳي. چوگرد نظر وڌائين، سيني جون اکيون لڙڪن سان ٽمٽار هيون.... هن پاڻ کي ڀين تي ظاهر نه ڪرڻ جي خيال کان بظاهر کلندي چيو:

”وڃان ٿي، وڃان ٿي!! توهان ته اڄايو روئڻ شروع ڪيو آهي.“

”ها، وڃ، وڃ! ترا“ هن جي ماءُ ڏک ۾ روئڻ لڪائڻ لاءِ ظاهري سختيءَ سان چيو، مگر انهيءَ ظاهري سختيءَ ۾ هوءَ ماءُ جي پرخلوص دل ۾ لڪل جدائي جي غم کي سڃاڻي وئي هئي...
ڪمري ۾ آئي ته دريءَ مان ٿڌڙي هير هن جي پسيل ڳلن کي لڳي، هن کي ڏاڍي فرحت محسوس ٿي. هن جي دل ۽ دماغ به انهيءَ فرحت کان متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهيو...
”تون منهنجي جنت آهين“... پرڪيف هوا ۾ هڪ نرم ۽ پياري آواز جو احساس هو جنهن سبب چپن تي مرڪ پکڙجي وئي، اهڙي مرڪ جيڪا صبح جو سويري باغ ۾ مکڙين جي شرميلي منهن تي هوندي آهي!... ڪيترو نه اعتماد هو انهن لفظن ۾! ڪيتري نه محبت هئي!
”مون وٽ صرف تنهنجي لاءِ پيار آهي... ۽ بيحد گهڻو پيار... پيار ئي پيار...! ٻيو ڪجهه به نه...“ ۽ هنجو پيارئي ته هن لاءِ سڀ ڪجهه هو، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي!
پر ڇا هو هميشه ائين ئي رهندو...؟
هڪ مٺاچرو خيال هنجي ذهن ۾ آيو، الائي مٿان ناراض ٿي وڃي...
غلط فهميون پيدا ٿين... پوءِ...! ڇا ٿيندو؟
”تون اجا به ائين سوچي سگهين ٿي؟ آءُ توکان ناراض ٿي سگهندس؟ آءُ ڪنهن جي چوڻ تي چو لڳندس، ڪير توکي منهنجي خلاف ڪجه چوي ته ان تي اعتبار ڪنديندءَ؟ نه، ته پوءِ منهنجي لاءِ ائين چو سوچيئي؟ پنهنجي زندگي کان ڪڏهن پري ٿيو آهي؟...“
معصوم ۽ ٿڌڙو آواز هنجي ڪنن ۾ جڻ سرگوشي ڪئي... پوءِ هن کي ائين محسوس ٿيو جيئن سخت اڄ ۾ ٿڌو ۽ فرحت بخش پاڻي پي وئي هجي!
”آئون توکي پنهنجو اعتبار سمجهندو آهيان... تون خود هاڻي اعتبار آهين...“
”مان توکي ايترو پانيان ٿو جو دنيا جون سڀ چاهتون منهنجي چاهت اڳيان نامڪمل آهن.“
صرف عورتون ئي وفادار نه هونديون آهن مرد به وفا جا پتلا ٿيندا آهن.
”آئون ڪيترو به برو سهي، ڪيترو به خراب سهي، مگر هڪ ڳالهه ياد رکجانءِ... مون کي ڪڏهن به پاڻ کان جدا نه سمجهجانءِ... ڪڏهن به نه سمجهجان... ڪڏهن به نه...!“
”ياد؟ ڪنهنن کي ياد ڪريان تون ياد بڻجي دماغ تي ڇانئجي وئي آهين...“
هن مسرت کان بي قابو ٿيندي پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. هوا هن کي پنهنجي نرم نرم جهوٽن سان اتي ئي سمهاري ڇڏيو.
ٻي واري هال ۾ ٻارن جي گوڙ کان هن جي اک کلي وئي؛ هن کي ڪاوڙ کان پيشانيءَ تي گهنڊ پئجي ويو هن چاهيو ته وڃي ٻارن کي خوب دڙڪا ڏي، پر اوچتوئي هن کي ڪجهه ياد اچي ويو هوءَ ائين نه ڪري سگهي، هن کي ڏک ٿيڻ لڳو ته ٻارن کي دڙڪن ڏيڻ لاءِ سوچيو ئي ڇو!
هن پنهنجي ڪمري جي هر شيءِ تي نظر وڌي. انهن سيني جو هاڻ ڇا ٿيندو...؟

۽ پوءِ ڪجهه سوچي هن پنهنجي سيني شين کي مضبوطيءَ سان تالي ۾ بند ڪري ڇڏيو. هن کي ڪجهه ڏينهن اڳ پائرن جو تنگ ڪرڻ ياد اچي ويو:

”هاڻي هن ڪمري ۾ تنهنجو حق نه رهندو.“

”ڇو ڪونه رهندو.“

”ڇاڪاڻ ته هاڻي هيءَ اسان جو آهي. هي ڪٻٽ به اسان جو، ميز به اسان جي، ڪتاب به اسان جا، سڀ شيءِ اسانجي!“

”هون، ڇو ڀلا. اهي سڀ شيون منهنجون ئي رهنديون آئون ايندس به ته پيئي نه آخر.“ هن پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني.

”اوهون. اهي قبضا ڪونه هلندا، هاڻي اسين مالڪ آهيون. ڪيئن ڇينا؟“ وڏي ڀاءُ نندي کي هُشي ڏني.

”منهنجي ٻچڙيءَ جو هيانءُ ڇو ٿا ڪڍو.“ ماءُ ٻارن کي دڙڪا ڏيندي ڌيءَ جو پاسو ڪنيو.

”امان ڏس نه، اجان به پيا ستائين.“

”نه ڌيءَ توسان پوڳ ٿا ڪن، ڪير به تنهنجي شيءِ کي هٿ نه لاهيندو تون ڪوبه خيال نه ڪر.“

ڪيس وري اطمينان ٿيو، ڀلا مذاق ته ڪونه هو جو پنهنجي سالن جي ساهه سان سانديل ننڍڙي دنيا ٻارن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ اهو به جيئري! مگر ڪاش هن کي ڪنهن شيءِ سان به محبت نه هجي ها! هن سوچيو، نه گهر سان نه ماءُ سان، نه ڀاءُ پيڻ سان... نه ته انهن سيني کي ڇڏي وڃڻ جو هن کي بلڪل ڏک نه ٿئي ها. هو پنهنجي نئين منزل ڏانهن، اکين ۾ انهن جي ياد جا لڙڪ پرڻ ڪانسواءِ ئي رخصت ٿي وڃي ها.

اڄ متس الوداعي نظرون پئجي رهيو هيون، هن جي زندگيءَ جو هڪ دؤر ختم ٿي رهيو هو.. هن تي گهبراهٽ طاري ٿيڻ لڳي.... هن جو ذهن ڄڻ ته مائوف ٿي ويو ۽ پوءِ اها شام به اچي وئي جنهن ۾ هن کي چادر ۾ لڪايو ويو.. الائجي چادر ۾ ڪهڙو اثر هو، جنهنجي پوڻ سان هو خاموش ٿي وئي هئي.... هو ڪجهه نه سوچي رهي هئي... ڪجهه نه ڳالهائي رهي هئي. هن جون سڀ قوتون ڄڻ ختم ٿي ويون هيون. هن پنهنجو جهڪيل سر ٿورو مٿي ڪنيون... اوچتو هن جي نظر سامهون وئي... اُف! اها ڪهڙي ناقابل فراموش گهڙي هئي....!

هن ڏٺو، هن جو ننڍو ڀاءُ بند ٿيل دروازي جي شفاف شيشي مان معصوميت سان ڏسي رهيو هو.. سندس اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ چهري تي مرڪ! مگر اهڙي مرڪ جنهن ۾ لڙڪن کان به گهڻو درد هو.. تمام گهڻو درد هو...!

هن جي دل تي زور سان ڌڪ لڳو گلي ۾ جهڙا وڏ پوڻ لڳس ۽ هن هڪ وڏي اوڇنگار سان پنهنجو سِر وري جهڪائي ڇڏيو!

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book